ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
68 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 21 جولاءِ 2026ع 06 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو(335)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Tuesday 21st July 2026
سال (18) اڱارو 21 جولاءِ 2026ع 06 صفرالمظفر 1448هه صفحا 06 - ملهه 30 وپيه شمارو (298)
Daily Ibrat Karachi

ايران جا ٽن مرحلن ۾ آمريڪي فوجي اڏن تي حملا ڪيئي آمريڪي فوجين کي مارڻ جي دعويٰ

آپريشن نصر 2 جي 23هين لهر دوران خطي ۾ موجود آمريڪي فوجي ٺڪاڻن تي حملا، بحرين ۽ ڪويت ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن کي وڏي پيماني تي ميزائلن ۽ ڊرونز ذريعي ٽن مرحلن ۾ نشانو بڻايو ويو

پهرئين ۽ ٻئي مرحلي ۾ بحرين جي الشيخ ايئرپورٽ تي موجود آمريڪي يونٽن جي ڊرونز جي سارسنڀال ۽ مرمت وارن ٺڪاڻن، سلمان پورٽ تي آمريڪي ٽي ايف- 59 يونٽ جي تياري وارين سهولتن تي حملا

ٽئين مرحلي ۾ ڪويت جي عريفجان فوجي اڏي تي آمريڪي اسپيشل فورسز سهائتا ۽ فوجي سلمان سان لاڳاپيل انفراسٽرڪچر تباهه ڪيو ويو، خطي ۾ آمريڪي فوجن خلاف ڪارروايون جاري رکڻ جو اعلان

ملڪ جو فضائي دفاعي نظام ايران طرفان ڪيل ميزائل ۽ ڊرون حملن کي روڪڻ لاءِ سرگرم، ڌماڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ته اهي دشمن جي حملن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ فضائي دفاعي نظام جي ڪارروائين جو نتيجو آهن: ڪويتي فوج

اردن جي عوام ۽ فوج وٽان حاصل ٿيل درست معلومات جي بنياد تي الزرق جي علائقي ۾ موجود 20 بنڪرز کي نشانو بڻايو ويو، آمريڪي فوجي موجود هيا، پاسداران انقلاب موجب ان حملي ۾ آمريڪي فوج جا ڪيترائي فوجي ۽ اهلڪار مارجي ويا: ايران

تهران/ڪويت سٽي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايران جي پاسداران انقلاب دعويٰ ڪئي آهي ته هن بحرين ۽ ڪويت ۾ موجود آمريڪي فوجي اڏن کي وڏي پيماني تي ميزائلن ۽ ڊرونز ذريعي ٽن مرحلن ۾ نشانو بڻايو آهي پاسداران انقلاب جي سڏ سماءَ واري شعبي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

گلوبل وارمنگ سبب ڪراچي جي سمورن ساحلي علائقن ۾ قلم 144 لاڳو

سمنڊ ۾ وهنجڻ ترڻ غوطا هڻڻ ۽ ٻين آبي سرگرمين تي مڪمل پابندي لاڳو رهندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلوبل وارمنگ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪئناڊا پاران پاڪستان ۾ دهشتگردي جي خاتمي، سيڪيورٽي ۽ ترقياتي منصوبن لاءِ 4 ڪروڙ 70 لک ڊالر امداد جو اعلان

پرڏيهي وزارت ۾ ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان ملاقات ڪئي ٻطرفي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم

قونصلر معاملن واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي ڪاروباري ادارن ۾ رابطي کي فروغ ڏيڻ سميت ڪانسولر افغانستان ۽ دهشتگردي جي خاتمي ۾ تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي

نائب وزيراعظم جمون ۽ ڪشمير مسئلي کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل قرارداد تحت منصفاڻي حل ۽ سنڌ طاس معاهدي جي بحالي جي حمايت جي پڻ اپيل ڪئي

ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير جي ايچ ڪيو راولپنڊي ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير سان ملاقات ڪئي دهشتگردي سميت ٻين گڏيل خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پاڪستان جي ڪوشش، قربانين ۽ ڪردار کي سميت خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي واڌاري لاءِ پاڪستان جي تعميري ڪوشش جي ساراهه

ملاقات دوران پاڪستان ۽ ڪئناڊا وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ، دفاعي سهڪار وڌائڻ ۽ سيڪيورٽي شعبن ۾ رابطن کي مضبوط ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڪئناڊا واپار سيڙپڪاري، سيڪيورٽي ۽ ترقياتي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو آهي ٻنهي ملڪن ٻطرفي رابطن کي اداراجاتي بنيادن تي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو جڏهن ته ڪئناڊا پاڪستان ۾ سيڪيورٽي ۽ ترقياتي منصوبن جي لاءِ 4 ڪروڙ 70 لک ڪينيڊين ڊالر ڪان وڌيڪ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ڪئناڊا پاران واپار، سيڙپڪاري، سيڪيورٽي ۽ ترقياتي شعبن ۾ تعاون کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق

ملاقات دوران ٻنهي ملڪن ٻطرفي رابطن کي اداراجاتي بنيادن تي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو

ڪئناڊا جو پاڪستان ۾ سيڪيورٽي ۽ ترقياتي منصوبن جي لاءِ 4 ڪروڙ 70 لک ڪينيڊين ڊالر ڪان وڌيڪ جي مدد جو اعلان

قونصلر معاملن ۽ عوامي رابطن جي فروغ ڪانسولر افغانستان ۽ دهشتگردي جي خاتمي ۾ تعاون تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ ڪئناڊا واپار سيڙپڪاري سيڪيورٽي ۽ ترقياتي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ تي اتفاق ڪيو آهي ٻنهي ملڪن ٻطرفي رابطن کي اداراجاتي بنيادن تي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ ڪئناڊا ۾ ڪينولا جي درآمد بابت فائٽو سينيٽري ضابطن جي پروٽوڪول تي صحيحون

ڪئناڊا کان درآمد ڪئي ويندڙ جينياتي طور تي تبديل ٿيل ڪينولا جي لاءِ نباتاتي تحفظ بابت درآمدي گهرجون طئي ڪيون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران برطانيا جي نئين چونڊيل وزيراعظم کي مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

لا اينڊ جسٽس ڪميشن جي انٽرنيشنل ڪمرشل ڪورٽ جي قيام لاءِ آئيني ترميم جي سفارش

لا اين ۾ نئون آرٽيڪل 212 اي شامل ڪرڻ جي سفارش ڪندي آئيني ترميم جي تجويز وفاقي حڪومت کي قانون سازي لاءِ موڪلڻ جو فيصلو

اجلاس ۾ بينڪنگ ڪمپنيز آرڊيننس 1962ع جي شق اي 3 (اي 1) ۾ جاڳايل ترميم جي به منظوري ڏني وئي

بينڪنگ محتسب جو دائري اختيار مائيڪرو فنانس بينڪن ۽ مالياتي ادارن جي صارفين تائين توسيع ڏئي سگهبي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت هيٺ لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان جي 49هين اجلاس ۾ ملڪ ۾ انٽرنيشنل ڪمرشل ڪورٽ آف پاڪستان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي جي صدارت ۾ لا اينڊ جسٽس ڪميشن جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

بلوچستان کي پٽ فيڊر ڪينال ذريعي پاڻي جي فراهمي هر حال ۾ يقيني بڻائي وڃي: جام خان شورو

پاڻي جي ڪوٽ واري معاملي تي بلوچستان جي اعليٰ سطحي وفد سنڌ جي آبپاشي واري وزير سان ملاقات ڪئي

سنڌ حڪومت آبي معاهدي تحت بلوچستان کي پاڻي جي فراهمي لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکندي: صوبائي وزير

صوبي ۾ قائم سمورن غيرقانوني واٽر ڪورسز خلاف بنا امتياز جي سخت ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان ۾ پاڻي جي ڪوٽ واري معاملي تي بلوچستان جي چئن ميمبرن جي اعليٰ سطحي وفد سنڌ جي آبپاشي واري وزير جام خان شورو سان اهم ملاقات ڪئي جنهن دوران گڏيل آبي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عبرت جو بيورو چيف مجيد عباسي صدر آصف زرداري ۽ ناصر شاهه سان گڏ بيٺل آهي

نورين نيازي جو پاڪستان مخالف بيان ناقابل قبول، ناقابل معافي ۽ قومي مفادن جي خلاف آهي: بئريسٽر دانيال چوڌري

راولپنڊي (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات بابت وفاقي پارلياماني سيڪريٽري

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل نوجوان علاج دوران فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڊيفنس فيز

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ايٽمي بجلي گهر تي حملو عدم استحڪام سبب صورتحال جي ذميواري آمريڪا تي لاڳو ٿئي ٿي: ايران

ٿيندڙ بدامني ۽ عدم استحڪام جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي ذميواري مڪمل طور تي آمريڪي حڪومت تي لاڳو ٿئي ٿي

ايران ان جارحيت جي سخت مذمت ڪري ٿو ۽ پنهنجي قومي مفادن ۽ سلامتي جي دفاع لاءِ مناسب قدم کڻندو

تهران (اي پي پي) ايران جي نائب پرڏيهي وزير ڪاظم غريب آبادي چيو آهي ته تعمير ٿيندڙ ايٽمي بجلي گهر تي آمريڪي حملي ۽ عدم استحڪام جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي ذميواري آمريڪا

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي کي مثالي شهر بڻائڻ لاءِ ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن: ناصر شاهه

پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت اهم منصوبا هلي رهيا آهن

ترقياتي منصوبن جي جلد پڄاڻي سان شهرين کي بهتر سفري سهولتون ملنديون ۽ ٽريفڪ جا مسئلا گهٽ ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري وزير ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: هڪ چنگچي رڪشا تي رکيل گاهه تي نوجوان ويٺل آهن

چمبڙ مدرسي واقعي ۾ گرفتار نور علي ٻبر جي وارثن جو پوليس جاچ تي بي اعتمادي جو اظهار

ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو مردن ۽ عورتن جو احتجاج، شفاف انڪوائري جو مطالبو

هڪ طرفي ڪارروائي ٿي پئي، مدرسي انتظاميه ۽ ٻين ماڻهن کي به جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي: مظاهرين

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار چمبڙ مدرسي ۾ ٻار سان مبينا بدفعلي بعد قتل ماسرو. ڪيس ۾ گرفتار نور علي ٻبر جي وارثن

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ چوڪي گهٽي ۽ الرحيم شاپنگ سينٽر جي دڪاندارن جي احتجاجي ريلي

عدالتي حڪم تي مارڪيٽ خالي ڪرائڻ خلاف سوين واپارين جي پريس ڪلب آڏو مظاهرو

پوليس ۽ اعليٰ اختياريرن کان معاملو حل ڪري متاثر واپارين کي انصاف ڏيڻ جي اپيل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ عدالت

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: منشيات فروش انمول عرف پنڪي جو پاءُ ڪامران جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جمشيد ڪوارٽرز پوليس منشيات فروش ملزم انمول عرف

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي پاران "مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون" تحريڪ جو ٻيو مرحلو شروع ڪرڻ جو اعلان

پاڻي تي ڌاڙي خلاف بلاول ڀٽو زرداري جي نعري تحت 24 جولاءِ تي سڄي تعلقن ۾ ريليون ڪڍيون وينديون

سي سي آءِ جي فيصلي کان اڳ جلال پور ڪينال ۾ پاڻي ڇڏڻ غير آئيني عمل آهي

ڪنهن کي به سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙي ذريعي عوام کان زندگيون کسڻ نه ڏينداسين: نثار کهڙو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙي خلاف "مرسون مرسون سنڌو نه ڏيسون" جي نعري هيٺ احتجاجي تحريڪ جو ٻيو مرحلو شروع ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي اهڙو اعلان پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو سومر ڏينهن جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ ڪندي چيو آهي ته سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙي خلاف مرسون مرسون

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: چوڪي گهٽي ۾ دڪان سيل ٿيڻ بعد دڪاندار پريشان ويٺل آهن

ميهڙ ۾ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ 13 ورهين جو نينگر چيپاٽجي فوت

انڊس هاءِ وي تي سٽي هوٽل پرسان تيز رفتار ڪار نويد ڪوسو کي ٽڪر هنيو

نينگر کي لاڙڪاڻي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

حادثي جي وقت موجود ماڻهن ڪار ڊرائيور عمران چانڊيو کي پڪڙي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ميهڙ (رپورٽ: نعمت الله مهيسر) ميهڙ انڊس هاءِ وي تي سٽي هوٽل پرسان تيز رفتار ڪار 13 سالن جي نينگر نويد ڪوسو ولد نديم ڪوسو کي چيپاٽي ڇڏيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ تعلق اسپتال

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پاڪستان ۽ ڪئناڊا وچ ۾ ڏاهه تي صحيحون ڪيون پيون وڃن

پاڪستان ريلوي ۾ وي آءِ پي ڪلچر جي مڪمل خاتمي جو اعلان

اعليٰ آفيسرن جي خصوصي سيلونز ۽ ريسٽ هائوسز جي وي آءِ پي رومز جي استعمال تي پابندي

ريلوي هڪ قومي اثاثو آهي، سمورن وسيلن تي پهريون حق پاڪستان جي عام عوام جو آهي: حنيف عباسي

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي پاڪستان ريلوي ۾ اعليٰ سطح جي وي آءِ پي ڪلچر جي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

آبناءِ هرمز کي کليل رکڻ ۾ ٻيا ملڪ به ذميواري ادا ڪن: آمريڪي پرڏيهي وزير

آمريڪا نه صرف جهازن جي تحفظ ۾ مصروف آهي پر حملي آور کي به نشانو بڻائي رهيو آهي

آمريڪا هاڻي به سفارتي حل لاءِ تيار آهي، آمريڪا هميشه سفارتي حل جي حق ۾ آهي: مارڪ روبيو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي پرڏيهي وزير مارڪو روبيو چيو آهي ته آبناءِ هرمز کي کليل رکڻ ۾ ٻيا ملڪ به پنهنجي ذميواري ادا ڪن پرڏيهي ميڊيا مطابق آمريڪي پرڏيهي وزير آسيان جي پرڏيهي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير ناصر شاهه پرڏيهه مان علاج بعد ڏيهه واپس پهچي ويو

سنڌ جي صوبائي وزير ناصر شاهه 15 ڏينهن ابوظهبي جي اسپتال شيخ النهيان ۾ علاج ڪرايو

صدر مملڪت آصف علي زرداري طرفان بلاول هائوس مان صوبائي وزير ناصر شاهه لاءِ گلدستو موڪليو ويو

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جو صوبائي وزير ناصر شاهه 15 ڏينهن ابوظهبي جي اسپتال شيخ النهيان ۾ پنهنجو علاج ڪرائڻ بعد گذريل ڏينهن واپس ڪراچي پهچي ويو واضح رهي ته جسماني وزن واري

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: يو اين وومين جو سربراهه محمد ناصري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ سان ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ مختلف واقعن ۽ حادثن ۾ عورتن سميت 5 ڄڻا فوت

جوهر آباد ۾ گهر مان نوجوان محمد علي ولد محمد رفيق جو ڦاهو لڳل لاش مليو

لي مارڪيٽ ۽ پنجاب چورنگي جي علائقن ۾ حادثن سبب به ڄڻا فوت ٿي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ عورتن سميت 6 ڄڻا فوت ٿي ويا. جوهر آباد ٿاڻي جي حد ايف بي ايريا

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ مان اغوا ٿيل نياڻيون بازياب نه ٿيڻ افسوسناڪ ڳالهه آهي: صدرالدين شاهه

مهانگائي عوام جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي، ماڻهو سخت معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏين پيا

فنڪشنل ليگ عوام جي حقن جي تحفظ ۽ سنڌ جي بهتري لاءِ جدوجهد جاري رکندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر ۽ اڳوڻي وفاقي وزير سيد صدرالدين شاهه راشدي سان

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڪراچي يونيورسٽي جي وي سي کي سنڊيڪيٽ اجلاس ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خالد عراقي پنهنجي مدي جي پڄاڻي واري ڏينهن اجلاس طلب ڪيو

يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي اجلاس نئين وائيس چانسلر جي صدارت هيٺ طلب ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت ڪراچي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر کي سنڊيڪيٽ جو اجلاس منعقد ڪرڻ کان

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نوجوان ناري گهر اندر پراسرار نموني زهريلي شيءِ کائڻ سبب فوت

اورنگي ٽائون محمد آباد ڪالوني ۾ 20 ورهين جي ورده ڌيءُ عبدالخالق جي اوچتو طبيعت خراب ٿي

ڪيس فوري طور عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي علاج دوران فوت ٿي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون جي رهواسڻ هڪ نوجوان ناري گهر اندر پراسرار نموني زهريلي شيءِ کائڻ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ريجهو سنڌ، بلوچستان سرحدي رستن تي نگراني سخت ڪرڻ جي هدايت

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان اي آءِ جي سي ٽي ڊي سنڌ سان گڏجي چيڪ پوسٽن جو دورو ڪيو

سمورن داخلي ۽ خارجي رستن تي سخت چيڪنگ ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي سنڌ سان گڏجي شهر جي داخلي ۽

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اڏيرو لال: مال گاڏي سان حادثي بعد ٽرين سروس بحال ڪئي وئي آهي

دادو ۾ 51 دڪان سيل ڪرڻ خلاف انجمن تاجران جو احتجاجي مظاهرو

16 ڏينهن کان وچ شهر ۾ هول سيل مارڪيٽ جا 51 دوڪان بند پيل آهن: اڳواڻ

26 ڪروڙ رپين جو سامان بند دڪانن ۾ خراب پيو ٿي، حڪومت بيروزگاري وڌائي پئي

آءِ جي سنڌ سان ملاقات بعد مسئلو حل نه ٿيو ته سخت احتجاجي تحريڪ هلائينداسين

دادو (رپورٽ: ولي محمد لنڊ) محافظ شاپنگ سينٽر دادو جا 51 دوڪان 24 ڪلاڪن جي نوٽيس تي خالي ڪرائڻ ۽ سيل ڪرڻ خلاف انجمن تاجران ضلع دادو جي اڳواڻن احتجاجي مظاهرو ڪري سخت ردعمل ظاهر

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف پاران اينڊي برنهم کي برطانيا جي وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪون

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار پاران ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند جي اعزاز ۾ مانجهاندو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن بابت نئون نظام لاڳو، حڪومت تفصيل جاري ڪري ڇڏيا

هاءِ پيٽرول ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جون ايڪس ڊيپو قيمتون روزاني بنيادن تي جاري ڪيون وينديون: وفاقي حڪومت

پيٽروليم شين جي اگهن جي منظوري لاءِ وزيراعظم يا وفاقي حڪومت کان ڌار منظوري جي ضرورت نه هوندي

نئين نظام تحت اوگرا قيمتن جو تعين گذريل ستن ڏينهن جي عالمي مارڪيٽ ۾ ايوريج اگهن جي بنياد تي ڪندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي ڪابينا طرفان پيٽروليم شين جي اگهن بابت نئين پرائسنگ ميڪنزم جي منظوري ڪانپوءِ ان جا تفصيل سامهون اچي ويا آهن جنهن تحت هاءِ پيٽرول ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جون ايڪس ڊيپو قيمتون روزاني بنيادن تي جاري ڪيون وينديون دستاويزن موجب آئل اينڊ گيس ريگيوليٽري اٿارٽي (اوگرا) هاءِ

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

حماس ڊاڪٽر خليل الحيه کي نئون سربراهه مقرر ڪري ڇڏيو

ڊاڪٽر خليل الحيه کي تنظيم جي سياسي بيورو جو نئون سربراهه چونڊيو ويو

دوحا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) فلسطيني مزاحمتي تنظيم حماس ڊاڪٽر خليل الحيه کي تنظيم جي سياسي بيورو جو نئون

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ ڪاروباري ضابطن ۽ ڪاروباري ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ روڊ ميپ تحت جامع پاليسي دستاويز پيش

ايس ايم ايز اسٽارٽ اپس ۽ نوجوانن ۽ عورتن جي اڳواڻي ۾ ادارا - ٽئين ضابطن ۽ اوورليپنگ طريقيڪار جهڙن چئلينجن کي منهن ڏين ٿا: بريفنگ

اهي سڀ ادارا ريگيوليٽري گهرجن جي تعميل جي خرچن ۾ نمايان گهٽتائي آڻيندا، سيڙپڪاري لاءِ سازگار ماحول جي ضرورت آهي

اسلام آباد (خصوصي رپورٽ) فريڊم گيٽ پراسپيريٽي (FGP) لاڳاپيل وفاقي وزارتن، ريگيوليٽري ادارن ۽ سرڪاري ادارن کي "پاڪستان ۾ ڪاروباري ضابطن کي آسان بڻائڻ ۽ ڪاروباري ماحول کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ روڊ ميپ" جي عنوان سان هڪ جامع پاليسي دستاويز پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ مربوط اصلاحن تي زور ڏنو ويو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

نائيجيريا ۾ فورسز تي دهشتگردن جو حملو 16 اهلڪار مارجي ويا، 23 زخمي

جوابي ڪارروائي ۾ 15 دهشتگرد مارجي ويا، 5 موٽر سائيڪلون قبضي ۾ ورتيون ويون

نيامي (اي پي پي) اولهه آفريقي ملڪ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ منظم ڏوهاري گروپن، منشيات فروشن ۽ دهشتگردن جي سهولتڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي: وڏو وزير

صوبي ۾ امن امان جي صورتحال بابت اعليٰ سطحي اجلاس ۾ مختلف سيڪيورٽي معاملن تي غور ويچار

هلندڙ سال وڏن ڏوهن، دهشتگردي سان لاڳاپيل واقعن ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي: بريفنگ

چيني شهرين، پرڏيهي مشنن حساس تنصيبات ۽ مذهبي گڏجاڻين لاءِ فول پروف سيڪيورٽي يقيني بڻائڻ جي هدايت

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي سڄي صوبي ۾ امن امان جي مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو جي ڪيس آگاهه ڪيو ويو ته انٽيليجنس تي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

لنڊي ڪوتل: برسات اچڻ بعد ندين نالن ۾ پاڻي جي سطح وڌڻ ڪانپوءِ مسافر پاڻي مان گذري رهيا آهن

سنڌ حڪومت محدود وسيلا هجڻ باوجود عوامي خدمت جا نوان معيار قائم ڪيا آهن: شرجيل ميمڻ

ڪجهه ماڻهو رڳو پريس ڪانفرنسون ڪندا رهيا، اسان جديد منصوبن وسيلي کين عملي جواب ڏنو آهي

صوبائي حڪومت جي منصوبن کي وفاق طرفان سهڪار ملي ته نتيجا وڌيڪ تيزيءَ سان عوام تائين پهچندا

پ پ حڪومت تي تنقيد ڪندڙ ٻڌائين ته انهن ڪهڙو منصوبو ڏنو جنهن تي عوام فخر ڪري سگهي

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: فريڊم گيٽ پراسپيريٽي جو سي او محمد انور تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي مان اغوا ٿيل ٻن ورهين جو معصوم ٻارڙو ٺٽي پرسان بازياب

منگهوپير پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي مغوي ٻار آذان علي خان کي بازياب ڪرايو

واقعي ۾ ملوث جوابدار يا جوابدارن جي ڳولا ۽ گرفتاري لاءِ پوليس جون ڪارروايون جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي نئين ناظم آباد مان ٻه ڏينهن اڳ اغوا ٿيل ٻن ورهين جي معصوم ٻار آذان علي خان

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ملڪي معيشت کي وڌيڪ زوال کان بچائڻ لاءِ فوري قدم کڻڻا پوندا: حليم عادل شيخ

مهانگائي سبب ملڪ جي اڌ کان وڌيڪ آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري پئي

جيستائين ملڪ ۾ سياسي استحڪام نه ايندو تيستائين معاشي استحڪام به ممڪن ناهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ ملڪ جي موجوده سياسي ۽

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

عوامي ڀلائي، روزگار ۽ پائيدار معاشي ترقي لاءِ منصوبن کي وقت تي مڪمل ڪرڻ اولين ترجيح آهي: وزيراعظم

وزيراعظم سان منصوبابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال پي ايم هائوس ۾ ملاقات ڪئي

وفاقي وزير وزيراعظم کي جاري ترقياتي منصوبن، انهن تي ٿيندڙ اڳڀرائي ۽ مستقبل جي لائحه عمل کان آگاهه ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته عوامي ڀلائي، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ پائيدار معاشي ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ ترقياتي منصوبن کي وقت تي مڪمل ڪرڻ

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو واحد فئملي ڊائجسٽ هزارداستان جولاءِ 2026ع جو شمارو
هن شماري ۾ پڙهندا
هن شماري ۾ خاص خاص..
عالمي ادب مان
- آلو بخارا — رشاد نوري گوٽنڪين
- سنڌي ادب جي خزاني مان
- دائرو — آغا سليم
- نيٺ گونگي ڳالهايو — امر جليل جو ناول
سنڌي ادب جي خزاني مان
- اولڙن پنيان ڊوڙ - علي بابا
- خواب جي منزل - آغا سليم
- عينڪ جو آواز - نادر بيگ مرزا
هر هنڌ موجود
طبعزاد نڪور ڪهاڻيون
- اڪين جي پياس - پرويز
- ڏيپي جي ماڙي - حميد ابڙو
- عشق، محبوبه ۽ ليڪ - يار محمد چانڊيو
- ناڪاميءَ جو امتحان - نادر ڪولاچي
- پوءِ.... - وفا گل محمد جمالي
- ڪوڙي ڪهاڻي - امداد عاجز نصيراڻي
- زندگي هڪڙو چيڪ - خادم حسين جروار
نئون دور، پراڻي ڪهاڻي - شنقت حسين وڏو
ماهوار سلسلا
- نيٺ گونگي ڳالهايو - قسطوار ناول
- ازبڪستان عاليشان- سفرنامو
- خوشبو خوشبو خيال
ڪوتاڻگر
علي دوست عاجز، وسيم سومرو، ساحر راهو، ستار سروهي، شبانه عالماڻي، نسرين سيد، رضا علي چانڊيو، وفا رياض احمد لورڪ، منظور 'مَنُ' ابڙو، الطاف انصاري، اداسي عبدالقادر ننڊواڻي، آزاد خاصخيلي، شميم سومرو، حيدر مهراڻي، مير مختيار ٽالپر، فياض جتوئي، دوست علي احمداڻي، حسيب رجيرو، گل حسن ساگرڪوري، آثر ارباب، حڪيم پريم چانڊواڻي، ستار بادل بخاري، مسافر هاليپوٽو، باغي محسن، گلزار احمد درس، غلام مصطفيٰ ڪولاچي، غلام آدرش، معظم علي مهيسر، علي خان چانڊيو، عبدالله آس هنگورجو، سرفراز صدف، ناياب منگي، صادق لاشاري، مختيار سهتو، امير بخش پتافي، عبدالوحيد خواجا، انور سانول، وفا يوسف ملاح، بنگل زنڊپور، وفا گل محمد جمالي، هوش ڪوسو، سردار خاتون جمالي، شاد شڪور، غلام رسول گل، اڪبر عارباڻي، رياض مشوري، عبدالحميد جسڪاڻي، امداد 'عاجز' نصيراڻي، بيوس سجاد ابڙاڻي، حافظ امير پيرزادو، منظور احمداڻي، فاروق رضا لوهار، بيوس امداد گهنجو، عبدالغفور ٻڙدي، نظير احمد چانگ، درد هوش محمد ابڙو، گهايل مغيري، ممتاز علي ترواسي، ارباب عادل چوهاڻ، علي اڪبر چانگ، آڪاش ميراڻي، علي محمد وڪيو، سڪندر سرواڻ، سميع ساجد جوڻيجو، اطهر منگي ۽ ٻين جي نڪور شاعري.

MONTHLY HAZAR DASTAN DIGEST HYDERABAD
ماهوار
هزارداستان
حيدرآباد
July-2026 Year:37 Issue:09- Rs 60/-

پنهنجي ڪاپي روزاني عبرت جي هاڪر کان اڄ ئي خريد ڪري وٺو نه ته پوءِ ميار ڪارنه آهي

بقايا 1 روزاني عبرت

سبب سامونڊي حالتن جي خطرناڪ ٿيڻ جي پيش نظر ڪراچي جي سمورن ساحلي علائقن ۾ قلم 144 لاڳو ڪيو ويو آهي ضلعي انتظاميا موجب 1 جولاءِ کان 23 آگسٽ 2026ع تائين شهر جي سمورن ساحلن تي سمنڊ ۾ وهنجڻ ترڻ غوطا هڻڻ ۽ ٻين اُبي سرگرمين تي مڪمل پابندي لاڳو رهندي ضلعي انتظاميا موجب تازين موسمي تبديلين سمنڊ ۾ اوچين لهرن تيز وهڪرن ۽ غير متوقع خطرناڪ حالتن کي نظر ۾ رکندي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي اعلاميي موجب پابندي جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قلم 144 تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي جڏهن ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ساحلي علائقن ۾ سخت نگراني ۽ حڪمن تي مڪمل عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون آهن ضلعي انتظاميا شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته هو پنهنجي ۽ پنهنجي گهرڀاتين جي حفاظت خاطر ساحلن تي وهنجڻ يا سمنڊ ۾ داخل ٿيڻ کان پاسو ڪن ۽ سرڪاري هدايتن تي مڪمل عمل ڪن

بقايا 2 روزاني عبرت

جي مدد جو اعلان ڪيو آهي سومر ڏينهن پرڏيهي وزارت ۾ ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان ۽ ڪئناڊا جي وچ ۾ پراڻا ۽ دوستاڻا لاڳاپا قائم آهن جن جو بنياد تاريخي رابطن عوامي سطح تي مضبوط لاڳاپن ۽ ڪئناڊا ۾ رهندڙ متحرڪ پاڪستاني ڪميونٽي تي آهي هن چيو ته بنهي ملڪن ان دوري سان پيدا ٿيندڙ مثبت اڳڀرائي کي برقرار رکڻ اداراجاتي تعاون وڌائڻ باقاعده ٻطرفي مشاورت ۽ لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو محمد اسحاق ڊار چيو ته اقتصادي تعاون ٻطرفي لاڳاپن جو بنيادي ٿنڀ آهي ان ڏس ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي ڪاروباري ادارن جي وچ ۾ رابطي کي فروغ ڏيڻ ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي هن ڪينيڊين ڪمپنين کي پاڪستان جي ترجيحي شعبن جن ۾ تعليم توانائي کاڻين جي کوٽائي ۽ اهم معدنيات زراعت بنيادي ڍانچي ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي شامل آهن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني هن اعلان ڪيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي موجودگي ۾ ٻئي ملڪ ڪينيڊين ڪينولا جي درآمد جي لاءِ فائيٽو سينيٽري شرطن بابت هڪ نئين پروٽوڪول تي صحيحون ڪندا جنهن سان درآمدي نظام وڌيڪ شفاف ٿيندو هن ٻڌايو ته پاڪستان جي نيشنل ايگري ٽريڊ اينڊ فوڊ سيفٽي اٿارٽي ماحولياتي تحفظ ايجنسي ۽ ڪينيڊين فوڊ انسپيڪشن ايجنسي پڻ خوراڪ جي تحفظ، زرعي واپار ٽيڪنيڪي تعاون ۽ صلاحيت ۾ اضافي جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي محمد اسحاق ڊار غيرملڪي سيڙپڪاري جي فروغ ۽ تحفظ جي معاهدي تي جاري ڳالهه ٻولهه جو حوالو ڏيندي معاهدي کي جلد کان جلد گڏيل مفاد جي بنياد تي حتمي شڪل ڏيڻ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو هن چيو ته ڳالهه ٻولهه ۾ تعليم افرادي قوت جي چرپر سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، موسمياتي تبديلي، **قونصلر معاملن ۽ عوامي رابطن جي فروغ ڪانسواءِ افغانستان ۽ دهشتگردي جي خاتمي ۾ تعاون تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي** وئي علائقائي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪندي نائب وزيراعظم جمون ۽ ڪشمير مسئلي کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي موجود هڪ پراڻو حل طلب تڪرار قرار ڏيندي ان جي منصفاڻي حل جي ضرورت تي زور ڏنو هن ڪئناڊا کي سنڌ طاس معاهدي جي بحالي جي حمايت جي پڻ اپيل ڪئي ۽ چيو ته عالمي قانون ۽ معاهدن جي پاسداري ضروري آهي ان موقعي تي ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند چيو ته سنڌس هي دورو ان لحاظ کان خصوصي اهميت رکي ٿو ته اٽڪل 20 سالن کانپوءِ ڪنهن ڪينيڊين پرڏيهي وزير پاڪستان جو دورو ڪيو آهي جڏهن ته بنهي ملڪن جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپن کي 8 ڏهاڪا گذري چڪا آهن هن چيو ته پاڪستان ڪئناڊا جي عالمي واپاري تنوع جي حڪمت عملي ۾ اهم مقام رکي ٿو جڏهن ته ڪئناڊا ۾ رهندڙ ٽي لک کان وڌيڪ پاڪستاني ڄاوا شهري بنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي رهيا آهن انيتا آنند وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته ڪئناڊا خطي ۾ وڌندڙ ٽڪراءُ شهري ٺڪاڻن تي حملن ۽ ساموندي سلامتي کي خطرن تي ڳڻتي رکي ٿو هن سمورين ڌرين تي زور ڏنو ته صبر جو مظاهرو ڪن ۽ سفارتي ذريعن سان مسئلن جي حل کي ترجيح ڏين هن چيو ته بنهي ملڪن ايف ٽي اي کي جلد مڪمل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي ته جيئن بنهي ملڪن جي سيڙپڪارن کي وڌيڪ اعتماد ۽ تحفظ حاصل ٿئي زرعي تعاون جي حوالي سان هن ٻڌايو ته گذريل پوکيءَ سال دوران پاڪستان ڪئناڊا کان 4 لک 70 هزار ٽن کان وڌيڪ ڪينولا درآمد ڪيو هن پاڪستاني عملدارن جا ٿورا ادا ڪيو ته انهن ڪينيڊين ڪينولا کي پاڪستاني منڊيءَ تائين پهچ ڏيڻ ۾ تعاون ڪيو جڏهن ته ڪئناڊا مستقبل ۾ پاڪستان کان چانور ٽيڪسٽائيل ۽ راندين جو سامان درآمد وڌائڻ جو پڻ خواهشمند آهي. هن چيو ته ڪينيڊين ڪمپنيون پاڪستان ۾ قابل تجديد توانائي ۽ کاڻين جي کوٽائي جي شعبن ۾ پڻ تعاون وڌائي رهيون آهن هن جي سي ايم پاور ۽ ڪراچي اليڪٽرڪ جي حصيداري سان ڌابيجي ۾ 240 ميگاواٽ جي هائبرڊ ونڊ ۽ سولر منصوبي ۽ بيرڪ جي ريڪوڊڪ منصوبي ۾ سيڙپڪاري جو پڻ ذڪر ڪيو انيتا آنند اعلان ڪيو ته ڪئناڊا سرحدي نظم ۽ ضبط، دهشتگردي جي خاتمي مالي ڏوهن جي جاچ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي تربيت جي لاءِ 22 لک ڪينيڊين ڊالر کان وڌيڪ فراهم ڪندو اهي منصوبا انٽرپول گڏيل قومن جي منشيات ۽ ڏوهن جي خاتمي بابت آفيس (يو اين او ڊي سي) ۽ رائل ڪينيڊين مائونٽڊ پوليس جي تعاون سان مڪمل ڪيا ويندا. هن وڌيڪ اعلان ڪيو ته ڪئناڊا پاڪستان ۾ موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ ٻارڙين جي تعليم، توليدي صحت، خانداني منصوبابندي ۽ ٻوڏ کان بحالي جي منصوبن جي لاءِ 4 ڪروڙ 50 لک ڪينيڊين ڊالر جي نئين ترقياتي امداد فراهم ڪندو اها امداد آغا خان فائونڊيشن ڪئناڊا، گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (يو اين ڊي پي) ۽ گڏيل قومن جي پاپوليشن فنڊ (يو اين ايف پي اي) جي حصيداري سان خرچ ڪئي ويندي ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير چيو ته اهي سمورا قدم بنهي ملڪن جي ان گڏيل عزم جي عڪاسي ڪن ٿا ته اهي ڊگهي مدي واري خوشحالي، استحڪام ۽ پائيدار ترقي جي لاءِ مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيندا.

بقايا 3 روزاني عبرت

وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو جڏهن ته ڪئناڊا پاڪستان ۾ سيڪيورٽي ۽ ترقياتي منصوبن جي لاءِ 4 ڪروڙ 70 لک ڪينيڊين ڊالر کان وڌيڪ جي مدد جو اعلان ڪيو آهي سومر ڏينهن پرڏيهي وزارت ۾ ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان ۽ ڪئناڊا جي وچ ۾ پراڻا ۽ دوستاڻا لاڳاپا قائم آهن جن جو بنياد تاريخي رابطن عوامي سطح تي مضبوط لاڳاپن ۽ ڪئناڊا ۾ رهندڙ متحرڪ پاڪستاني ڪميونٽي تي آهي هن چيو ته بنهي ملڪن ان دوري سان پيدا ٿيندڙ مثبت اڳڀرائي کي برقرار رکڻ اداراجاتي تعاون وڌائڻ باقاعده ٻطرفي مشاورت ۽ لاڳاپيل وزارتن ۽ ادارن جي وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ڪيو محمد اسحاق ڊار چيو ته اقتصادي تعاون ٻطرفي لاڳاپن جو بنيادي ٿنڀ آهي ان ڏس ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ اضافي ڪاروباري ادارن جي وچ ۾ رابطي کي فروغ ڏيڻ ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي هن ڪينيڊين ڪمپنين کي پاڪستان جي ترجيحي شعبن جن ۾ تعليم توانائي کاڻين جي کوٽائي ۽ اهم معدنيات زراعت بنيادي ڍانچي ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي شامل آهن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني هن اعلان ڪيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي موجودگي ۾ ٻئي ملڪ ڪينيڊين ڪينولا جي درآمد جي لاءِ فائيٽو سينيٽري شرطن بابت هڪ نئين پروٽوڪول تي صحيحون ڪندا جنهن سان درآمدي نظام وڌيڪ شفاف ٿيندو هن ٻڌايو ته پاڪستان جي نيشنل ايگري ٽريڊ اينڊ فوڊ سيفٽي اٿارٽي ماحولياتي تحفظ ايجنسي ۽ ڪينيڊين فوڊ انسپيڪشن ايجنسي پڻ خوراڪ جي تحفظ، زرعي واپار ٽيڪنيڪي تعاون ۽ صلاحيت ۾ اضافي جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي محمد اسحاق ڊار غيرملڪي سيڙپڪاري جي فروغ ۽ تحفظ جي معاهدي تي جاري ڳالهه ٻولهه جو حوالو ڏيندي معاهدي کي جلد کان جلد گڏيل مفاد جي بنياد تي حتمي شڪل ڏيڻ جي لاءِ ڳالهه ٻولهه جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو هن چيو ته ڳالهه ٻولهه ۾ تعليم افرادي قوت جي چرپر سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، موسمياتي تبديلي، قونصلر معاملن ۽ عوامي رابطن جي فروغ ڪانسواءِ افغانستان ۽ دهشتگردي جي خاتمي ۾ تعاون تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي علائقائي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪندي نائب وزيراعظم جمون ۽ ڪشمير مسئلي کي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ايجنڊا تي موجود هڪ پراڻو حل طلب تڪرار قرار ڏيندي ان جي منصفاڻي حل جي ضرورت تي زور ڏنو هن ڪئناڊا کي سنڌ طاس معاهدي جي بحالي جي حمايت جي پڻ اپيل ڪئي ۽ چيو ته عالمي قانون ۽ معاهدن جي پاسداري ضروري آهي ان موقعي تي ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند چيو ته سنڌس هي دورو ان لحاظ کان خصوصي اهميت رکي ٿو ته اٽڪل 20 سالن کانپوءِ ڪنهن ڪينيڊين پرڏيهي وزير پاڪستان جو دورو ڪيو آهي جڏهن ته بنهي ملڪن جي وچ ۾ سفارتي لاڳاپن کي 8 ڏهاڪا گذري چڪا آهن هن چيو ته پاڪستان ڪئناڊا جي عالمي واپاري تنوع جي حڪمت عملي ۾ اهم مقام رکي ٿو جڏهن ته ڪئناڊا ۾ رهندڙ ٽي لک کان وڌيڪ پاڪستاني ڄاوا شهري بنهي ملڪن جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائي رهيا آهن انيتا آنند وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي ساراهيو ۽ چيو ته ڪئناڊا خطي ۾ وڌندڙ ٽڪراءُ شهري ٺڪاڻن تي حملن ۽ ساموندي سلامتي کي خطرن تي ڳڻتي رکي ٿو هن سمورين ڌرين تي زور ڏنو ته صبر جو مظاهرو ڪن ۽ سفارتي ذريعن سان مسئلن جي حل کي ترجيح ڏين هن چيو ته بنهي ملڪن ايف ٽي اي کي جلد مڪمل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو آهي ته جيئن بنهي ملڪن جي سيڙپڪارن کي وڌيڪ اعتماد ۽ تحفظ حاصل ٿئي زرعي تعاون جي حوالي سان هن ٻڌايو ته گذريل پوکيءَ سال دوران پاڪستان ڪئناڊا کان 4 لک 70 هزار ٽن کان وڌيڪ ڪينولا درآمد ڪيو هن پاڪستاني عملدارن جا ٿورا ادا ڪيو ته انهن ڪينيڊين ڪينولا کي پاڪستاني منڊيءَ تائين پهچ ڏيڻ ۾ تعاون ڪيو جڏهن ته ڪئناڊا مستقبل ۾ پاڪستان کان چانور ٽيڪسٽائيل ۽ راندين جو سامان درآمد وڌائڻ جو پڻ خواهشمند آهي. هن چيو ته ڪينيڊين ڪمپنيون پاڪستان ۾ قابل تجديد توانائي ۽ کاڻين جي کوٽائي جي شعبن ۾ پڻ تعاون وڌائي رهيون آهن هن جي سي ايم پاور ۽ ڪراچي اليڪٽرڪ جي حصيداري سان ڌابيجي ۾ 240 ميگاواٽ جي هائبرڊ ونڊ ۽ سولر منصوبي ۽ بيرڪ جي ريڪوڊڪ منصوبي ۾ سيڙپڪاري جو پڻ ذڪر ڪيو انيتا آنند اعلان ڪيو ته ڪئناڊا سرحدي نظم ۽ ضبط، دهشتگردي جي خاتمي مالي ڏوهن جي جاچ ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي تربيت جي لاءِ 22 لک ڪينيڊين ڊالر کان وڌيڪ فراهم ڪندو اهي منصوبا انٽرپول گڏيل قومن جي منشيات ۽ ڏوهن جي خاتمي بابت آفيس (يو اين او ڊي سي) ۽ رائل ڪينيڊين مائونٽڊ پوليس جي تعاون سان مڪمل ڪيا ويندا. هن وڌيڪ اعلان ڪيو ته ڪئناڊا پاڪستان ۾ موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ ٻارڙين جي تعليم، توليدي صحت، خانداني منصوبابندي ۽ ٻوڏ کان بحالي جي منصوبن جي لاءِ 4 ڪروڙ 50 لک ڪينيڊين ڊالر جي نئين ترقياتي امداد فراهم ڪندو اها امداد آغا خان فائونڊيشن ڪئناڊا، گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (يو اين ڊي پي) ۽ گڏيل قومن جي پاپوليشن فنڊ (يو اين ايف پي اي) جي حصيداري سان خرچ ڪئي ويندي ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير چيو ته اهي سمورا قدم بنهي ملڪن جي ان گڏيل عزم جي عڪاسي ڪن ٿا ته اهي ڊگهي مدي واري خوشحالي، استحڪام ۽ پائيدار ترقي جي لاءِ مختلف شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ سگهه ڏيندا.

بقايا 4 روزاني عبرت

زرداري برطانيا جي نئين چونڊيل وزيراعظم اينڊي برنهم کي وزارت عظميٰ جو عهدو سنڀالڻ تي دلي مبارڪباد ڏني آهي سومر ڏينهن ايڪس تي پنهنجي مبارڪباد واري پيغام ۾ صدر اميد ظاهر ڪئي ته وزيراعظم اينڊي برنهم جي قيادت ۾ پاڪستان ۽ برطانيا جي وچ ۾ پراڻي ٻطرفي حصيداري وڌيڪ مضبوط ٿيندي ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ تعاون کي وڌيڪ سگهه ملندي صدر آصف علي زرداري ڳالهه ٻولهه سفارتڪاري ۽ ٽڪرائن جي پرامن حل جي لاءِ پاڪستان جي اڻٽٽ عزم جو ورجاءُ ڪيو هن چيو ته فيبروري جي آخر کان دنيا خاص طور تي نار خطو هڪ هنگامي حالتن جي دور مان گذري رهيو آهي ۽ پاڪستان ڪيترن ئي پائير ملڪن جي تعاون سان امن جي فروغ ۾ پنهنجو مؤثر ڪردار ادا ڪيو آهي صدر اميد ظاهر ڪئي ته وزيراعظم اينڊي برنهم جي قيادت ۾ برطانيا به موجوده ڇڪتاڻ دشمنين جي خاتمي، جنگبندي جي قيام ۽ اسلام آباد مفاهمتي ياداشت طرف واپسي جي لاءِ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪندو صدر آصف علي زرداري وزيراعظم اينڊي برنهم جي لاءِ سنڌس نئين ذميوارين ۾ ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته هو پاڪستان ۽ برطانيا جي وچ ۾ پائيدار ۽ مضبوط لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي لاءِ سانس گڏجي ڪم ڪرڻ جو منتظر آهي

بقايا 5 روزاني عبرت

وزيراعظم هائوس ۾ ڪئناڊا سان پاڪستان خوراڪ ڦيڊ ۽ پراسيسنگ جي لاءِ درآمد ڪئي ويندڙ جينياتي طور تي تبديل ٿيل ڪينولا جي فائيٽو سينيٽري درآمدي گهرجن بابت پروٽوڪول تي صحيحون ڪيون. معاهدي تي صحيحون واري تقريب ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف پڻ موجود هو پرڏيهي آفيس موجب ان پروٽوڪول تحت ڪئناڊا کان درآمد ڪئي ويندڙ جينياتي طور تي تبديل ٿيل ڪينولا جي لاءِ نباتاتي تحفظ بابت درآمدي گهرجون طئي ڪيون ويون آهن معاهدو پاڪستان ۽ ڪئناڊا جي وچ ۾ زراعت ۽ واپار جي شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي گڏيل عزم جي عڪاسي ڪري ٿو

بقايا 6 روزاني عبرت

جي قيام لاءِ آئين ۾ نئون آرٽيڪل 212 اي شامل ڪرڻ جي سفارش ڪندي آئيني ترميم جي تجويز وفاقي حڪومت کي قانون سازي لاءِ موڪلڻ جو فيصلو ڪيو سپريم ڪورٽ پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب اجلاس ۾ بينڪنگ ڪمپنيز آرڊيننس 1962ع جي شق اي 3 (اي 1) ۾ ڄاڻايل ترميم جي به منظوري ڏني وئي ته جيئن بينڪنگ محتسب جو دائرو اختيار مائيڪرو فنانس بينڪن ۽ مالياتي ادارن کي صارفين تائين توسيع ڏئي سگهجي چيف جسٽس جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ اٽارني جنرل پاڪستان چئني هاءِ ڪورٽس جي چيف جسٽس صاحبان قانون ۽ انصاف واري سيڪريٽري، لا اينڊ جسٽس ڪميشن جي ميمبرن جڏهن ته قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير خصوصي دعوت تي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته انٽرنيشنل ڪمرشل ڪورٽ آف پاڪستان جي قيام لاءِ آئين ۾ نئين آرٽيڪل 212 اي جو اضافو تجويز ڪيو ويو جيڪا هڪ آزاد وفاقي اعليٰ عدالت هوندي جيڪا عالمي واپاري تڪرارن جي فوري، اثرائتي ۽ شفاف حل لاءِ قائم ڪئي ويندي، عدالت ثالثي ايوارڊز جي اثرائتي لاڳو ڪرڻ واري نظام کي مضبوط بڻائڻ واپاري قانون ۾ هڪجهڙائي ۽ اڳڪٿي جي صلاحيت جي هٿي ڏيڻ سان گڏ سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ اضافي ۽ پاڪستان کي عالمي واپار ۽ سيڙپڪاري لاءِ وڌيڪ پرڪشش بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي ڪميشن چيو ته ڄاڻايل آئيني ترميم جو مقصد پاڪستان جي واپاري انصاف واري نظام کي عالمي بهترين روايتن سان هم آهنگ ڪرڻ پائيدار معاشي ترقي کي هٿي ڏيڻ ۽ سڌي ريت پرڏيهي سيڙپڪاري لاءِ سازگار قانوني ماحول فراهم ڪرڻ آهي ان سلسلي ۾ ڄاڻايل آئيني ترميم جي سفارش وفاقي حڪومت کي قانون سازي لاءِ موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ بينڪنگ ڪمپنيز آرڊيننس 1962ع جي شق اي-3 (اي-1) ۾ ڄاڻايل ترميم جي به منظوري ڏني وئي جنهن تحت بينڪنگ محتسب جو دائرو اختيار مائيڪرو فنانس بينڪن ۽ مالياتي ادارن جي صارفين تائين وڌائڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

سهڪار ۽ پٽ فيڊر ڪينال ذريعي بلوچستان کي پاڻي جي فراهمي بابت معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جي شورو هائوس ڪراچي ۾ ٿيل ملاقات ۾ سنڌ جي آبپاشي کاتي جي سيڪريٽري ظريف کيرو ۽ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر مير نادر مگسي پڻ شريڪ هئا. بلوچستان جي وفد ۾ صوبائي وزير سليم کوسو مير صادق عمراڻي، فيصل جمالي، محمد خان لهڙي ۽ بلوچستان جي آبپاشي کاتي جو سيڪريٽري شامل هئا. اجلاس ۾ چيف انجنيئر رائيٽ بئنڪ مختيار ابڙو سکر ۽ گڊو بئراج جي چيف انجنيئرن سميت لاڳاپيل آفيسرن آن لائن شرڪت ڪئي اجلاس دوران بلوچستان کي پيش اينڊ پاڻي جي ڪوٽ پٽ فيڊر ڪينال ذريعي پاڻي جي فراهمي ۽ آبي معاهدي جي اثرائتي عملدرآمد جي مختلف پهلوئن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو ان موقعي تي سنڌ جي آبپاشي واري وزير جام خان شورو آبپاشي کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته آبي معاهدي موجب بلوچستان کي پٽ فيڊر ڪينال ذريعي پاڻي جي فراهمي هر حال ۾ يقيني بڻائي وڃي آبپاشي واري وزير جام خان شورو بلوچستان جي وفد کي يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت آبي معاهدي تحت بلوچستان کي پاڻي جي فراهمي لاءِ هر ممڪن سهڪار جاري رکندي ۽ بنهي صوبن وچ ۾ گڏيل هم آهنگي کي وڌيڪ هٿي ڏني ويندي سنڌ جي آبپاشي واري وزير جام خان شورو آبپاشي کاتي کي اها به هدايت ڪئي ته پوري سنڌ ۾ قائم سمورن غيرقانوني واٽر ڪورسز خلاف بنا ڪنهن امتياز جي سخت ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 8 روزاني عبرت

بئريسٽر دانيال چوڌري نورين نيازي جي پاڪستان مخالف بيان جي سخت مذمت ڪندي ان کي ناقابل قبول، ناقابل معافي ۽ قومي مفادن جي خلاف قرار ڏنو آهي هن چيو ته نورين نيازي پنهنجي ڀاءُ جي سياست لاءِ معرڪ حق تي سوال اٿاري رهي آهي اهڙو بيان ڏئي رهي آهي جيڪي پارٽي سربراهه جي زينت بڻجي رهيا آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن سينئر صوبائي وزير مريم اورنگزيب جي اڳواڻي ۾ نڪتل هڪ ريلي جي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ريلوي جي وفاقي وزير محمد حنيف عباسي قومي اسيمبلي جي ميمبرن طاهره اورنگزيب ۽ ملڪ ابرار سميت مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته حڪومت قومي سلامتي، رياستي وقار خودمختياري ۽ قومي مفادن جي تحفظ تي ڪو به ڪانه ڪندي ۽ پاڪستان خلاف ڪنهن به منفي بيانئي يا پروپيگنڊا کي هر سطح تي سختي سان رد ڪيو ويندو هن چيو ته نورين نيازي جي ڀاءُ جي سياست دفن ٿي چڪي آهي، سنڌس پارٽي سياست ڏيڏڙ جو شڪار آهي جڏهن ته خيبرپختونخوا جي حڪومت عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ بري طرح ناڪام ٿي چڪي آهي هن چيو ته پنهنجي سياسي ناڪامين تان ڌيان هٽائڻ لاءِ ڪجهه عنصر پاڪستان کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر قوم ڪڏهن به اهڙن ارادن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندي وفاقي پارلياماني سيڪريٽري چيو ته پوري قوم پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري، استحڪام ۽ قومي وقار جي تحفظ لاءِ متحد آهي ۽ حڪومت قومي يڪجهتي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ پنهنجون ذميواريون ادا ڪندي رهندي

بقايا 9 روزاني عبرت

5، خيابان شهباز پرسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ سخت زخمي ٿيل موٽرسائيڪل سوار نوجوان کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو علاج دوران زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو. فوتي نوجوان جي سڃاڻپ 17 ورهين جي عاصم ولد محسن طور ٿي آهي پوليس ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو

بقايا 10 روزاني عبرت

تي لاڳو ٿيڻ ٿي پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪاظم غريب آبادي جو چوڻ آهي ته دارخوين ۾ تعمير ٿيندڙ ايٽمي بجلي گهر تي آمريڪي حملو ايران جي توانائي جي پرامن انفراسٽرڪچر تي هڪ خطرناڪ حملو آهي "ايڪس" تي جاري بيان ۾ ڪاظم غريب آبادي خبردار ڪيو ته وڌندڙ بدامني ۽ عدم استحڪام جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي ذميواري مڪمل طور تي آمريڪي حڪومت تي لاڳو ٿيندي هن چيو ته ايران ان جارحيت جي سخت مذمت ڪري ٿو ۽ پنهنجي قومي مفادن ۽ سلامتي جي دفاع لاءِ مناسب قدم کڻندو آءِ اي اي اي جو چوڻ هو ته مبينه حملي سان تابڪاري جي ڪنهن خطري جو امڪان ناهي اداري جي ڊائريڪٽر جنرل رافائيل ماريانو گروسي سمورن ايٽمي ٺڪاڻن جي آسپاس فوجي ڪارروائين تي تحمل جو مظاهرو ڪرڻ جي اپيل جو ورجاءُ پڻ ڪيو آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، ڊي جي ڪي ڊي اي، ايف ڊبليو او ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ شهر ۾ جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي، رڪاوٽن ۽ انهن جي جلد تڪميل بابت تفصيلي جائزو ورتو ويو ناصر حسين شاهه ڪريم آباد انڊر پاس بابت تحفظات جو اظهار ڪندي هدايت ڪئي ته انڊر پاس جي چوڌاري قائم سمورين تجاوزات فوري طور ختم ڪيون وڃن ته جيئن انڊر پاس کي ٽريفڪ جي رواني ۽ عوام جي سهولت جو مؤثر ذريعو بڻائي سگهجي هن هدايت ڪئي ته انڊر پاس سان لاڳاپيل سمورا رهيل ڪم جلد مڪمل ڪيا وڃن ۽ هر ترقياتي منصوبي جي مڪمل ٿيڻ سان گڏ ان سان لاڳاپيل سمورين ترقياتي اسڪيمون پڻ مڪمل ڪيون وڃن اجلاس ۾ ساري بور روڊ واءِ جنڪشن کان مچي چوڪ تائين جاري ترقياتي منصوبي تي پڻ غور ڪيو ويو ۽ لاڳاپيل اختيارين کي ڪم جي رفتار تيز ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون ناصر حسين شاهه چيو ته ترقياتي منصوبن جي جلد تڪميل سان شهرين کي بهتر سفري سهولتون ملنديون ۽ ٽريفڪ جا مسئلا گهٽ ٿيندا. اجلاس دوران ملازمن جي بدلين ۽ مقررين بابت معاملن جو پڻ جائزو ورتو ويو ۽ ٽرانسپورٽ واري ادارن هدايت ڪئي ته ڊپارٽمينٽل پاليسي جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ۽ حڪومتي حڪمن تي عمل نه ڪندڙ آفيسرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي جڏهن ته مقرري جا منتظر آفيسر ۽ ملازم فوري طور مقرر ڪيا وڃن ۽ ڪنهن به ملازم کي بنا جواز تنگ نه ڪيو وڃي ناصر حسين شاهه چيو ته ڪراچي جي مثالي شهر بڻائڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن تحت ترقياتي ڪم تيزي سان جاري آهن ۽ عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت سنڌ جي اولين ترجيح آهي

بقايا 12 روزاني عبرت

پوليس جانچ تي بي اعتمادي ظاهر ڪري ڇڏي ۽ عورتن ۽ مردن جو پريس ڪلب آڏو احتجاج خبر موجب چمبڙ مدرسي ۾ بدفعلي بعد قتل ٿيل نينگر جي ڪيس ۾ گرفتار نور علي ٻبر جي وارثن پاران ڪيس ۾ پوليس طرفان شفاف انڪوائري نه ٿيڻ خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺ احمد خان ٻبر جي رهواسي مردن ۽ عورتن دريا خان ٻبر سڪندر علي ٻبر محمد موسى ٻبر محمد رمضان ٻبر احتجاج ڪرڻ بعد پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته بدفعلي بعد قتل ٿيل نينگر جي وارثن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ اسان جي يتيم نينگر نور علي ٻبر سان حد کان وڌيڪ قلم لڳائي ناانصافي ڪئي وئي آهي هنن چيو ته هن ڪيس ۾ مدرسي جي انتظاميه سميت ڪيترائي ماڻهو ملوث هوندا پر پوليس انهن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪري رهي آهي جيڪڏهن اسان جو ڇوڪرو ملوث آهي ته ڪيس سڌي طرح ۽ هر هڪ طرفي انڪوائري قبول ناهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان غريب مسڪين ماڻهو آهيون اسان پنهنجي ڇوڪري کي ديني تعليم لاءِ مدرسي موڪليو جيڪڏهن اهڙي قسم جي ڪا ڳالهه هئي ته مدرسي جي انتظاميه اسان کي ڇو نه ٻڌايو اسان سمجهون ٿا ته مدرسي جي انتظاميه ۽ ٻاهرين ماڻهن به ملوث آهن جن کي جانچ ۾ شامل ڪيو وڃي هنن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد. ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته چمبڙ مدرسي واري ماسري جي شفاف انڪوائري ڪري ملوث ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

جي حڪم تي چوڪي گهٽي ۽ الرحيم شاپنگ سينٽر خالي ڪري ملڪيت واپس پوليس حوالي ڪرڻ واري فيصلي کان پوءِ حيدرآباد الرحيم شاپنگ سينٽر ۽ چوڪي گهٽي جي متاثر دڪاندارن پاران اعلانيل احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ان دوران چوڪي گهٽي جي دڪاندار يونين اڳواڻ صدر ريحان شيخ ۽ الرحيم شاپنگ سينٽر يونين جي صدر اسماعيل شيخ جي اڳواڻي ۾ نڪتل ريلي حيدرآباد پريس ڪلب پهچي احتجاجي مظاهري ۾ تبديل ٿي وئي سوين ماڻهو ريلي ۾ شريڪ هئا. ان دوران اڳواڻن چيو ته سپريم ڪورٽ جي فيصلي سان هزارين ماڻهو متاثر ٿيا آهن گذريل ڪيترن ڏينهن کان دڪان بند هجڻ سبب واپارين سان گڏ مزدور ۽ سخت متاثر ٿي رهيا آهن ۽ بيروزگار ٿي رهيا آهن هنن چيو ته پوليس چوڪي گهٽي جي 80 دڪانن ۽ 60 آفيسن جي وڪري ۾ واپارين سان ٺڳي ڪئي آهي. جڏهن ته الرحيم شاپنگ سينٽر جي 142 دڪانن، 265 فليٽ ۽ 100 آفيسن ۾ پوليس شهيدن جي ويلفيئر فنڊ کٽي آهي؟ سپريم ڪورٽ جي حڪم تي هڪ طرفي ڪارروائي ڪري هزارين واپارين کي بيروزگار ڪيو ويو آهي.

بقايا 14 روزاني عبرت

بنڪي جي ڀاءُ ڪامران کي سٽي ڪورٽ ڪراچي ۾ جوڊيشل مئجسٽريٽ ايسٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جتي منشيات جي ٻن ڪيسن جي ٻڌڻي دوران عدالت جوابدار کي 21 جولاءِ تائين جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جاچ آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار جي قبضي مان 2 ڪلو کان وڌيڪ چرس ۽ ڪلو آئس هٿ ڪئي وئي آهي. سنڌس چوڻ موجب جوابدار شهر جي مختلف علائقن ۾ چرس، آئس ۽ هيروئن جي فراهمي ۾ ملوث هو جاچ آفيسر وڌيڪ ٻڌايو ته جوابدار خلاف جمشيد ڪوارٽرز ٿاڻي ۾ منشيات جي ٻن الڳ الڳ ڪيسن جا داخل ڪيا ويا آهن واضح رهي ته جمشيد ڪوارٽرز پوليس انٽيليجنس اطلاع تي گهوڙا چورنگي ويجهو ڪارروائي ڪندي ڪامران کي گرفتار ڪيو هو پوليس موجب جوابدار وٽان 2 ڪلو کان وڌيڪ اعليٰ معيار جي چرس، اڌ ڪلو آئس هڪ موبائل فون پرس، قومي سڃاڻپ ڪارڊ ۽ روڪ رقم پڻ هٿ ڪئي وئي هئي

بقايا 15 روزاني عبرت

سنڌو ته ڊيمون واري بلاول ڀٽو زرداري جي نعري تحت احتجاجي تحريڪ جي ٻئي مرحلي ۾ 24 جولاءِ جمعي ڏينهن سڄي سنڌ ۾ سڀني تعلقن ۾ احتجاجي ريليون ڪڍيون وينديون ان سلسلي ۾ پيپلز پارٽي جا سنڌ جي سڀني تعلقن جا عهديدار ۽ ذميدار پنهنجي پنهنجي تعلقن ۾ جمعي ڏينهن احتجاجي ريليون ڪڍن نثارکهڙو چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ پاڻي تي ڀارتي دهشتگردي سميت سنڌو جي پاڻي جي ڌاڙي خلاف سنڌ هر محاذ تي ڀرپور آواز اٿاريندي هن چيو ته سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙو ملڪ جي معيشت کي گهاو ڏيڻ جي برابر هوندو ڇاڪاڻ ته پاڻي زندگي آهي ۽ ڪنهن کي به سنڌو جي پاڻي تي ڌاڙي ذريعي عوام کان زندگيون کسڻ نه ڏينداسين هن وڌيڪ چيو ته سي سي آءِ جي فيصلي کان اڳ جلال پور ڪينال ۽ گريٽر ٿل ڪينال جي بنياد تي پاڻي ڇڏڻ غير آئيني عمل آهي هن چيو ته جلال پور ڪينال بابت سنڌ جي اعتراضن تي ٻڌل سمري هن وقت سي سي آءِ ۾ زير التوا آهي نثار کهڙو چيو ته جڏهن هو ماضي ۾ ايڪنڪ جو ميمبر هو ته سنڌ جي اعتراض تي ايڪنڪ ۾ جلال پور ڪينال وارو معاملو سي سي آءِ جي فيصلي اچڻ تائين ملتوي ڪرايو هو تنهن ڪري جلال پور ڪينال ۾ ٽيسٽنگ جي بنياد تي پاڻي ڇڏڻ کان اڳ سي سي آءِ جي فيصلي جو انتظار ڪرڻ گهرجي ها هن چيو ته سي سي آءِ جي فيصلي کان اڳ جلال پور ڪينال ۾ پاڻي ڇڏڻ سي سي آءِ جي آئيني حيثيت تي سواليا نشان آهي ان ڪري سي سي آءِ کي گهرجي ته جلال پور ڪينال ۾ ٽيسٽنگ جي بنياد تي پاڻي ڇڏڻ واري عمل جو نوٽيس وٺي هن مطالبو ڪيو ته ارسا 1991ع واري پاڻي معاهدي تي مڪمل عمل ڪرائي ۽ صوبن وچ ۾ ان معاهدي موجب پاڻي جي منصفاڻي ورهاست کي يقيني بڻائي

بقايا 16 روزاني عبرت

ميهڙ منتقل ڪيو ويو جتي طبي امداد بعد وڌيڪ علاج جي لاءِ لاڙڪاڻو منتقل ڪيو ويو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ جان جي بازي هارائي ويو فوتي جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ ميهڙ تعلقه اسپتال ميهڙ آندو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد سنڌس وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته حادثي جي وقت موجود ماڻهن ڪار ڊرائيور عمران چانڊيو کي پڪڙي پوليس حوالي ڪري جڏهن ته وارثن تعلقه اسپتال ميهڙ ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڊرائيور مبينا طور شراب جي نشي ۾ ڌت هيو جنهن جي سبب حادثو پيش آيو آهي آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

ڪيس مظاهري بعد پريس ڪانفرنس ڪندي واپاري اڳواڻن چيو ته گذريل 16 ڏينهن کان اسٽيشن روڊ جي ويجهو شهر ۾ هول سيل مارڪيٽ جا 51 دڪان بند پيل آهن جنهن سبب 26 ڪروڙ روپين جو سامان خراب ٿي رهيو آهي ۽ سوين مزدورن جي چلهه وسامي وئي آهي پريس ڪانفرنس ۾ انجمن تاجران ضلع دادو جي صدر احمد خان ڏنڙ صدر گل حسن ٻيهڻ، چيئرمين غلام نبي لغاري، سينئر نائب صدر عبدالرئوف مستوئي، محبوب پرڳڙي، وڪيل شهباز علي، سيد حامد شاهه، ممتاز چنڊ، عمران ملڪ ۽ ٻين شرڪت ڪئي اڳواڻن چيو ته واپاري گذريل 50 سالن کان باقاعدگي سان دڪانن جي مسواڙ ادا ڪندا رهيا آهن ۽ انهن وٽ سڀني رسيدون موجود آهن پر اوچتو دڪان سيل ڪري هزارين مزدورن ۽ 51 هول سيل واپارين کي بيروزگار ڪيو ويو آهي هنن الزام هنيو ته سنڌ حڪومت پنهنجو منشور وساري روزگار ڏيڻ بدران ماڻهن کي بيروزگار ڪري رهي آهي. جڏهن ته پيپلز پارٽي جا ضلعي اڳواڻ به هن اهم معاملي تي خاموش تماشائي بڻيل آهن واپارين وڌيڪ چيو ته دڪان سيل ٿيڻ سبب ڪيترن ذهني ڪاروبار جو نشانو بڻايو پيو وڃي جڏهن ته سخت گرمي ۾ هو پنهنجي ٻچن جي روزي خاطر روڊن تي ويهڻ تي مجبور آهن هنن ٻڌايو ته چڱن ڏينهن بعد انجمن تاجران پاڪستان جي صدر ڪامران قريشي حيدرآباد ۾ اهم اجلاس طلب ڪيو آهي جنهن ۾ وڌيڪ لائحه عمل جوڙيو ويندو هڪ سوال جي جواب ۾ واپارين چيو ته لاڙڪاڻي جا دڪان به گڏيل نمائندن ڪوشش سان پنجن ڏينهن بعد کليا هئا. جڏهن ته پي پي ايم پي اي دادو بئريسٽر پير مجيب الحق ڪين خاطري ڪرائي آهي ته ٽن ڏينهن بعد آءِ جي سنڌ سان ملاقات رکي وئي آهي ۽ مسئلو حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، متاثر واپارين چيف جسٽس سپريم ڪورٽ، آرمي چيف، وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته دادو شهر ۾ سيل ڪيل دڪان فوري طور ٻيهر کولرايا وڃن، ٻي صورت ۾ سخت احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

بقايا 18 روزاني عبرت

خارجي رستن ۽ انهن سان لاڳاپيل چيڪ پوسٽن جو تفصيلي دورو ڪيو دوري دوران داخلي ۽ خارجي رستن تي قائم چيڪ پوسٽن سيڪيورٽي انتظامن افغان ويريفڪيشن ڊيسڪن ۽ چيڪنگ جي نظام جو جائزو ورتو ويو دوري جي شروعات موچڪو چيڪ پوسٽ تان ٿي جتي ڊي آءِ جي سائوٿ ۽ ايس ايس پي ضلعي ڪيماڙي ۾ غير قانوني طور رهندڙ ماڻهن جي ويريفڪيشن سرچ ڊيپلائيز ذريعي سڃاڻپ جي عمل ۽ سيڪيورٽي قدمن بابت بريفنگ ڏني ان کان پوءِ پوليس چيف ضلعي ويسٽ جي همدرد ۽ سائي گاڏي پوليس چوڪين سميت ضلعي ملير جي سرحدي علائقن جو دورو ڪيو جتي ايس ايس پي ويسٽ ۽ ايس ايس پي ملير سيڪيورٽي انتظامن ۽ نفري جي مقرري بابت آگاهي ڏني ان موقعي جي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان هدايت ڪئي ته سنڌ، بلوچستان ۽ ڪراچي سان لاڳاپيل سمورن داخلي ۽ خارجي رستن تي سخت چيڪنگ، انٽيليجنس بنيادن تي پوليسنگ، بين الصوبائي رابطي جديد ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال ۽ مؤثر نگراني جي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي جيئن دهشتگردي، غير قانوني طور پرڏيهي شهرين جي آچ وڃ، هٿيارن، منشيات ۽ اسمگلنگ جي روڪٿام کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 19 روزاني عبرت

سبب فوت ٿي وئي پوليس موجب واقعو اقبال مارڪيٽ ٿاڻي جي حد، اورنگي ٽائون سيڪٽر ساڍا يارهن محمد آباد ڪالوني ۾ گلزار مدينه مسجد پرسان پيش آيو فوت ٿيل نياڻي جو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو فوت ٿيل نياڻي جي سڃاڻپ 20 ورهين جي ورده ڌيءَ عبدالخالق طور ٿي سنڌس ماسات سهيل ٻڌايو ته ورده جو طلاق ثاني شخص سان نڪاح ٿي چڪو هو جڏهن ته رخصتي اڃا باقي هئي سنڌس چوڻ موجب واقعي وقت گهر ۾ ڪو به موجود نه هو ۽ ورده اڪيلي هئي هن پنهنجي والده کي فون ڪري طبيعت خراب ٿيڻ بابت اطلاع ڏنو والده پاڙيسرين کي ڪنهن سان ملڻ وئي هئي جيڪا فوري طور گهر پهتي ۽ ورده جي حالت خراب ڏسي پنهنجي ڀاءُ سهيل کي گهر گهرايو سهيل ٻڌايو ته هو ويجهو ئي رهندو هو اطلاع ملڻ تي پهتو ته ڏٺائين ورده جي وات مان گج نڪري رهيو هو هن پهرين رڪشي جو بندوبست ڪيو پر حالت وڌيڪ خراب ٿيڻ سبب ايمبولينس گهرائي ڪيس عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ماسات موجب ڊاڪٽرن لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ تائين ورده جي جان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ بچي نه سگهي واقعي کانپوءِ فوتي جي وارثن ڪنهن به قسم جي قانوني ڪارروائي ڪرائڻ کان انڪار ڪيو ۽ لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ويا

بقايا 20 روزاني عبرت

روڪي ڇڏيو آهي جنهن سبب سليڪشن بورڊ جي سفارشن جي بنياد تي ڪيترن ئي استادن جون نيون مقرريون ۽ ترقيون رڪجي ويون آهن يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي ان سلسلي ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي موجوده وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خالد عراقي کي خط لکي موڪليو آهي. جنهن جون ڪاپيون سينڊيڪيٽ جي ميمبرن کي پڻ اماڻيون ويون آهن کاتي جي سيڪشن آفيسر ڪمال احمد پنهنجي خط ۾ ڄاڻايو آهي ته ڪراچي يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ جو 662هون اجلاس 27 جولاءِ 2026ع تي طلب ڪيو ويو آهي. جڏهن ته وائيس چانسلر طور اوهان جي مدي جي پڄاڻي به ساڳئي ڏينهن ئي رهي آهي. خط موجب اجلاس جي ايجنڊا ۾ اهم پاليسي انتظامي مالي ۽ سروس سان لاڳاپيل معاملا شامل آهن جن ۾ سليڪشن بورڊ جون سفارشون مقرريون مالي معاملن جي فيصلا ۽ يونيورسٽي جي گورننس سان گڏ مستقبل جي انتظامي معاملن تي غور شامل آهي خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته ايجنڊا ۾ شامل معاملن جا يونيورسٽي تي ڊگهي مدي وارا قانوني، مالي ۽ انتظامي اثر پئجي سگهن ٿا. موجوده انتظامي ۽ مالي حالتن جي نظر ۾ رکندي ۽ جيئن ته اجلاس وائيس چانسلر جي مدي جي آخري ڏينهن تي رکيو ويو آهي، تنهن ڪري ادارتي تسلسل سٺي حڪمراني ۽ انتظامي شفافيت جي مفاد ۾ وڌيڪ مناسب ٿيندو ته اهي اهم فيصلا ايندڙ باقاعده مقرر ٿيندڙ وائيس چانسلر جي صدارت هيٺ ڪيا وڃن سنڌ حڪومت پروفيسر ڊاڪٽر خالد عراقي کي تجويز ڏني آهي ته 27 جولاءِ تي رٿيل سينڊيڪيٽ جو 662هون اجلاس نئين باقاعده وائيس چانسلر جي مقرري ۽ عهدو سنڀالڻ تائين ملتوي ڪيو وڃي جيئن اهم معاملا سنڌس صدارت هيٺ سينڊيڪيٽ آڏو مناسب غور لاءِ پيش ڪري سگهجن

بقايا 21 روزاني عبرت

پارٽي جي صوبائي سيڪريٽري جنرل سردار عبدالرحيم سنڌس رهائشگاهه تي تفصيلي ملاقات ڪئي ملاقات دوران سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال تنظيمي معاملن ۽ پارٽي جي ايندڙ سياسي حڪمت عملي تي تفصيلي خيال ونڊيا ويا ان موقعي تي سيد صدرالدين شاهه راشدي اعلان ڪيو ته 25 جولاءِ ڇنڇر منجهند 2 وڳي فنڪشنل ليگ هائوس ڪراچي ۾ سنڌ جي سمورن ضلعي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين جو اهم اجلاس طلب ڪيو ويو آهي جنهن ۾ تنظيمي معاملن، پارٽي جي ايندڙ سياسي حڪمت عملي ۽ ٻين اهم معاملن بابت اهم فيصلا ڪيا ويندا هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ ڪائونسل جي ميمبرن جو اعلان پڻ جلد ڪيو ويندو جيئن پارٽي کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائي سگهجي. سيد صدرالدين شاهه راشدي سنڌ ۾ امن امان جي خراب صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪندي چيو ته صوبي ۾ بدامني جا واقعا مسلسل وڌي رهيا آهن جڏهن ته اغوا ٿيل معصوم نياڻين جي بازيابي نه ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ آهي هن مطالبو ڪيو ته سڀني اغوا ٿيل معصوم نياڻين کي فوري محفوظ نموني بازياب ڪرايو وڃي هن چيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جو پيغام "متحد سنڌ، مضبوط پاڪستان" آهي جيڪو گهر گهر تائين پهچايو ويندو سنڌس چوڻ هو ته مهانگائي عوام جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي ۽ ماڻهو سخت معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن سنڌ جو انفراسٽرڪچر تباهه حال بڻجي چڪو آهي جڏهن ته حڪمران عوام ۽ قومي خزاني کي نقصان پهچائي پنهنجيون تجوريون ڀرڻ ۾ مصروف آهن سيد صدرالدين شاهه راشدي چيو ته تعليم صحت ۽ ٻين سرڪاري شعبن ۾ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ بدران بدعنواني ۽ ڦرلٽ جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب عام شهري سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ منشيات فروشن ۽ ڏوهاري عنصرن کي کليل ڇوٽ ڏني وئي آهي جنهن سبب صوبي ۾ ڏوهن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي سيد صدرالدين شاهه راشدي ان عزم جو اظهار ڪيو ته پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل عوام جي حقن جي تحفظ ۽ سنڌ جي بهتري لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي آخر ۾ سيد صدرالدين شاهه راشدي چيو ته ان شاءَ الله عوام کي تمام جلد خوشخبري ٻڌڻ لاءِ ملندي

بقايا 22 روزاني عبرت

بلاڪ 15 ويجهو الخان مسجد لڳ گهر مان 36 سالن جي محمد علي ولد محمد رفيق جو ڦاهو لڳل لاش مليو آهي ڪارادر ٿاڻي جي حد ليمارڪيٽ کجور بازار اينڊي مين روڊ ڪناري مان نامعلوم شخص جو لاش مليو اسٽيل ٽائون ٿاڻي جي حد گلشن حديد چانور گودام لال مسجد جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر سبب موٽر سائيڪل سوار ارسلان ولد سڪندر فوت ٿي ويو پنجاب چورنگي پل جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار نامعلوم شخص فوت ٿي ويو ڪورنگي ساڍا 5 سڪي مسجد جي ويجهو فائرنگ ۾ محمد اسد سلطان ولد ٽيپو سلطان قتل ٿي ويو

بقايا 23 روزاني عبرت

دوا وٺڻ سبب ناصر شاهه کي ڪراچي ويا هئا ۽ ڪرڻ سبب مٿي ۾ زخم لڳا هئا. جنهن بعد هن ابوظهبي ۾ پنهنجو علاج ڪرائڻ بعد ڪالهه ڪراچي پهتو 15 ڏينهن تائين ڪنهن سان نه ملندو ڪميل شاهه ٻڌايو ته ناصر شاهه خيريت سان ابوظهبي مان ڪراچي پهچي ويو آهي. صدر آصف زرداري طرفان بلاول هائوس مان ناصر شاهه لاءِ گلدستو موڪليو وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه شرجيل ميمڻ ۽ مڪيش چاولا به گلدستا موڪلي خيريت دريافت ڪئي

بقايا 24 روزاني عبرت

وزيرن واري اجلاس ۾ شرڪت لاءِ سومر ڏينهن فلپائن ڏانهن روانگي کان اڳ ٻين ملڪن تي زور ڀريو ته آبناءِ هرمز ۾ عالمي واپاري جهاز راني جي تحفظ لاءِ هو به پنهنجيون ذميواريون ادا ڪن هن چيو ته آمريڪا صرف ايراني ٺڪاڻن کي نشانو بڻائي رهيو آهي جيڪي عالمي واپاري جهازن تي حملن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن مارڪوروبيو چيو ته آبناءِ هرمز هڪ عالمي آبي رستو آهي جنهن تي انهي آبي گذرگاهه ۾ جهازن خلاف ڪارروائيون جاري رکيل آهي هن چيو ته آمريڪا نه صرف جهازن جي تحفظ ۾ مصروف آهي ۽ انهن هنڌن کي به نشانو بڻائي رهيو آهي جتان ڪن ميزائل ۽ ڊرون حملا ڪيا ويندا آهن هن چيو ته آبناءِ هرمز کي آزاد، محفوظ ۽ هر قسم جي رڪاوٽ کان پاڪ رهڻ گهرجي هن چيو ته جيڪڏهن ايران جهاز راني سان لاڳاپيل ڪنهن مفاهمتي انتظام جي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو ته ان انتظام جو برقرار رهڻ مشڪل ٿي ويندو آهي هن چيو ته آمريڪا هاڻي به سفارتي حل لاءِ تيار آهي آمريڪا هميشه سفارتي حل جي حق ۾ آهي اسان ايران سان ان ٽڪراءُ جي حل ڪرڻ جي ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪئي آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

مڪمل خاتمي جو اعلان ڪندي ريلوي واري وزير طور پنهنجي ۽ اعليٰ آفيسرن جي خصوصي سيلونز ۽ ريسٽ هائوسز جي وي آءِ پي رومز جي استعمال تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي ڪو به شهري مناسب ڪرايو ادا ڪري انهن لگزري سفري ۽ رهائشي سهولت مان فائدو کڻي سگهي ٿو "آءِ پي" سان خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي وفاقي وزير ٻڌايو ته ريلوي کاتي کي جديد ۽ عوامي امنگن موجب ڪرڻ لاءِ انقلابي قدم کنيا پيا وڃن هن چيو ته پاڪستان جي تاريخ ۾ پهرين ڀيرو ريلوي اندر مٿي جي سطح کان وي آءِ پي ڪلچر جو مڪمل خاتمو ڪيو ويو آهي وفاقي وزير چيو ته ريلوي جو سيلون چيئرمين سيلون، چيف ايگزيڪيوٽو سيلون ۽ آءِ جي ريلوي جي استعمال واري سيلونز سميت وي آءِ پي سوومينٽ لاءِ مخصوص سمورين سيلونز تي فوري طور تي پابندي لڳائي وئي آهي ماضي ۾ اهي سيلونز صرف مخصوص شخصيتن جي سفري ضرورتن لاءِ استعمال ٿيندا هئا جنهن سان کاتي تي اضافي بار پوندو هو هاڻي ڪو به عام شهري هڪ مقرر ۽ مناسب ڪرائي جي ادائگي ڪري پوءِ انهن شاندار سهولتن کي پنهنجي سفر ۽ رهائش لاءِ بُڪ ڪرائي سگهي ٿو وفاقي وزير جو چوڻ هو ته ريلوي هڪ قومي اثاثو آهي ۽ ان جي سمورن وسيلن تي پهرين حق پاڪستان جي عام عوام جو آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

موجب، ساموندي فوج "آپريشن نصر 2" جي 23هين لهر دوران خطي ۾ موجود آمريڪي فوجي ٺڪاڻن تي حملا ڪيا جن ۾ وڏو نقصان پهچائڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي بيان موجب، پهرين ۽ ٻئي مرحلي ۾ بحرين جي الشيخ ايئرپورٽ تي موجود آمريڪي يونٽن جي ڊرونز جي سار سنڀال مرمت وارن ٺڪاڻن ۽ سلمان پورٽ تي آمريڪي ايف-59 يونٽ جي تياري وارين سهولتن کي نشانو بڻايو ويو پاسداران انقلاب موجب، ٽئين مرحلي ۾ ڪويت جي عريفجان فوجي اڏي تي آمريڪي اسپيشل فورسز جي ميزائلن جي مقرري، سهائتا ۽ فوجي سامان سان لاڳاپيل انفراسٽرڪچر تباهه ڪيو ويو بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته خطي ۾ موجود آمريڪي فوجن خلاف ڪارروائيون جاري رهنديون ٻئي پاسي بحرين جي گهرو وزارت ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته ملڪ ۾ سائرن وڄايا ويا آهن ۽ شهرين تڙي رهواسين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو پرسڪون رهن فوري طور ويجهي محفوظ هنڌ منتقل ٿين ۽ اختيارين طرفان جاري ڪيل حفاظتي هدايتن تي عمل ڪن هوڏانهن ڪويتي فوج دعويٰ ڪئي آهي ته ملڪ جو فضائي دفاعي نظام ايران طرفان ڪيل ميزائل ۽ ڊرون حملن کي روڪڻ ۾ سرگرم آهي ڪويتي فوج جي جنرل اسٽاف ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته جيڪڏهن ڌماڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ته اهي دشمن جي حملن کي ناڪام بڻائڻ لاءِ فضائي دفاعي نظام جي ڪارروائين جو نتيجو آهن بيان ۾ شهرين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو لاڳاپيل اختيارين طرفان جاري ڪيل حفاظتي ۽ سيڪيورٽي هدايتن تي سختي سان عمل ڪن ايران جي پاسداران انقلاب اردن ۾ آمريڪي فوج کي بيلسٽڪ ميزائل سان نشانو بڻائڻ ۽ ڪيترن ئي آمريڪي فوجين کي مارڻ جي دعويٰ ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب ايران جي پاسداران انقلاب چيو آهي ته آپريشن نصر-2 جي 21 هين لهر تحت اردن جي عقبه ايئر پورٽ تي موجود آمريڪي فوج جي سي-17 ٽرانسپورٽ جهاز ۽ ٻي-8 ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول جهاز کي نشانو بڻايو ويو آهي بيان ۾ چيو ويو آهي ته اردن جي عوام ۽ فوج وٽان حاصل ٿيل درست معلومات جي بنياد تي الزرقي جي علائقي ۾ موجود 20 بنڪرز کي نشانو بڻايو ويو جنهن ۾ آمريڪي فوجي موجود هئا. پاسداران انقلاب موجب ان حملي ۾ آمريڪي فوج جا ڪيترائي فوجي هلاڪ ۽ زخمي ٿيا آهن. ايراني ميڊيا موجب ان حملي ۾ بيلسٽڪ ميزائل استعمال ڪيا ويا هئا.

بقايا 27 روزاني عبرت

شهباز شريف اينڊي برنهم کي برطانيا جي وزيراعظم جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني آهي سومر ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ مبارڪباد واري پيغام ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف اينڊي برنهم جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته هو پاڪستان ۽ برطانيا جي وچ ۾ دوستي ۽ تعاون جي تاريخي ۽ گهري رشتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ سانس گڏجي ڪم ڪرڻ جو خواهشمند آهي هن چيو ته هي خصوصي لاڳاپا برطانيا ۾ رهندڙ لکين قابل فخر متحرڪ پاڪستانين جي ذريعي مضبوط آهن جيڪي بنهي ملڪن جي وچ ۾ هڪ پُل جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن هن چيو ته اسان گڏجي پاڪستان ۽ برطانيا جي لاڳاپن خاص طور تي ٻطرفي واپار ۽ سيڙپڪاري جي حصيداري کي نئين بلندين تائين وٺي وڃڻ جي ڪوشش ڪنداسين

بقايا 28 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪئناڊا جي پرڏيهي وزير انيتا آنند جي اعزاز ۾ ماني جهاندي جي ميزباني ڪئي پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب مانيجهاندي ۾ وفاقي وزيرن ۽ پاڪستان ۽ ڪئناڊا جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي بنهي ملڪن جي وچ ۾ ٻطرفي لاڳاپن ۽ گڏيل تعاون کي فروغ ڏيڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو ماني جهاندو ڪينيڊين پرڏيهي وزير جي پاڪستان جي سرڪاري دوري جي سلسلي ۾ ڏنو ويو

بقايا 29 روزاني عبرت

پيٽرول ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جا اگهه روزانو جاري ڪندي ۽ انهن جي منظوري لاءِ وزيراعظم يا وفاقي حڪومت کان ڌار منظوري جي ضرورت نه هوندي نئين نظام تحت اوگرا قيمتن جو تعين گذريل ستن ڏينهن جي عالمي مارڪيٽ ۾ ايوريج اگهن جي بنياد تي ڪندي، جڏهن ته ڇنڇر ۽ آچر تي اڳ ۾ جاري ڪيل اگهه برقرار رهندا. نئين ميڪنزم موجب، گاسليٽ ۽ لائيٽ ڊيزل آئل جون قيمتون به روزانو مقرر ڪيون وينديون پيٽروليم ليوي ڪابينا طرفان مقرر ڪيل حد کان وڌيڪ لاڳو نه ڪري سگهبي جڏهن ته ان جي شرح ۾ تبديلي رڳو ناڻي واري ڊويزن جي منظوري سان ممڪن هوندي دستاويزن موجب، مالي سال 2026-27 دوران هاءِ اسپيڊ ڊيزل جا اگهه رڳو پاڪستان اسٽيٽ آئل (پي ايس او) ذريعي ٿيندي جڏهن ته آئل مارڪيٽنگ ڪمپنين کي پنهنجي مارڪيٽ شيئر موجب پيٽرول درآمد ڪرڻ جي اجازت هوندي رپورٽ موجب، درآمد يا اپ لفٽمينٽ ۾ ناڪام رهندڙ ڪمپني کي 9 مهينن تائين نئين درآمدي اجازت نه ڏني ويندي، وفاقي حڪومت لاڳاپيل ادارن کي نئين پرائسنگ ميڪنزم تي فوري عملدرآمد يقيني بڻائڻ جون هدايتون پڻ جاري ڪري ڇڏيون آهن

بقايا 30 روزاني عبرت

سربراهه چونڊي ورتو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب، حماس پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته ڊاڪٽر خليل الحيه هاڻي تنظيم جي سياسي آفيس جي سربراهه طور ذميواريون سنڀاليندو حماس موجب، ڊاڪٽر خليل الحيه شهيد يحييٰ سنوار جي جانشين طور پنهنجون ذميواريون نڀائيندو. رپورٽن موجب، 1960ع ۾ غزه ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر خليل الحيه 1987ع ۾ حماس جي ٺهڻ کان وٺي تنظيم سان لاڳاپيل آهي اسماعيل هنيه، يحييٰ سنوار ۽ عسڪري ڪمانڊر محمد الضيف جي شهادت کانپوءِ ڊاڪٽر خليل الحيه تنظيم جي اهم قيادت ۾ نمايان حيثيت اختيار ڪري چڪو هو واضح رهي ته حماس جي اڳوڻي سربراهه يحييٰ سنوار آڪٽوبر 2024ع ۾ اسرائيلي فوج سان ويڙهه دوران شهيد ٿي ويو هو

بقايا 31 روزاني عبرت

آهي. فريدم گيٽ پراسيڪيوٽر جي سي اي او محمد انور چيو ته جڏهن ته پاڪستان ۾ وڏي ڪاروباري صلاحيت آهي ڪاروبار- خاص طور تي آءِ ايس آءِ اسٽارٽ اپس ۽ نوجوانن ۽ عورتن جي اڳواڻي ۾ ادارا- ٽٽل ضابطن ۽ اوورلپنگ ٽريڪنگ جهڙن چئلينجن کي منهن ڏين ٿا. هن نوٽ ڪيو ته پاليسي بريف جو مقصد ڊي ريگيوليشن نه آهي پر هڪ جديد، شفاف ۽ ڊجيٽل طور تي فعال ريگيوليٽري سسٽم جي تخليق آهي جيڪو موثر گورننس کي يقيني بڻائيندي انٽرپرائز کي سهولت فراهم ڪري ٿو پاليسي بريف وفاقي حڪومت تي زور ڏئي ٿو ته هڪ واحد ڊجيٽل تعميل گيٽ وي قائم ڪري جيڪو ڪاروبار کي هڪ مربوط پليٽ فارم ذريعي رجسٽريشن لائسنسنگ ۽ ريگيوليٽري رپورٽنگ مڪمل ڪرڻ جي قابل بڻائي اهو سڀني سرڪاري ادارن پاران تسليم ٿيل هڪ منفرد ڪاروباري سڃاڻپ ڪندڙ متعارف ڪرائڻ پراڻن ضابطن جي منطقي بڻائڻ ريگيوليٽري ٽريفڪ جي معياري بڻائڻ خطري تي ٻڌل معائنو نظام جي وڌائڻ ۽ وفاقي-صوبائي ڪوآرڊينيشن جي مضبوط ڪرڻ ريگيوليٽري شفافيت جي وڌائڻ سرڪاري-نجي صلاح مشوري جي ادارتي بڻائڻ ۽ ريگيوليٽري ادارن ۽ ڪاروباري ادارن ٻنهي جي صلاحيتن جي اپ گريڊ ڪرڻ جي سفارش ڪري ٿو هي اندازو ريگيوليٽري گهرجن جي تعميل جي خرچن ۾ نمايان گهٽتائي آڻيندا ڪاروبار جي رجسٽريشن ۽ لائسنسنگ جي عمل جي تيز ڪندا، شفافيت وڌائيندا ۽ ڪاروبارن کي باضابطه بڻائڻ جي حوصلا افزائي ڪندا ان کان علاوه اهي سيڙپڪارن جي اعتماد وڌائيندا ۽ پاڪستان ۾ ڪاروباري سرگرمين (انٽرپرينيورشپ)، سيڙپڪاري ۽ پائيدار معاشي ترقيءَ لاءِ وڌيڪ سازگار ماحول پيدا ڪندا

بقايا 32 روزاني عبرت

نائجيريا جي اُترهندي پاسي واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي چوڪي تي دهشتگردن جي حملي ۾ 16 فوجي مارجي ويا ۽ 23 زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب نائجيريا جي دفاع واري وزارت بيان ۾ ٻڌايو ته هو حملو گذريل ڏينهن تيلا بيري جي علائقي ۾ ٿيو آهي جيڪو نائجر ۽ برڪينا فاسو جي سرحدن ويجهو آهي مالي جي بيان ۾ چيو ويو آهي ته هن حملي جي دوران جوابي ڪارروائي ۾ 15 دهشتگرد مارجي ويا آهن جڏهن ته 5 موٽر سائيڪلون قبضي ۾ ورتيون ويون آهن ۽ چئن کي تباهه ڪيو ويو آهي دفاع واري وزارت موجب دفاعي سيڪيورٽي فورسز هوائي فورسز جي مدد سميت فوري جوابي ڪارروائي ڪئي ۽ علائقي ۾ سرچ ۽ ڪليئرنس ۽ سيڪيورٽي آپريشنز جاري آهن

بقايا 33 روزاني عبرت

ٻڌل پوليسنگ، ادارن جي وچ ۾ بهتر رابطي ڏوهارين خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشنز ۽ سرحدي سيڪيورٽي جي قدمن کي مضبوط ڪرڻ جي 2026 جي پهرين ڇهن مهينن دوران وڏن ڏوهن دهشتگردي سان لاڳاپيل واقعن ۽ اسٽريٽ ڪرائم ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي اجلاس ۾ صوبي جي سطح تي سيڪيورٽي ماحول ڏوهن جي لاڙن دهشتگردي جي انتظار واري آپريشن منشيات مخالف مهمن ڪچي جي علائقن جي آپريشن ۽ جديد نگراني وارن نظامن جي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو جنهن ۾ سيف سٽي پروجيڪٽ ۽ سنڌ سمارٽ سرويلنس سسٽم (S4)شامل آهن وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صوبائي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار گهرو سيڪريٽري اقبال ميمڻ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جاويد عالم اوڍو ايڊيشنل آءِ جي پوليس ڪراچي آزاد خان ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي بريفنگ دوران گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار وڏي وزير کي ٻڌايو ته سنڌ پوليس انٽيليجنس تي ٻڌل پوليسنگ، بين الصوبائي سرحدن تي سيڪيورٽي مضبوط ڪرڻ، حساس تنصيبات، غير ملڪي مشنن چيني شهرين مذهبي ادارن عوامي جڳهن ۽ اهم سرڪاري انفراسٽرڪچر جي تحفظ کي بهتر بڻائڻ سڄي صوبي ۾ هڪ مضبوط سيڪيورٽي ماحول برقرار رکيو آهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ايرانڊ سيڪيورٽي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ پوليس رينجرز ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي)، اسپيشل برانچ انٽيليجنس ادارن ۽ ضلعي انتظاميا جي وچ ۾ ويجهو رابطو برقرار رکيو پيو وڃي آءِ جي پوليس جاويد اوڍو وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ته 2025 جي ساڳئي عرصي جي مقابلي ۾ جنوري کان جون 2026 جي سراڻي انگن اکرن موجب، قتلن ۾ 17.3 سيڪڙو قتل سان گڏ ڦر ۾ 19.4 سيڪڙو زخمين سان گڏ ڦر ۾ 25.4 سيڪڙو ڌاڙن ۽ ڦرن ۾ 18.9 سيڪڙو ڪار ڦرڻ ۾ 23.9 سيڪڙو موٽرسائيڪل ڦرڻ ۾ 31.1 سيڪڙو ۽ موٽرسائيڪل چوري ۾ 22.1 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي آءِ جي پوليس وڏي وزير کي ٻڌايو ته جيتوڻيڪ اڪثر ڏوهن جي قسمن ۾ گهٽتائي جو لاڙو نظر آيو آهي ۽ موبائل فون ڦرڻ جي واقعن ۾ واڌ ٿي آهي جنهن لاءِ خاص توجهه واري عمل جي ضرورت آهي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان وڏي وزير کي ٻڌايو ته گذريل سال جي ساڳئي عرصي جي مقابلي ۾ ڪراچي ۾ مجموعي طور اسٽريٽ ڪرائم ۾ 11.77 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي ڦر جي واقعن دوران هلاڪتن ۾ 38.3 سيڪڙو زخمين ۾ 39.1 سيڪڙو گاڏين جي ڦر ۾ 24.3 سيڪڙو ۽ موٽرسائيڪل جي ڦر ۾ 27.8 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي موجب سنڌ پوليس 2026 جي پهرين ڇهن مهينن دوران 2,184 مقابلا ڪيا جڏهن ته گذريل سال جي ساڳئي عرصي ۾ 1,574 مقابلا ڪيا ويا هئا. پوليس مختلف آپريشنز دوران 1,087 ڏوهاري گينگس جو خاتمو ڪيو 187 ڏوهارين کي ماريو ۽ هزارين مشڪوڪ ماڻهن کي گرفتار ڪيو بريفنگ ۾ ڏوهاري عناصرن خلاف تيز ڪيل ڪريڪ ڊائون جي حصي طور غير قانوني هٿيارن خاص ڪري پسٽلن، ريوالورن ۽ ٻين هٿيارن جي برآمدگي ۾ وڏي واڌ کي نمايان ڪيو ويو گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار وڏي وزير کي ٻڌايو ته رپورٽنگ جي عرصي دوران پوليس منشيات فروشن خلاف 7,027 ڇاپا هنيا، جنهن جي نتيجي ۾ 7,468 ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ 9,096 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو هيروئن چرس آئس ۽ شراب جي وڏي مقدار هٿ ڪئي وئي وڏن منشيات سپلائرن تي لائن منشيات وڪڻندڙن ۽ تعليمي ادارن جي پرسان ڪم ڪندڙ ڊيلرز خلاف پڻ خاص آپريشن ڪيا ويا

بقايا 34 روزاني عبرت

ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت محدود وسيلن هوندي به عوامي خدمت جا نوان معيار قائم ڪيا آهن ڪجهه ماڻهو رڳو پريس ڪانفرنسون ڪندا رهيا، جڏهن ته اسان جديد منصوبن وسيلي انهن کي عملي جواب ڏنو آهي سنڌ جي ترقياتي منصوبن ۾ رنڊڪون وجهندڙن کي عوام اڳ به رد ڪندو آيو آهي ۽ اڳتي به رد ڪندو رهندو هڪ بيان ۾ هن چيو ته جيڪڏهن ڪو سنڌ حڪومت جي منصوبن کي وفاق طرفان مڪمل سهڪار ملي ته انهن جا نتيجا گهڻو وڌيڪ تيزيءَ سان عوام تائين پهچي سگهن ٿا سنڌ حڪومت تي تنقيد ڪندڙ ٻڌائن ته هنن اهڙو ڪهڙو منصوبو ڏنو آهي جنهن تي عوام فخر ڪري سگهي

بقايا 35 روزاني عبرت

کي پوليس محفوظ نموني بازياب ڪرائي ورتو آهي ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي موجب ٻار کي مبينا طور موٽرسائيڪل سوار جوابدار نئين ناظم آباد، ٿاڻي منگهوپير جي حد مان اغوا ڪري ويو هو ايس ايس پي ويسٽ ٻڌايو ته واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو هن چيو ته منگهوپير پوليس ڳجهي اطلاع تي ٿئي پرسان ڪامياب ڪارروائي ڪندي مغوي ٻار آڏان علي خان کي محفوظ حالت ۾ بازياب ڪرائي ورتو

بقايا 36 روزاني عبرت

معاشي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ملڪ جي معيشت ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي پئي وڃي جنهن کي وڌيڪ زوال کان بچائڻ لاءِ فوري ۽ مؤثر قدم کڻڻا پوندا حليم عادل شيخ چيو ته نااهل حڪمرانن ملڪ کي ڊفالٽ جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي جڏهن ته مهانگائي سبب ملڪ جي اڌ کان وڌيڪ آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي وئي آهي

بقايا 37 روزاني عبرت

حڪومت جي اولين ترجيح آهي هن اهڙن خيالن جو اظهار منصوبابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن سومر ڏينهن هتي وزيراعظم هائوس ۾ سائس ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، ملاقات ۾ سڄي ملڪ پبلڪ سيڪٽر ڊولپمينٽ پروگرام سميت جاري ترقياتي منصوبن تي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. وفاقي وزير وزيراعظم کي جاري ترقياتي منصوبن انهن تي ٿيندڙ اڳڀرائي ۽ مستقبل جي لائحه عمل کان آگاهه ڪيو وزيراعظم شهباز شريف هدايت ڪئي ته قومي اهميت جي سڀني ترقياتي منصوبن کي اعليٰ معيار سان مقرر وقت اندر مڪمل ڪيو وڃي

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ
اين آءِ سي ايل بلڊنگ 11هين منزل عباسي شهيد روڊ پنيان ايف ٽي سي بلڊنگ گورا قبرستان ڪراچي

تاريخ:
20 جولاءِ 2026

ٽينڊر نوٽيس

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي، سروس ڊليوري آئوٽ ليٽس لاءِ هيٺ ڏنل اسٽور شين جي سپلاءِ لاءِ ڊائريڪٽوريٽ آف سيلز ٽيڪس ۽ انڪم ٽيڪس/ايس آر بي وٽ باقاعدي رجسٽرڊ مختلف پرائمري مينوفيڪچررز يا انهن جي بااختيار نمائندن/ڊسٽريبيوٽرس کان SPPRA اي پيڊس تي آن لائن آڇون گهرائي ٿو.

شمار نمبر	ٽينڊر جي ڪوڊ	اسٽورز	تخميني لاڳت	ٽينڊر فيس/لاڳت رپيا
1	نمبر: PWDS/W&D/CC/NCB/2026-27/01	ڪنٽراسيپٽوز	مختلف	2,000/- رپيا
2	نمبر: PWDS/W&D/Med/2026-27/02	ڊرگس/ميڊيسن	مختلف	2,000/= رپيا

ٽينڊر فيس ۽ تاريخ	
ٽينڊر دستاويز فيس:	2,000/- رپيا
اجراء جي شروعاتي تاريخ:	21 جولاءِ 2026
اجراء جي آخري تاريخ ۽ وقت:	5 آگسٽ 2026 رات 11:00 وڳي
جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت:	21 جولاءِ 2026 کان 5 آگسٽ 2026 رات 11:00 وڳي تائين
کلڻ جي تاريخ ۽ وقت:	5 آگسٽ 2026 رات 11:30 وڳي

ٽينڊر دستاويز SPPRA اي پيڊس جي ويب سائيٽس تان ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر دستاويز/آڇ (بد سيڪيورٽي/سوٽي رقم جي ڪاپي ۽ معاون دستاويزن سان گڏ) ايس پي پي آر اي اي پيڊس /https://portalsindh.eprocure.gov.pk تي جمع/اپلوڊ ٿيڻ گهرجي. اصل بد سيڪيورٽي ۽ اصل آڇ (صحيح ٿيل ۽ مهر لڳل) آڇ کولڻ جي شيڊول کان اڳ ڊپٽي ڊائريڪٽر (W&D) جي دفتر، پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، سنڌ، ڪراچي، 11هين ماڙ، اين آءِ سي ايل بلڊنگ، عباسي شهيد روڊ پنيان ايف ٽي سي بلڊنگ گورا قبرستان، ڪراچي ۾ پهچائي سگهجي ٿي. آڇون مقرر تاريخ ۽ جاءِ تي انهن واڪ ڊينڊرن جي نمائندن جي موجودگي ۾ کوليون وينديون جيڪي شرڪت ڪرڻ چاهين.

واڪ ڊينڊرن کي ڪل آڇ جي قيمت جو 2.5% بد سيڪيورٽي پي آرڊر جي صورت ۾ سيڪريٽري، پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ، ڪراچي جي نالي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. 2.5% بد سيڪيورٽي کان سواءِ آيل آڇ رد ڪئي ويندي. ڪاتو آڇ يا تجويز جي منظوري کان اڳ ڪنهن به وقت سڀ آڇون يا تجويزون رد ڪري سگهي ٿو. ڪاتو درخواست ڪرڻ تي ڪنهن به سپلائر يا ٺيڪيدار کي جنهن آڇ يا تجويز جمع ڪرائي هجي، سڀني آڇن يا تجويزن جي رد ٿيڻ جا سبب ٻڌائيندو، پر انهن سببن کي درست ثابت ڪرڻ جو پابند ناهي.

شرط ۽ ضابطا:-

آڇون پاڪستاني ڪرنسي (پاڪستاني روپيا) ۾ گهرايون ويون آهن.

فقط اپلوڊ ٿيل آڇ سان معاون دستاويز قبول ڪئي ويندي. جيڪڏهن واڪ ڊينڊر جي EPADS تي جمع ٿيل آڇ ۽ هٿو هٿ جمع ڪرايل آڇ ۾ ڪو فرق هجي، ته تشخيص جي مقصدن لاءِ EPADS تي جمع ٿيل آڇ ئي معتبر سمجهي ويندي.

حڪومت پاران ڪنهن عام موڪل جي اعلان جي صورت ۾ ٽينڊر اينڊز ڪم واري ڏينهن جمع ڪرايا/کوليا ويندا ۽ وقت ۽ جاءِ ساڳي ئي رهندي.

ٽينڊر ۾ ڏنل قيمتون کولڻ جي تاريخ کان 90 ڏينهن تائين يا SPP قانون 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي قاعدي 38 جي شرطن تحت آڇ جي وڌايل مدي تائين مؤثر رهنديون.

پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، SPP قانون موجب جڏهن به ضروري سمجهي ڪنهن به مقرر ٿيل شين جي مقدار کي گهٽ يا وڌ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو. پروڪيورنگ ايجنسي SPP قانون 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل شق تحت ڪنهن به آڇ يا تجويز جي منظوري کان اڳ ڪنهن به وقت سڀ يا ڪا به آڇ رد ڪري سگهي ٿي.

INF-KRY/3041/26
I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ڊپٽي ڊائريڪٽر (W&D)
پاپوليشن ويلفيئر ڊپارٽمينٽ، سنڌ
فون: 021-99225652

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سرڪاري خرچن ۾ بچت: رڳو اعلان نه پر عملي تبديلي به نظر اچي!
صفحو 4

مير اعظم علي ٽالپر
تيل جا اگهه ۽ نانيءَ جون خبرون ئي پنهنجيون
صفحو 4

آڊٽ رپورٽ: ڳڻتيءَ جوڳو لمحو!
ڪنور دلشاد
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن ...... 21 جولاءِ
صفحو 4

مٽياري شهر ۽ آسپاس جي علائقن ۾ گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر جو آزار

سماجي تنظيم ميمڻ مومينٽ مٽياري جي هڪ وفد جي سوئي گئس آفيس پهچي لاڳاپيل عملدارن سان ملاقات

شهري ڊگهي عرصي کان گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر سبب سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن: اڳواڻ

ماڻهو ڪاٺيون ٻاري رڌ پچاءُ ڪرڻ تي مجبور آهن اڪثر ماڻهو صبح جي وقت بغير ناشتي جي ڪم ڪار تي هليا وڃن ٿا، مسئلو حل ڪيو وڃي

مٽياري(ڊ ر) مٽياري شهر ۽ آسپاس جي علائقن ۾ ڊگهي عرصي کان جاري گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر خلاف سماجي تنظيم ميمڻ مومينٽ مٽياري جي هڪ وفد تنظيم جي صدر حاجي نبيل ميمڻ جي اڳواڻي ۾ واپاري اڳواڻن ۽ شهرين سوئي گئس آفيس پهچي لاڳاپيل عملدارن سان ملاقات ڪري شهر ۾ گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر جي شڪايت ڪندي چيو ته مٽياري جا شهري ڊگهي عرصي کان گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر سبب سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن جنهن سبب گهرن ۾ رڌ پچاءُ سخت متاثر ٿي رهيو آهي اڪثر گهرن ۾ ماڻهو ڪاٺيون ٻاري رڌ پچاءُ ڪرڻ تي مجبور آهن اڪثر ماڻهو صبح سان بغير ناشتي جي ڪم ڪار تي هليا وڃن جڏهن ته منجهند جو گهٽ پريشر سبب رڌ پچاءُ مڪمل نه پيو ٿي سگهي جنهن سبب شهري شديد پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن وفد لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو ته ضلعي هيڊ ڪوارٽر شهر مٽياري ۾ گئس جو مسئلو فوري حل ڪيو وڃي وفد ۾ امتياز خاصخيلي، علي اختر ميمڻ، امتياز ميمڻ، ذوالفقار ميمڻ، ڪامريڊ يوسف خاصخيلي، منير خاصخيلي، عبدالرحيم ميمڻ ارشاد ميمڻ، رحمت الله ترڪ شامل هئا

مٽياري: سماجي تنظيم ميمڻ مومينٽ مٽياري جي هڪ وفد جي سوئي گئس آفيس پهچي لاڳاپيل عملدارن سان ملاقات بعد ورتل فوٽو

عثمان شاهه هڙي ۾ ڳوٺ حاجي نياز کوسو جي رهواسين جو احتجاج

بااثر شخص جي چرچ تي کوسا برادري جي ماڻهن تي ڪوڙي اين سي ڪٽائي وئي آهي: مظاهرين

مڇي جي نسل ڪشي جي روڪٿام لاءِ آواز کي دٻائڻ واري عمل جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

عثمان شاهه هڙي(ات ر) عثمان شاهه هڙي جي ويجهو عمرسانڊ ٽاڪي جي حد، ڳوٺ حاجي نياز کوسي جي رهواسين محمد عمر کوسو عبدالغفار کوسو حاجي خدادنو کوسو، عثمان سينهڙو ۽ پريس ڪلب عثمان شاهه هڙي ۾ صحافين آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ايلچي ڍوري ۾ موجود مڇي جي نسل ڪشي ۽ بيڙي ٽوڙڻ الزام وارڻ تان ملاح برادري جي نظر ملاح ۽ اشرف ملاح پاران علائقي جي بااثر شخص جي چرچ تي کوسا برادري جي ماڻهن مٿان داخل ڪرايل ڪوڙي اين سي واري عمل جي مذمت ڪريون ٿا ۽ هتان ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته ايلچي ڍوري ۾ جون ۽ جولاءِ ميهني دوران بجا ڏينڊڙ مڇي جي نسل ڪشي جي روڪٿام لاءِ عوام جي آواز کي دٻائڻ واري عمل نوٽيس وٺي ساڻن انصاف ڪيو وڃي

عثمان شاهه هڙي: ڳوٺ حاجي نياز کوسو جا رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪندي

پنگريو ۾ عورت جو آئيس جي عادي مڙس خلاف احتجاج

مڙس جمن خاصخيلي آئس سميت منشيات جو عادي آهي: نور جهان

نشي جي لت سبب گهر جو قيمتي ۽ ضروري سامان اڌ مُلهه تي وڪڻي چڪو آهي

پنگريو(ن ع) آئس جي عادي مڙس کان جان جو خطرو عورت ۽ سندس سس جون پريس ڪلب پنگريو ۾ ڌانهون پوليس تي ڪارروائي نه ڪرڻ جو الزام.پنگريو جي رهواسڻ مسمات نورجهان خاصخيلي پنهنجي سس زيب النساء خاصخيلي سان گڏ پريس ڪلب پنگريو ۾ ڌانهيندي الزام هنيو ته سندس مڙس جمن خاصخيلي آئس سميت منشيات جو عادي آهي ۽ نشي جي لت سبب گهر جو قيمتي ۽ ضروري سامان اڌ مُلهه تي وڪڻي چڪو آهي هن چيو ته سندس مڙس روزانو گهر اچي جهيڙو ڪري ٿو مارڪٽ ڪري ٿو ۽ نشي لاءِ پئسن جو مطالبو ڪري ٿو پئسا نه ڏيڻ تي کيس قتل ڪرڻ جي به ڪوشش ڪري چڪو آهي نورجهان خاصخيلي چيو ته موجوده صورتحال ۾ کين پنهنجي جان جو سخت خطرو آهي ۽ خدشو آهي ته سندس مڙس ڪنهن به وقت گهر جي ڪنهن به ڀاتي کي نقصان پهچائي سگهي ٿو هن ٻڌايو ته هوءَ انصاف لاءِ پنگريو ٿاڻي تي وئي، پر پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪئي هن ۽ سندس سس آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته جمن خاصخيلي خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪري سندن جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

پنگريو: عورت آئيس جي عادي مڙس خلاف احتجاج ڪندي

يونين آف جرنلسٽ تعلقا محرابپور ۽ سٽي عهديدارن جي مان ۾ حلف برداري تقريب

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) گذريل رات سيال هوٽل تي ريجنل يونين آف جرنلسٽ تعلقا محرابپور ۽ سٽي عهديدارن جي مان ۾ حلف برداري تقريب پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام جو آرگنائيزر ضلعي نوشهروفيروز اڳواڻ دودل نوحيوڪو هو جڏهن ته سکر ڊويزن صدر عبدالمجيد پنهور، عبدالسميع پنهور، خان محمد خان، ميان غلام حسين فاتح، هريش ڪمار ۽ ٻيا خاص مهمان هئا، جڏهن ته چونڊيل باڊي کي عبدالمجيد پنهور عهد وفا جو قسم کڻايو، جن ۾ مولابخش ڦيٻو، بلال سومرو، عطا حسين سهتو، ديدار عاصر، پرويز شر، عاشق چنا، درياء خان سومراه، مجاهد حسين سامٽيو ۽ ٻين قسم کنيو. پروگرام ۾ ضلعي خيرپور ۽ ضلعي نوشهروفيروز جا صحافي، اديب، دانشور، ليڪڪ ۽ ان کان علاوه معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان دوران خاص مهمانن خطاب ۾ چيو ريجنل يونين تنظيم عام رواجي تنظيم ناهي هي تنظيم حقيقت تي ٻڌل آهي. هن تنظيم ۾ هڪ شهيد صحافي جي پونئرن لاءِ پنج ڪروڙ رپيا حڪومت کان معاوضو وٺي ڏيڻ، بيمار صحافين کي ڏهه لک رپين تائين علاج جي مفت سهوليت مهيا ڪرائڻ، ننڍين پريس ڪلبن کي فنڊ منظور ڪرائڻ اوليت ترجيح شامل هوندو. ان کان اڳ پروگرام جو آغاز ڪلام پاڪ جي تلاوت سان ڪيو ويو. جڏهن ته منتخب صدر مولابخش ڦيٻو مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو آخر ۾ مهمانن ۾ سائي تقسيم ڪئي وئي.

هلندڙ سال جي پهرين ڇهن مهينن ۾ چين پاران انٽيگريٽيڊ سرڪٽس جي روانگي

واپار ۾ 88.7 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ بيجنگ (اي پي پي) هلندڙ سال جي پهرين ڇهن مهينن ۾ چين جي انٽيگريٽيڊ سرڪٽس جي روانگي واپار ۾ 88.7 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب چين جي صنعت واري وزارت ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي واري چيف انجنيئر وانگ وي مينگ سومر ڏينهن چينز جي رياستي ڪائونسل جي انفارميشن آفيس پاران منعقد ڪيل هڪ پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو ته مصنوعي ذهانت گرين ۽ گهٽ ڪاربن جي ٽيڪنالاجي جي عالمي طلب ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي هن چيو ته هن سال جي پهرين ڇهن مهينن ۾ چين جي انٽيگريٽيڊ سرڪٽس، اليڪٽرانڪ حصن ۽ ونڊ ٽربائن جنريٽرز جي روانگي واپار ۾ نمايان اضافو رڪارڊ ٿيو آهي چين جي ڪرنسي يوآن جي لحاظ کان انٽيگريٽيڊ سرڪٽ جي روانگي واپار ۾ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 88.7 سيڪڙو اليڪٽرانڪ حصن جي روانگي واپار ۾ 62.6 سيڪڙو ۽ ونڊ ٽربائن جنريٽرز جي روانگي واپار ۾ 35.6 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي

مسوبرڳڙي ۽ آسپاس جي علائقن ۾ مهانگائي کي ٻنجو نه آيو ڪامورا آفيسن تائين محدود

روزمره جي استعمال جون شيون مسلسل مهانگيون ٿيڻ سبب عوام سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي وئي

کنڊ، گيهه، چانهه جي پتي ۽ ٻين کاڌ خوراڪ جي شين جا اگهه چوٽ چڙهيل، اٽو 5000 في مڻ وڪرو ٿيڻ لڳو

سرڪاري اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ۽ غريب عوام کي مهانگائي جي عذاب کان نجات ڏني وڃي: رهواسي

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ روز بروز وڌندڙ مهانگائي غريب ۽ پورهيت طبقي جي زندگي کي سخت مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي. روزمره استعمال جون شيون مسلسل مهانگيون ٿيڻ سبب عوام سخت پريشاني ۾ مبتلا آهي. شهرين موجب اٽي جي قيمت وڌي تقريباً 5,000 رپيا في مڻ تائين پهچي وئي آهي جڏهن ته کنڊ، گيهه، چانهه جي پتي ۽ ٻين کاڌ خوراڪ جي شين جا اگهه به آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. غريب ۽ مزدور طبقو ٻن ويلن جي ماني حاصل ڪرڻ لاءِ به پريشان نظر اچي رهيو آهي. شهرين الزام هنيو آهي ته لاڳاپيل انتظاميا مهانگائي تي ضابطو آڻڻ ۾ مڪمل طور ناڪام نظر اچي رهي آهي. سندن چوڻ آهي ته اسسٽنٽ ڪمشنر (اي سي) سڄي سال دوران صرف هڪ اڌ ڀيرو مارڪيٽ جو دورو ڪري تصويرون ڪڍرائي هليو وڃي ٿو جڏهن ته واپارين جي من ماني اگهن خلاف ڪا به اثرائتي ڪارروائي نظر نٿي اچي. مسوبرڳڙي ۽ ڀرپاسي جي رهواسين سنڌ حڪومت، ضلعي انتظاميا حيدرآباد ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي قيمتن تي ضابطو آندو وڃي. سرڪاري اگهن تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ۽ غريب عوام کي مهانگائي جي عذاب کان نجات ڏني وڃي.

ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ سومرو لغاري جي رهواسين جو مظاهرو

ڳوٺ جي بااثر ماڻهن جي ڏاڍاين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

بااثر اسڪول جي پلاٽ ۽ مسجد آڏو چوپائي مال جو ڀاڻ اڇلائي قبضو ڪري ويٺا آهن: مظاهرين

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ سومرو لغاري جي رهواسي مردن ۽ عورتن پاران ڳوٺ جي بااثر ماڻهن جي ڏاڍاين خلاف ٽنڊوالهيار پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن عدنان حيدر خاصخيلي . اڪبر لغاري . سليم لغاري . محمد شريف خاصخيلي . محمد اشرف لغاري . نويد علي لغاري . بشيران . ڪلثوم ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڌانهيندي چيو ڳوٺ جا ڪجهه بااثر ماڻهون اسڪول جي پلاٽ ۽ مسجد آڏو چوپائي مال جو ڀاڻ اڇلائي قبضو ڪريو ويٺا آهن منع ڪرڻ تي ڳوٺ جا بااثر ماڻهون ستار . غفار . ڪالو . سڪندر . شهباز . زينت . عنايتان ۽ شبانه جيڪي اسان تي ڏمرجي پيا آهن هنن چيو ته مسجد ڏانهن ويندڙ رستي ۽ اسڪول جي پلاٽ ۾ چوپائي مال جي ڀاڻ ۽ گند ڪچرو اڇلائڻ سبب علائقي واسي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن انهي رستي تان نمازي ماڻهون مسجد به نٿا وڃي سگهن مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن وڌيڪ چيو ته اسان پوليس سميت ڳوٺ جي چڱن کي به ڏانهن ڏني پر مذڪوره ماڻهون ڪنهن جي به نٿا ٻڌن جيڪي هاڻ اسان کي جاني ۽ مالي نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏئي حراسان ڪري رهيا آهن هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته مسجد ۽ اسڪول جي رستي تان قبضو ختم ڪرائي بااثرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار: ڳوٺ سومرو لغاري جا رهواسي مرد ۽ عورتون ڳوٺ جي بااثر ماڻهن جي ڏاڍاين خلاف احتجاج ڪندي

سکر لڳ سنگهرار جي غلام ڳوٺ واسي نوجوان جو احتجاج

امجد علي کوسو بااثر سيد اشرف شاهه، رضوان شاهه ۽ ٻين جي زيادتين خلاف ڌانهيو

اسان جي قبولي ۽ خريدي زمين آهي پر سيد برادري هروڀرو تنگ ڪري رهي آهي: امجد کوسو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر لڳ سنگهرار جي غلام ڳوٺ واسي نوجوان امجد علي کوسو سکر پريس ڪلب آڏو علائقي جي بااثر سيد اشرف شاهه، رضوان شاهه ۽ ٻين جي زيادتين خلاف ڌانهيندي چيو آهي ته اسان جي 12 ايڪڙ زمين تي سيد بلاجواز

ڪڍڻ دوران ڪارڪند ڪري حراسان پيو ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته معاملي جو فيصلو سيد ظاهر شاهه ۽ ٻين ڪيو جنهن ۾ سيد برادري ڪوڙي ثابت ٿي آهي پر ان باوجود تنگ ڪيو پيو وڃي هن آئي جي سنڌ ،ڊي آئي جي سکر ۽ وسوارن کان

سکر ۾ سول ڊفينس ٽريننگ کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم اڳڀرائي

سکر(بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪنٽرولر سول ڊفينس سکر نادر شهزاد خان ۽ ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان جي خاص هدايتن تي "محفوظ سکر مضبوط پاڪستان" جي ويزن تحت، شهر ۾ ڪميونٽي سطح تي بنيادي سول ڊفينس ٽريننگ کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي ان سلسلي ۾، ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان سول ڊفينس جي ٻين انچارج آفيسرن سان گڏ، سورٺ ميمڻ جماعت جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران، ڪميونٽي سطح تي بنيادي سول ڊفينس ٽريننگ پروگرام منعقد ڪرڻ بابت هڪ باضابطه درخواست پڻ پيش ڪئي وئي ان موقعي تي ڊاڪٽر سعيد اعوان بنيادي سول ڊفينس ٽريننگ جي اهميت، افاديت ۽ ضرورت کي اجاگر ڪندي چيو ته موجوده دور ۾، قدرتي آفتن باهه حادثن ۽ ٻين هنگامي حالتن کي مؤثر طريقي سان منهن ڏيڻ لاءِ عوام کي بچاءُ ڀهرين امداد، فائر سيفٽي، سي پي آر ۽ ٻين بنيادي حفاظتي صلاحيتن سان ليس ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي هن چيو ته سول ڊفينس سکر شهر جي هر پاڙي، اداري ۽ سماجي تنظيم کي هي تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيو آهي سورٺ ميمڻ جماعت جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ هر پاڪستاني کي سول ڊفينس ۾ بنيادي تربيت حاصل ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن هو قدرتي آفتن ۽ هنگامي حالتن ۾ پنهنجي ۽ ٻين جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائي سگهي سول ڊفينس سکر جي خدمتن جي تعريف ڪندي هن چيو ته کيس خوشي آهي ته سول ڊفينس سکر شهر جي هر ڪنڊ ۾ عوامي آگاهي ۽ تربيتي پروگرام منعقد ڪري رهيو آهي هن پوري سول ڊفينس ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ هر ممڪن تعاون جو يقين ڏياريو گروپ وارڊن محمد احمد شيخ پوسٽ وارڊن محمد علي آفيسر انچارج محمد آصف شيخ فياض احمد، لالا عمران

ماتلي ۾ سئي سدرن گئيس ڪمپني جي ڪارروائي

ظهير ڪالوني ۾ گئس جي وڏي چوري پڪڙي زمين اندر پوريل لائنون هٽ

چوري لڳايل گئس پائپ لائن مان سئو کان وڌيڪ گهرن کي گئس فراهم ڪئي پئي ويئي

ماتلي (ن ع) ماتلي ۾ سئي سدرن گئيس ڪمپني جي اختيارين شهر جي ظهير ڪالوني ۾ گئس جي وڏي چوري پڪڙي زمين اندر پوريل لائنون هٽ ڪري ورتيون آهن .اطلاع تي سئي گئيس جي مقامي زونل مئنيجر عظيم پنهور جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪري زمين اندر سئي گئس جي مک لائن مان گئس چوري لاءِ لڳايل پائپ هٽ ڪيا آهن زونل مئنيجر عظيم پنهور جو چوڻ آهي ته چوري لڳايل گئس پائپ لائن مان اٽڪل هڪ سئو کان وڌيڪ گهرن کي گئس فراهم ڪئي پئي ويئي هن چيو ته پائپ لائنون ضبط ڪيا ويا آهن ۽ زميوارن خلاف رپورٽ موڪلي ويئي آهي جن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي

ماتلي: ماتلي ۾ سئي سدرن گئيس ڪمپني ڪارروائي ڪري رهي آهي

اينگرو فرٽيلائيزر آف سائيٽ سي بي اي يونين ڏهرڪي پاران آجياڻو

ڪامياب ڪيٽيگري ۽ منيمم ويجز ايگريمينٽ ڪنهن هڪ فرد جي ڪاميابي ناهي: مقررين

يونين هميشه مزدورن جي جائز حقن جي تحفظ، بهتر پگهارن لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي اينگرو فرٽيلائيزر آف سائيٽ سي بي اي يونين ڏهرڪي پاران مزدورن جي حقن لاءِ مسلسل جدوجهد جي نتيجي ۾ ڪامياب ڪيٽيگري ۽ منيمم ويجز ايگريمينٽ ڪرائڻ جي خوشي ۾ يونين جي عهديدارن جي اعزاز ۾ ايڇ وي اي سي ٽيڪنيشن اليڪٽريشن ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين مزدورن پاران شاندار آجياڻي جو اهتمام ڪيو ويو تقريب ۾ اينگرو فرٽيلائيزر آف سائيٽ سي بي اي يونين جي صدر رضوان علي پتو سينيئر نائب صدر امام بخش پتو نائب صدر بهادر رهڻ جنرل سيڪريٽري نذير احمد لغاري، جوائنٽ سيڪريٽري محمد رمضان جويو خزانچي منير احمد لغاري، پريس سيڪريٽري نادر علي پتو اطلاعات سيڪريٽري عبدالحميد لغاري ۽ آفيس سيڪريٽري خليل احمد سومرو کي مزدورن جي حقن جي تحفظ ۽ ڪامياب قيادت تي ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي آجياڻي جو اهتمام ايڇ وي اي سي آپريٽرز ڪاشف صديقي ارباب ڪلهوڙو، حمدالله حيدر سلطان غلام مصطفيٰ سميت اينگرو فرٽيلائيزر آف سائيٽ سي بي اي يونين جي مزدورن ايڇ وي اي سي ٽيڪنيشنز ۽ اليڪٽريشن ڊپارٽمينٽ جي ورڪرن پاران ڪيو ويو ان موقعي تي خطاب ڪندي يونين جي صدر رضوان علي پتو چيو ته ڪامياب ڪيٽيگري ۽ منيمم ويجز ايگريمينٽ ڪنهن هڪ فرد جي نه پر سمورن مزدورن جي اتحاد، اعتماد ۽ گڏيل جدوجهد جي ڪاميابي آهي هن چيو ته يونين هميشه مزدورن جي جائز حقن جي تحفظ، بهتر پگهارن، روزگار جي تحفظ ۽ فلاحي قدمن لاءِ عملي جدوجهد جاري رکندي ۽ مستقبل ۾ به ڪنهن به قرباني کان نه ڪيٻائيندي هن مزدورن تي زور ڀريو ته هو پنهنجو اتحاد برقرار رکن ڇو ته اتحاد ئي مزدور طاقت جي اصل سڃاڻپ آهي صدر رضوان علي پتو آجياڻي جي منتظمن ايڇ وي اي سي آپريٽرز ٽيڪنيشن اليڪٽريشن ڊپارٽمينٽ جي ورڪرن ۽ سمورن ملازمن جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃيندي چيو ته سندن محبت، اعتماد ۽ سهڪار يونين جي قيادت لاءِ وڏي همت ۽ حوصلي جو سبب آهي تقريب جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن يونين جي عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون پيش ڪيون ۽ ان عزم جو اظهار ڪيو ته مزدورن جي حقن ڀلائي ۽ اداري جي ترقي لاءِ مستقبل ۾ به گڏيل اتحاد ۽ ساڳئي جذبي سان جدوجهد جاري رکي ويندي

گهوٽڪي: ايڇ وي اي سي ٽيڪنيشنز ۽ اليڪٽريشن ڊپارٽمينٽ پاران سي بي اي يونين جي عهديدارن کي مبارڪباد ڏني پئي وڃي

ڪوٽڙي ڪبير ۾ ڳوٺ رسول آباد واسڻ جو احتجاج

انصاف علي سولنگي جي منهنجي ڀائٽي سان شادي ٿيل هئي: ضميران

آئيس جو نشو ڪندڙ هو جنهن ڪري ڀائٽي طلاق ورتي، ماڻ ڌمڪيون پيو ڏئي

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڳوٺ رسول آباد واسي مختيار سولنگي گهر واري ضميران ۽ ڌيءَ مرڪ سميت پريس ڪلب ۾ پهچي ڌانهيو ته انصاف علي سولنگي جي منهنجي ڀائٽي سان شادي ٿيل هئي، شادي کان پوءِ انصاف آئيس جو نشو ڪافي سالن کان ڪندو هو. ڀائٽي نيٺ نشئي کان بي زار ٿي مڙس کان طلاق وٺي ڇڏي، ڏهه ڏينهن اڳ انصاف آئيس جي نشي ۾ ڏنڊ ٿي روڊ سان وڃي رهيو هو ڪيس ڪي شاهه جي مشين پرسان نامعلوم گاڏي ٽڪر هڻي زخمي ڪري وڌو هو اهڙيون خبرون به سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيون هيون ان جي باوجود الطاف اسان ٻن ڀائرن مختيار خادم ۽ بابا پاڳيل ۽ هڪ نامعلوم سميت ڇٽڻ مٽان راڻي پور ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو آهي، جنهن ۾ هن ڄاڻايو ته مختيار، اختيار ۽ پاڳيل انصاف کي زخمي ڪري شاهه جي مشين پرسان ڦٽو ڪري ويا هئا. ڪيس ڪرڻ جو هنن هڪ هٿراڌو ڊرامو ڪيو آهي. ڪيس ۾ ڪا به صداقت ۽ سچائي ناهي هن ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته رسول آباد مان اڻ ڌري جاچ ڪرائي انصاف ڏياريو وڃي

ڪوٽڙي ڪبير: ڳوٺ رسول آباد واسڻ احتجاجي مظاهرو ڪندي

سيبس يونيورسٽي جي وفد جو مير مني فاريسٽ، سوليس پاڪستان جو دورو

دوري دوران وفد کي مير مني فاريسٽ جي مختلف حصن جو تفصيلي دورو ڪرايو ويو

اداري پاران ماحولياتي تحفظ، تفريحي سهولتن ۽ ڪميونٽي جي ڀلائي لاءِ کنيل مختلف قدمن بابت آگاهي

ڄامشورو (پ ر)شهيد الله بخش سومرو (سيبس) يونيورسٽي آف آرٽ، ڊيزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو جي اڳواڻي ۾ يونيورسٽي جي استادن ۽ آفيسرن تي ٻڌل هڪ وفد مير مني فاريسٽ، سوليس پاڪستان جو دورو ڪيو.مير مني فاريسٽ پهچڻ تي سي اي او نديم احمد ۽ سوليس پاڪستان جي ٽيم وفد جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو دوري دوران وفد کي مير مني فاريسٽ جي مختلف حصن جو تفصيلي دورو ڪرايو ويو جتي کين اداري پاران ماحولياتي تحفظ، تفريحي سهولتن ۽ ڪميونٽي جي ڀلائي لاءِ کنيل مختلف قدمن بابت آگاهي ڏني وئي.دوري کان پوءِ سوليس پاڪستان ۽ سيبس يونيورسٽيءَ ۾ گڏيل ويهڪ ٿي جنهن دوران ٻنهي ڌرين ماحولياتي شعور ڪميونٽي جي شموليت، تعليمي رابطن ۽ گڏيل سرگرمين جي موقعن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو مير مني فاريسٽ کي هڪ منفرد ماحولياتي ۽ سماجي مرڪز طور ترقي ڏيڻ لاءِ سوليس پاڪستان جي ڪوشش کي ساراهيو هن منصوبي جي وڌيڪ بهتري ۽ واڌاري لاءِ قيمتي تجويزون پيش ڪيون ۽ ماحولياتي پائيداري، تخليقي سکيا ۽ عوامي شموليت جي اهميت تي زور ڏنو ان موقعي تي اتفاق ڪيو ويو ته سيبس يونيورسٽي ڄامشورو ۽ سوليس پاڪستان گڏجي اهڙين صحتمند، تعليمي ۽ تعميري گڏيل سرگرمين کي هٿي ڏيندا، جن مان شاگردن، استادن ۽ وسيع سماج کي فائدو حاصل ٿيندو.هي دورو سيبس يونيورسٽي جي فائن آرٽس شعبي جي اسسٽنٽ پروفيسر فضل الهيٰ خان جي رهنمائيءَ هيٺ منعقد ٿيو يونيورسٽي جي وفد ۽ سوليس پاڪستان جي ميزبانن سندس ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته سندس سهڪار سبب هي بامقصد ۽ فائديمند ملاقات ممڪن بڻجي سگهي

ڄامشورو: سيبس يونيورسٽي جي وفد جو مير مني فاريسٽ، سوليس پاڪستان جو دورو ڪندي

عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ آيا آهيون: مير امتياز بروهي

پ پ جي منشور جي پوئيواري ڪندي عوام جا نمائنده نه پر خادم آهيون

قبو سعيد خان جي عوام پاڻ گواهي ڏيندي ته سنڌس خدمت ڪنهن ڪئي آهي

شهدادڪوٽ(ڊ ر) ٽائون ڪميٽي قبو سعيد خان جي چيئرمين مير امتياز بروهي چيو آهي ته اسين عوام دوست نمائنده ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ لاءِ آيا آهيون ۽ عوام جي خدمت ئي ڪري رهيا آهيون صحافين سان ڳالهائيندي قبو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين مير امتياز بروهي جو چوڻ هو ته پ پ پ سان واڳيل آهيون ان جي منشور جي پوئيواري ڪندي عوام جا نمائنده نه پرخادم آهيون ۽ خادم رهي پنهنجو ٽينيوئر مڪمل ڪندا سين هن چيو ته قبي جو عوام به گواهي ڏيندو ته سندن جي ڪنهن خدمت ڪئي ۽ ڪنهن صرف دعوائون

ڪي پنهنجي ٽي ايم اي جي گاڏين سان پيئڻ لاءِ مٺو ۽ صاف پاڻي ريگيولير بنياد تي پهچائي رهيا آهيون گرمي هيٽ اسٽروڪ کان بچڻ خاطر ڪئمپ لڳائي شهرين برف جو مٺو پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي هن چيو ته ٻين ادارن توڙي ٻين ڪائونسلن اندر سڪنا دعوا ۽ سون وٽ عملي ڪم آهي هن چيو ته هو پ پ پ سان واڳيل آهي سنڌس پليٽ فارم تان چيئرمين چونڊيل آهيان پيپلز پارٽي وٽ جوابده آهيان ۽ چونڊيل نمائنده مير نادر خان مگسي ايم پي اي خورشيد احمد جونيجو ايم اين اي سنڌس ڪم ۽

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ آيل نئين بيچ - 26 جي تعارفي تقريب

شاگردن ۽ شاگردياڻين کي يونيورسٽي جي اسڪالرشپن، هاسٽلن، لائبريري، جمنازيم، رانديون ۽ ٻين سهولتن بابت آگاهي

پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي مهراڻ يونيورسٽي جي تدريسي نظام جي شاگردن متعلق قائدن، قانونن ۽ طريقيڪار بابت تفصيل ٻڌايا

شاگردن کي ڏکايل ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ۽ پٺتي پيل علائقن جي خدمت ڪرڻ ڊگري لاءِ شرط آهي: پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي

ڄامشورو(پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۾ آيل نئين بيچ - 26 جي تعارفي تقريب مهراڻ يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ ٿي گذري تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي شاگردن ۽ شاگردياڻين کي يونيورسٽي جي اسڪالرشپن، هاسٽلن، لائبريري، جمنازيم، رانديون ۽ ٻين سهولتن بابت آگاهي ڏني. ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي مهراڻ يونيورسٽي جي تدريسي نظام جي شاگردن متعلق قائدن، قانونن ۽ طريقيڪار بابت تفصيل ٻڌايا. وائيس چانسلر چيو ته مهراڻ يونيورسٽي رينڪنگ ۾ ملڪ جي ٽيون نمبر ۽ صوبي سنڌ جي پهريون نمبر انجنيئرنگ يونيورسٽي آهي. پروفيسر ڊاڪٽر طحه حسين علي چيو ته دنيا جي ترقي يافته ملڪن جون انجنيئرنگ يونيورسٽيون واشنگٽن معاهدي جو حصو آهن مهراڻ يونيورسٽي پڻ انهن ۾ شامل آهي. وائيس چانسلر چيو ته شاگردن کي ڏکايل ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ۽ پٺتي پيل علائقن جي خدمت ڪرڻ ڊگري لاءِ شرط آهي. هن چيو ته نئين آيل بيچ جي شاگردن کي مبارڪون هجن انهن پيشور ڊگري ڏيندڙ يونيورسٽي ۾ پنهنجي زندگي جي اهم مرحلي جي شروعات ڪئي آهي. هن چيو ته توهان گريجوئيشن مڪمل ڪندا ته هن ئي آڊيٽوريم ۾ توهان جي والدين جي موجودگي ۾ ڊگري ملندي. هن چيو ته مهراڻ يونيورسٽي ۾ داخلا زندگي جي وڏي ڪاميابي آهي. تقريب ۾ نئين بيچ جي شاگردن ۽ شاگردياڻين مهراڻ يونيورسٽي جي ڊين، رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر نصرالله پيرزادو، تدريسي ۽ انتظامي شعبن جي سربراهن ۽ استادن شرڪت ڪئي

ڄامشورو: وي سي مهراڻ يونيورسٽي نئين آيل بيچ کي يونيورسٽي جو تعارف ڪرائيندي

سنڌ ۽ بلوچستان آبادگار اتحاد پاران زرعي پاڻي جي ڪٽ خلاف ٽئين ڏينهن به احتجاج جاري

آبادگار اتحاد پاران سمورا جائز مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ ٻهرلو باءِ پاس بند ڪرڻ جو اعلان

زراعت کي بچائڻ لاءِ فوري طور پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي: محسن قاضي/حبيب الله جروار

جيڪڏهن سندن جائز مطالبا فوري طور قبول نه ڪيا ويا ته احتجاج کي وڌيڪ تيز ڪندي ٻهرلو باءِ پاس مڪمل طور بند ڪيو ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ ۽ بلوچستان آبادگار اتحاد پاران زرعي پاڻي جي سخت ڪٽ خلاف احتجاج ٽئين ڏينهن به جاري. آبادگار اتحاد پاران مطالبا منظور نه ٿيڻ جي صورت ۾ ٻهرلو باءِ پاس بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ٻي طرف آبادگارن وڏي انگ ۾ احتجاج ڪندي آبپاشي کاتي خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ مطالبو ڪيو ته زراعت کي بچائڻ لاءِ فوري طور پاڻي جي منصفاڻي ورڇ کي يقيني بڻايو وڃي.احتجاجي ڪئمپ تي ويٺل اڳواڻن محسن قاضي،حبيب الله جروار،مير حسن شهلائي ۽ ٻين چيو ته سنڌ ۽ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ واهن ۽ شاخن ۾ پاڻي نه هجڻ سبب هزارين ايڪڙ زرعي زمينون بنجر بڻجي وڃڻ آهن جڏهن ته بيٺل فصل سڪي تباهه ٿي رهيا آهن هنن چيو ته پاڻي جي ڪٽ سبب آبادگارن کي ڪروڙين رپين جو معاشي نقصان پهچي رهيو آهي ۽ جيڪڏهن صورتحال برقرار رهي ته ايندڙ فصلن جي پوک به سخت متاثر ٿيندي سنڌ بلوچستان آبادگار اتحاد خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا فوري طور قبول نه ڪيا ويا ته احتجاج کي وڌيڪ تيز ڪندي ٻهرلو باءِ پاس مڪمل طور بند ڪيو ويندو جنهن جي ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي هوندي.هنن چيو ته آبپاشي عملدار ٻڌراج ۽ آفيسن ۾ موجود هجڻ باوجود ڪوبه لڙي ناهي آهي اڳواڻن چيو ته ڪيرٿر ڪئنال ۾ چار سئو ڪيوسڪ جو اضافو ڪيو ويو آهي جيڪو ناڪافي آهي گهٽ ۾ گهٽ به هزار ڪيوسڪ جو اضافو ڪيو وڃي ته پوءِ احتجاج ختم ڪنداسين. احتجاج ڪندڙن وفاقي ۽ سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته زرعي پاڻي جي ڪٽ جو فوري نوٽيس وٺي سنڌ ۽ بلوچستان جي آبادگارن کي سندن حصي جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي جيئن زرعي معيشت کي وڌيڪ تباهي کان بچائي سگهجي.

****

همدرد آرگنائيزيشن کي سماجي، تعليمي ۽ فلاحي خدمتن تي 20 سال مڪمل ٿيڻ تي تقريب

سڪرنڊ (ن ع) همدرد آرگنائيزيشن کي سماجي تعليمي ۽ فلاحي خدمتن تي 20 سال مڪمل ٿيڻ تي آرگنائيزيشن جي مان ۾ نيشنل پريس ڪلب سڪرنڊ پاران آرگنائيزيشن جي مان ۾ مڃتا تقريب جو اهتمام ڪيو جنهن ۾ همدرد آرگنائيزيشن جي باني چيئرمين گل محمد رند کي بوسڪي جو پٽڪو پارايو ويو ۽ آرگنائيزيشن کي مڃتا شيلڊ پڻ پيش ڪئي وئي جڏهن ته همدرد آرگنائيزيشن جي ٽيم کي اجرڪون پارايون ويون جن ۾ همدرد سپورٽ پروگرام جو چيئرمين قاضي جاويد سنائي ۽ همدرد فري ايمبولينس سروس جو انچارج اقبال رند شامل هئا همدرد آرگنائيزيشن جي باني چيئرمين گل محمد رند صدارتي خطاب ۾ چيو ته سڀ کان پهرين ته مان شڪر گذار آهيان غلام قادر چانڊيو جو جنهن همدرد کي مان ڏني اسان جي حوصلي کي وڌايو آهي يقينن ههڙا پروگرام اتساهه جو سبب ٿين ٿا ان شاء الله ارادو آهي ته نه صرف جيسين سسيءَ ساهه آهي بلڪ پوئين کي به نصيحت ڪئي آهي ته همدرد فري ايمبولينس جي سروس قيامت تائين جاري رهندي دعا ڪيو ته اهو سلسلو جاري رهي هن اهو پڻ چيو ته همدرد ادارو جنهن تي لکين روپيه خرچ ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن چندي يا ايڊ تي ناهي هلندو بلڪ پنهنجي والدين جي ايصال ثواب لاءِ پنهنجي ذاتي خرچ تي شروع ڪيو هو جيڪو 20 سال گذرڻ باوجود اڄ به جاري آهي

شهباز تائيڪوانڊو اڪيڊمي سکر جي انتظام هيٺ بيلٽ پروموشن تقريب

مهمانن ڪامياب رانديگرن ۾ نوان بيلٽ، ميڊلز، شيلڊون ۽ ٻيا انعام ورهايا

ميئر سکر رانديگرن جي همت افزائي لاءِ 25 هزار رپين جو نقد انعام موڪليو

سکر (بيورو رپورٽ) شهباز تائيڪوانڊو اڪيڊمي سکر جي انتظام هيٺ بيلٽ پروموشن تقريب 2026 المهراڻ ڪلچر ناز ميونسپل اسٽيڊيم سکر ۾ شاندار نموني منعقد ٿي جنهن ۾ سئو کان وڌيڪ مرد ۽ عورت رانديگرن سميت انهن جي والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ مهمانِ خاص طور بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي ميمبر صنان اسلام شيخ شرڪت ڪئي جڏهن ته ٻين مهمانن ۾ ڊي ايس پي ڪرائم برانچ محمد نديم مغل ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر سکر محمد اخلاق ميمڻ ۽ سکر تائيڪوانڊو ايسوسيئيشن جي وومين صدر ميڊم عذرا جمال پڻ موجود هئا.ميئر سکر بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ مصروفيتن سبب تقريب ۾ شرڪت نه ڪري سگهيا، پر هن رانديگرن جي همت افزائي لاءِ 25 هزار رپين جو نقد انعام موڪليو. تقريب دوران معزز مهمانن ڪامياب رانديگرن ۾ نوان بيلٽ، ميڊلز شيلڊون ۽ ٻيا انعام ورهايا. ان موقعي تي آرگنائيزر سيڪريٽري ماسٽر عبدالرزاق راجپوت مهمان خاص صنان اسلام شيخ کي يادگيري شيلڊ پيش ڪئي جڏهن ته سڀني مهمانن کي سنڌ جي روايتي تحفي اجرڪ سان نوازيو ويو.تقريب کي خطاب ڪندي ماسٽر عبدالرزاق راجپوت ڪامياب رانديگرن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته انهن ٻارن محنت، لگن ۽ نظم و ضبط سان پنهنجي ايندڙ بيلٽ حاصل ڪرڻ جو اعزاز ماڻي ورتو آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته اهي رانديگر مستقبل ۾ پاڪستان ۽ سنڌ جو نالو قومي ۽ عالمي سطح تي روشن ڪندا.مهمانِ خاص صنان اسلام شيخ تقريب جي ڪامياب انعقاد تي شهباز تائيڪوانڊو اڪيڊمي جي سموري ٽيم کي مبارڪباد ڏني. ٻارن جي شاندار ڪارڪردگي کي ساراهيو ۽ انهن جي حوصلا افزائي لاءِ 25 هزار رپين جي نقد انعام جو اعلان ڪيو. هن يقين ڏياريو ته نوجوان رانديگرن جي هر ممڪن سرپرستي جاري رکي ويندي. تقريب دوران تائيڪوانڊو جي رانديگرن شاندار فني مظاهرا پيش ڪيا، جن کي شرڪت ڪندڙن وڏي واڪاڻ سان ڏٺو.هن ڪامياب پروگرام جي انعقاد ۾ شهزاد احمد مگسي، معروف باجوه، عبيدالرحمان، ريحان شجاع احمد، شجاع حيدر ۽ ٻين ڪوچز ۽ آفيسرن اهم ڪردار ادا ڪيو. آخر ۾ ماسٽر عبدالرزاق راجپوت سڀني مهمانن، والدين، رانديگرن، ڪوچن آفيسرن، ميڊيا نمائندن ۽ سهڪار ڪندڙن جو دل جي گهراين سان شڪريو ادا ڪندي چيو ته شهباز تائيڪوانڊو اڪيڊمي مستقبل ۾ به نوجوانن جي تربيت، رانديون جي واڌاري ۽ پاڪستان جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ پنهنجون خدمتون جاري رکندي.

سکر: تائيڪوانڊو اڪيڊمي ۾ بيلٽ پروموشن تقريب ۾ ورتل فوٽو

حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڪالهه مختلف ڌرين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ الڳ الڳ احتجاج

آئي بي اي ٽيسٽ پاس 40 پلس مارڪون ڪڻندڙ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ڌانهيو

سخي پير ٿاڻي جي حد ميمڻ پلاڙه جي رهواسڻ عائشه ماسي جي پٽ پاران موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڄامشورو جي گلشن شهباز جي رهواسي پورهيت گلزار ڍوٽ حد جي پوليس ۽ بااثر ماڻهو خلاف گهرياتين سوڌو احتجاج ڪيو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ڪالهه مختلف ڌرين پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ الڳ الڳ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. آئي بي اي ٽيسٽ پاس 40پلس مارڪون ڪڻندڙ جي ايس ٽي ۽ پي ايس ٽي اميدوارن آفر آرڊر نه ملڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي هنن مطالبو ڪيو ته اسان کي نوڪريون ڏئي انصاف ڪيو وڃي. سخي پير ٿاڻي جي حد ميمڻ پلاڙه جي رهواسڻ عائشه زال دانيال ماسي جي پٽ پاران ڪاروبار لاءِ ورتل رقم مان رهيون پئسا هڪ لک 25هزار واپس ڪرڻ بدران موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف احتجاج ڪيو. هن الزام هڻندي چيوته ماسي جي پٽ ڪاروبار لاءِ 5لک رپيا ورتا هئا جنهن 3لک 75هزار واپس ڪري ڇڏيا جڏهن رهيل رقم هڪ لک 25هزار ۽ ڪاروبار مان ٿيل منافعو گهرڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏئي لهي آيو آهي ۽ هاڻ ته موبائيل فون نمبر به بند ڪري ڇڏيا اٿس. هن چيو ته اهڙي معاملي جي حل لاءِ سخي پير ٿاڻي تي درخواست داخل ڪرائي پر پوليس جوابدار خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. ڄامشورو جي گلشن شهباز جي رهواسي پورهيت گلزار ڍوٽ حد جي پوليس ۽ بااثر ماڻهو خلاف گهرياتين سوڌو احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن ڌانهيندي الزام هنيو ته پاڙي سري بااثر ماڻهو عمر پناڻ ڪنهن معمولي ڳالهه تان مجرجي منهنجي 5ورهين جي معصوم ڌي سبحانه کي ڌڪ هڻي ڪڍيو جنهن جي حد جي ٿاڻي سوسائٽي تي اين سي داخل ڪرائي جنهن بعد ٿاڻي جي وڏي منشي جوابدار سان ٺاهه نه ڪرڻ جي صورت ۾ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ منهنجي خلاف چوري جي ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪري ڇڏي. هن چيوته جوابدار عمر پناڻ بااثر ماڻهو آهي جيڪو پوليس کي ڳري رشوت ڏئي مونکي جيل اماڻي سگهي ٿو هن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ڊي آئي جي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي معاملي جي جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي. واسا حيدرآباد جي ملازمن پينشن ۽ رهيل 18مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف ڪالهه به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله محمد نديم شاهد خان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن مطالبو ڪيوته اسان جي مسئلن جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

سکر ۾ فوڊ کاتو هلندڙ سال ڪڻڪ جي خريداري جو مقرر ڪيل هدف مڪمل ڪرڻ ۾ ناڪام

مبينا غلط پاليسين، رشوتخوري ۽ اهم عهدن تي نااهل آفيسرن جي مقرري سبب ٽن مهينن اندر سرڪاري گودام خالي

ٽن مهينن اندر سرڪاري گودام تقريباً خالي ٿيڻ سبب نجي فلور ملن ۽ واپارين پاران اٽي جي اگهن ۾ واڌ ڪري ڇڏي

حڪمران طبقي ۽ خوراڪ کاتي جي آفيسرن کي عوام جي اهڃن جي ڪا به پرواهه ناهي، نالي ماتر ڪارروايون ڪيون پيون وڃن: شهري

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ فوڊ کاتي سنڌ جي مبينا غلط پاليسين رشوتخوري ۽ اهم عهدن تي نااهل آفيسرن جي مقرري سبب هلندڙ سال ڪڻڪ جي خريداري جو مقرر ڪيل هدف مڪمل نه ٿي سگهيو جنهن جي نتيجي ۾ رڳو ٽن مهينن اندر سرڪاري گودام تقريباً خالي ٿي ويا آهن اهڙي صورتحال کان پوءِ نجي فلور ملن ۽ واپارين پاران اٽي جي اگهن ۾ واڌ ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب مزدور طبقي جا ماڻهو سخت مالي پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن ذريعن موجب، سکر ۾ فوڊ کاتي جي عملدارن پوليس جي مدد سان نجي گودامن

سکر بينچ ۾ درخواست داخل ڪئي درخواست تي ٻڌڻي دوران عدالت حڪم جاري ڪيو ته نجي گودامن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وڃي جڏهن ته سکر ۾ ڊي ايف سي جي عهدي تي مقرر آفيسر ذوالفقار ڪلوڙ تي الزام آهي ته هن مبينا طور عدالتي حڪمن کي نظرانداز ڪندي ڪارروايون جاري رکيون آهن باخبر ذريعن موجب هو پنهنجي ويجهن ساٿين سليم آخوند سميت ٻين جي مدد سان صالح پٽ ۽ روهڙي جي علائقن ۾ پوليس سان گڏجي نجي گودامن تي ڇاپا هڻي واپارين کان مبينا طور رشوت طلب ڪري رهيا آهن

ماشاء الله فلور مل تي منتقل ڪئي وڃي ٿي ان سلسلي ۾ سکر جي شهرين جو چوڻ آهي ته هڪ طرف سرڪاري گودامن ۾ ڪڻڪ جي ڪٽ ۽ ٻئي طرف اٽي جي اگهن ۾ مسلسل واڌ سبب عام ماڻهو سخت متاثر ٿي رهيا آهن حڪمران طبقي ۽ خوراڪ کاتي جي آفيسرن کي عوام جي اهڃن جي ڪا به پرواهه ناهي هنن سنڌ حڪومت، اينٽي ڪرپشن، لاڳاپيل اختيارين ۽ اعليٰ عدليه کان مطالبو ڪيو آهي ته فوڊ کاتي خلاف لڳندڙ الزامن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي جيڪڏهن ڪو به عملدار ڏوهي ثابت ٿئي ته ان خلاف قانون موجب

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آڱارو 21 جولاءِ 2026ع

سرڪاري خرچن ۾ بچت: رڳو اعلان نه پر عملي تبديلي به نظر اچي!

وفاقي حڪومت پاران مالي سال 27-2026 دوران به سرڪاري خرچن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪفايت شعاري وارا قدم جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي وفاقي ڪابينا انهن قدمن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي جنهن تحت نيون سرڪاري ڀرتيون روڪڻ ٽن سالن کان خالي پيل جاين کي ختم ڪرڻ، نيون گاڏيون، مشينري ۽ اوزار خريد ڪرڻ تي پابندي برقرار رکڻ سرڪاري خرچ تي پرڏيهه ۾ علاج ۽ غير ضروري پرڏيهي دورن تي به پابندي لاڳو رهندي ظاهر آهي ته اهڙا قدم حڪومتي خرچ گهٽائڻ ۽ مالي نظم پيدا ڪرڻ جي ڪوشش جو حصو آهن پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا اهي قدم صرف ڪاغذن تائين محدود رهندا يا سندن حقيقي ۽ ايماندار عملداري به يقيني بڻائي ويندي؟ پاڪستان گذريل ڪيترن ئي سالن کان مالي بحران، وڌندڙ قرضن مهانگائي ۽ بجيٽ خساري جهڙن سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي اهڙي صورتحال ۾ حڪومت لاءِ غير ضروري خرچن کي گهٽائڻ ناگزير بڻجي ويو آهي دنيا جا ڪيترائي ملڪ معاشي بحرانن دوران اهڙيون پاليسيون اختيار ڪندا رهيا آهن ته جيئن قومي وسيلن جي زيان کي روڪي سگهجي ان ڪري جيڪڏهن حڪومت واقعي پنهنجي خرچن ۾ گهٽتائي آڻڻ چاهي ٿي ته ان جي آجيان ٿيڻ گهرجي بهرحال، ماضيءَ جا تجربا ٻڌائين ٿا ته پاڪستان ۾ ڪفايت شعاري جا اعلان بار بار ڪيا ويندا آهن پر انهن تي مڪمل طور عمل ناهي ڪيو ويندو ڪيترين ئي وزارتن ۽ ادارن ۾ غير ضروري خرچ، عيش عشرت، غير ضروري گاڏين جو استعمال، پرڏيهي دورا ۽ سرڪاري وسيلن جو بيجا استعمال مختلف صورتن ۾ جاري رهي ٿو جيڪڏهن هن ڀيري به ائين ئي ٿيو ته پوءِ نوان اعلان عوام جي نظر ۾ پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا

جيستائين ٽن سالن کان خالي پيل جاين کي ختم ڪرڻ واري فيصلي جو سوال آهي ته اُن ۾ اهو ڏسڻو پوندو ته صحت، تعليم، زراعت، پاڻي، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ٻين عوامي خدمتن سان لاڳاپيل شعبن ۾ عملي جي کوٽ سبب عوام متاثر نه ٿئي جتي واقعي نون ماڻهن جي ضرورت هجي اتي رڳو خرچ بچائڻ جي نالي تي ڀرتيون روڪڻ مناسب نه هوندو بجيٽ ۽ عوامي خدمت وچ ۾ توازن برقرار رکڻ ئي سٺي حڪمراني جي نشاني آهي اهڙيءَ طرح سرڪاري خرچ تي پرڏيهي دورن ۽ علاج تي پابندي به هڪ سٺو قدم آهي پر ان تي بنا ڪنهن امتياز جي عمل ٿيڻ گهرجي جيڪڏهن پابنديون صرف هيٺين سطح جي آفيسرن تائين محدود رهيون ۽ بااثر شخصيتن کي ڇوٽ هوندي ته پوءِ ڪفايت شعاري جو مقصد ئي فوت ٿي ويندو قانون ۽ پاليسي سڀني لاءِ هڪجهڙي هجڻ گهرجي حڪومت کي صرف خرچ گهٽائڻ تي نه پر آمدني وڌائڻ تي به ساڳئي سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏيڻ گهرجي ٽيڪس جو دائرو وڌائڻ ٽيڪس چوري روڪڻ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ توانائي شعبي جي نقصانن کي گهٽائڻ ۽ ڪرپشن تي سخت ضابطو آڻڻ کان سواءِ صرف خرچ گهٽائڻ سان معاشي مسئلن جو مڪمل حل ممڪن نه ٿيندو قومي معيشت کي مضبوط بڻائڻ لاءِ پيداوار برآمدات ۽ سيڙپڪاري وڌائڻ پڻ انتهائي ضروري آهي

اها به حقيقت آهي ته عوام پاڻ به ڪفايت شعاري جي سخت دور مان گذري رهيو آهي مهانگائي بجلي ۽ گئس جي وڌندڙ اگهن روزگار جي محدود موقعن ۽ وڌندڙ ٽيڪسن عام ماڻهوءَ جي زندگي ڏکي بڻائي ڇڏي آهي اهڙي ماحول ۾ عوام جي اها جائز اميد آهي ته حڪمران به پنهنجي طرزِ زندگيءَ ۾ سادگي اختيار ڪن ۽ سرڪاري خزاني کي ذاتي سهولتن لاءِ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪن جڏهن حڪومت پاڻ مثال قائم ڪندي، تڏهن ئي عوام به قرباني ڏيڻ لاءِ وڌيڪ تيار ٿيندو ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪفايت شعاري کي رڳو هڪ عارضي مالي حڪمت عملي نه پر حڪمراني جي مستقل اصول طور اختيار ڪيو وڃي هر وزارت ۽ سرڪاري اداري جي خرچن جو باقاعده آڊٽ، شفاف نگراني ۽ عوام آڏو جوابدهيءَ جو نظام قائم ڪيو وڃي جيئن هر بچايل رپئي جو فائدو قومي ترقي، تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن تي خرچ ٿي سگهي

لطيفي لات —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

اَبَرَ ۾ اَهَاءُ ٿِئُو گَامَ گُهَرَنْدِي گَنجَ،
پَسِي پَرِ پِرِيَانِ جِي، ٿِئَا رَقِيبَانِ رَنجَ،
شَالَ وَسَنْدَوَ سَنجهَ، عَاشِقَ ٿِي اوهِيرَا ڪَرِي.

هتي لطيف سائين انهن باراني علائقن جي ملوند ماڻهن جن کي عاشق (واحد- عاشق) سڏي ٿو جيڪي سوڪهڙي جي ڪري ڏڪار سبب پنهنجن ماڳن ۽ پيارن کان پري آهن، تن جي ساوڻ جي مُند يا موسم جي اچڻ سان جيڪا دل، من جي ڪيفيت ٿئي ٿي ان جو منظر ٻڌائي ٿو ته ”اڄ انهن ڪڪرن ۾ وڄ جا وراڪا، ڪوڙ جا اهڙا چمڪاٽ ڏٺا آهن جن سان اوندهيءَ ۾ به سوجهرو ٿي ٿو وڃي يقينن اهڙي صورتحال ۾ انهن ڳوٺن ۽ وسندين جا ماڻهو جن جا سڄڻ پري پنڌ تي آهن سي خدا کان مينهن وسڻ ۽ سوڪهڙي ختم ٿيڻ جون دعائون گهرندا هوندا ته جيئن سندن وسنديون آباد ٿين ۽ ڪين اُن جا انبار ملن جڏهن پرين اها پرِ پارين ٿا ته اُن کي ڏسندي ئي رقيبن، ساڙولين کي ڏاڍيون تڪليفون پهچن ٿيون، ساڙ ۾ سڙي پري وڃن ٿا، پر خدا ڪندو ته سنجهي سان ئي مينهن جا اوهيرا وسڪارا عاشقن مٿان وسندا، سڪار ٿيندو سڄڻ ملندا سڄڻين ساڙوڪا انهيءَ سور ۽ رنج ۾ سڙي مرندا

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

ٻارن تي ٿيندڙ ظلم ۽ سماج جي گهري خاموشي!

جويريه صديق

اسان جا ٻار هاڻي محفوظ ناهن! جڏهن به ان حساس موضوع تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته ماڻهن کي خاموش ڪرايو وڃي ٿو چيو وڃي ٿو ته اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو، ڇو ته اسان جو سماج اهي برداشت نه ڪندو اسان پاڻ کي تهذيب يافته سماج سڏايون ٿا، جتي رشتن ۽ لاڳاپن جو احترام ڪيو وڃي ٿو جيڪڏهن ٻارن سان ٿيندڙ جنسي زيادتين ۽ تشدد جي واقعن کي نمايان ڪيو ويو ته اسان جي سماج ۽ ملڪ جي بدنامي ٿيندي پر حقيقت بلڪل ان جي ابتڙ آهي بدنامي اهڙن واقعن کي ظاهر ڪرڻ سان نٿي ٿئي اصل بدنامي ته اهڙا ڏوهه ڪرڻ سان ٿيندي آهي اهڙا ڏوهه ئي سماج کي اخلاقي زوال ۽ بگاڙ ڏانهن ڌڪين ٿا، جيڪڏهن ڪنهن قوم جا ٻار ئي محفوظ نه هجن ته پوءِ ان قوم جو مستقبل به ڪڏهن محفوظ نٿو ٿي سگهي مون جڏهن ڪالهه واري اخبار پڙهي ته منهنجي سامهون ڪيترائي ڏکوئيندڙ واقعا سامهون اچي ويا، هڪ خبر موجب ڪراچيءَ ۾ ڇهن ورهين جي هڪ معصوم ٻار سان جنسي زيادتي ڪرڻ کان پوءِ کيس قتل ڪيو ويو ايتري قدر جو سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ به سندس لاش سان بيحرمتي ڪئي وئي ۽ پوءِ لاش کي ٽين ماڙ تان هيٺ اڇلايو ويو ٻي خبر ميرپورخاص جي هئي، جتي هڪ جعلي پير ۽ سندس ساٿين ٻن ننڍڙين ڇوڪرين سان جنسي زيادتي ڪئي انهن مان هڪ ڇوڪري حياتي وڃائي ويٺي، جڏهن ته ٻي ڇوڪري زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي پيل آهي ٽين خبر موجب ٻه ننڍڙيون ڇوڪريون اسپتال آنديون ويون، جتي سندن ماءُ خدشو ظاهر ڪيو ته شايد سندن پنهنجي پيءُ ئي انهن سان جنسي زيادتي ڪئي آهي چوٿين خبر لاهور مان هئي، جتي هڪ ننڍڙي ڇوڪري پنهنجي ٽيوشن سينٽر ۾ مئل حالت ۾ ملي سندس ڳچيءَ تي ڦاهيءَ جو نشان موجود هو ساڳئي وقت سرگودا ۾ هڪ ويجهي مائٽ ڇهن ورهين جي معصوم ڇوڪريءَ کي اغوا ڪري ساڻس جنسي زيادتي ڪئي اهي سڀ واقعا صرف ان ڪري اسان تائين پهچي رهيا آهن ڇاڪاڻ ته انهن جي رپورٽنگ ٿي رهي آهي اهي رڳو خبرون نه آهن پر اسان جي بيحس ۽ خاموش سماج جي منهن تي چماٽ آهن جيڪڏهن اسان جي ايندڙ نسل کي پنهنجي ئي سماج ۾ تحفظ حاصل نه هجي، جيڪڏهن انهن کي جيئڻ جو بنيادي حق ئي نه ملي ته پوءِ اسان جي مستقبل بابت ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي؟ جنسي زيادتين جو شڪار ٿيندڙ ڪيترائي ٻار ۽ ٻارڙيون پنهنجي حياتي وڃائي ويهن ٿا، جڏهن ته جيڪي بچي وڃن ٿا، اهي سڄي عمر خوف، ذهني اذيت ۽ نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا رهندا آهن هو هر وقت پاڻ کان اهو سوال ڪندا رهندا آهن ته آخر انهن سان اهڙو ظلم ڇو ٿيو؟ انهن معصوم ٻارن جي حفاظت ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ٻار صرف ڪنهن هڪ گهر جا نه هوندا آهن پر سڄي سماج جا هوندا آهن تنهن ڪري جيئن اسين پنهنجن ٻارن جو خيال رکون ٿا، تيئن ٻين جي ٻارن کي به پنهنجو سمجهي سندن حفاظت ڪرڻ گهرجي افسوس جي ڳالهه اها به آهي ته ڪجهه والدين پنهنجي ٻارن ڏانهن به مڪمل ڌيان نٿا ڏين هو منجهند جو پاڻ سمهي پون ٿا ۽ ننڍڙن ٻارن کي اڪيلو گهٽين ۾ کيڏڻ لاءِ موڪلي ڇڏين ٿا اهڙي وقت اهي معصوم ٻار گهٽين ۾ اوباش ماڻهن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيل هوندا آهن سي سي ٽي وي ڪئميرائن جي ڪيترين ئي وڊيوز ۾ ڏٺو ويو آهي ته بدڪردار ماڻهو ننڍڙن ٻارن سان نامناسب حرڪتون ڪندا آهن اهي معصوم ٻار نه انهن حرڪتن جي معنيٰ به نٿا سمجهن پر خوف ضرور محسوس ڪن ٿا اهڙيءَ طرح اڄڪلهه ننڍڙن ٻارن کي اڪيلو بازار يا ڪنهن ڪم سان موڪلڻ به هڪ وڏو خطرو بڻجي ويو آهي تنهن ڪري والدين کي گهرجي ته هو پنهنجن ٻارن جي هر وقت حفاظت ۽ نگراني ڪن اسان جي سماج ۾ غربت، ڪرپشن، اقرباپروري، ناانصافي ۽ قانون تي ڪمزور عملداريءَ سبب ڏوهن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي رهي آهي ان سان گڏ هڪ ٻيو سبب اهو به آهي ته اڄ جي نوجوان نسل راندين ۽ صحتمند سرگرمين کان پري ٿي وئي آهي ۽ پنهنجو گهڻو وقت موبائل فونز تي گذاري ٿي انهن موبائلن تي هو ڇا ڏسن ٿا ۽ ڪهڙي قسم جو مواد سندن ذهن تي اثرانداز ٿئي ٿو، ان بابت گهڻن والدين کي ڪا خبر ئي نه آهي تازو ڪراچيءَ ۾ جنهن معصوم ٻار کي ظلم جو نشانو بڻايو ويو، ان جي وارثن الزام لڳايو آهي ته جوابدار ٻار تي تشدد ڪندي ان جي وڊيو به رڪارڊ ڪئي گهر جو ماحول اهڙو هجڻ گهرجي جتي ٻار بنا ڪنهن خوف يا هٻڪ جي پنهنجي والدين سان هر ڳالهه کلي دل سان ڪري سگهن کين اها به تعليم ڏيو ته هو ڪنهن اڻڄاتل يا غيرضروري ماڻهوءَ ڏانهن نه وڃن ساڳئي طرح ٻارن کي سماجي رابطن جي ذريعن بابت به آگاهه ڪيو وڃي کين سمجهايو ته هو ڪنهن اڻڄاتل ماڻهوءَ کي دوست نه بڻائين، ڪنهن سان وڊيو ڪال نه ڪن ۽ جيڪڏهن هو آن لائين رانديون کيڏن ته پنهنجي ڪئميرا ۽ مائڪروفون کي بند رکن جيئن سندن ذاتي معلومات محفوظ رهي جيڪڏهن سڀني احتياطن باوجود به ڪو ٻار ڪنهن اهڙي ڏکوئيندڙ واقعي جو شڪار ٿي وڃي ٿو ته ان کي هرگز قصوروار نه سمجهيو وڃي ۽ نه ئي مٿس الزام هنيو وڃي ان جي بدران ٻار جو فوري طبعي معائنو ڪرايو وڃي، واقعي جي پوليس وٽ رپورٽ داخل ڪرائي وڃي ۽ ٻار جي ذهني ۽ نفسياتي بحاليءَ لاءِ ماهرن کان مناسب مدد حاصل ڪئي وڃي هميشه اهو ذهن ۾ رکو ته ٻارن تي ظلم صرف اڻڄاتل ماڻهو نٿا ڪن پر گهڻن واقعن ۾ جوابدار اهي ماڻهو به هوندا آهن جن کي ٻار ۽ سندن خاندان اڳ ئي سڃاڻندو آهي تنهن ڪري خاموش رهڻ مسئلي جو حل ناهي پنهنجن ٻارن سان گڏ قوم جي هر ٻار جي تحفظ لاءِ آواز اٿاريو، ڇو ته محفوظ ٻار ئي محفوظ ۽ روشن مستقبل جي ضمانت آهن

تيل جا اگهه ۽ نانيءَ جون خبرون ئي پنهنجيون

مير اعظم علي ٽالپر

هيءَ ڳالهه ڪجهه وڏي ٿيڻ ۽ هوش سنڀالڻ کانپوءِ جي آهي ته اسان جي گهر ۾ هڪ وڏو هال جهڙو ڪمرو هو، جنهن جي ڪنهن ڪُنڊ تي صبح سوير ڪو ڪانگ اچي ويهندو هو ۽ پنهنجي خاص ٻولي ۽ مخصوص نموني جي انداز سان اُهو ڪانگ، ڪان ڪان ڪندو هو ته ناني هڪدم اُن ڪانگ طرف منهن ڪري چوندي هئي ته اڄ ڪانگ ’ڪيانتو‘ ڪريندا پيا هي پڪ مهمان اُوسي اِهو چئي پوءِ ناني ڪانگ کي چوندي هئي ڪانگ مٺا ٻُولا ڏيوان کير اُوسي ۽ پوءِ ناني ڪجهه ٽالا وٺندي هئي ۽ ڪنهن نه ڪنهن ٿلهي وٽڻ تي ڪانگ ته اُڏامي ويندو هو ۽ پوءِ ناني کي اُميد ٿي ويندي هئي ته اڄ اَهو ايندو، حالانڪ ڪانگ اسان جي گهرن کي هر طرف ٻيرن جا باغ هئڻ سبب ويٺا هوندا هئا ۽ صبح جو ته ڪوڙ سارا ايندا هئا ۽ اُن ڪانسواءِ سڄو ڏينهن لامارا پيا ڏيندا هئا، البته شام جو به ڪو ڪانگ اَها ٻولي ڪيانتو يا بقول زرينه بلوچ جي ڳايل ڪلام ’ڪانگ لنئي ٿو‘ وانگر لنئيندو هو ته ناني کي دل ۾ شڪ ٿيندو هو ته شام جو ڪانگ جي ڪيانتو ڪرڻ سان رات جو ڪو چور به اچي سگهي ٿو، بهرحال ڪانگ ته سياڻو پکي آهي ۽ اِهو اَها ٻولي خاص ڪري هئڻ ڏينهن ۾ ڪرڻ ۽ ڪائيون ڪک پن ڪٺي آکيرا ٺاهي وڻن ۾ آنا لاهڻ ۽ ٻچا پيدا ڪرڻ جي موسم سان گڏ ايندڙ ويندڙ ماڻهن مٿان ڪان ڪان ڪري مٿي (ٺوڙها) ۾ ٺونگا هڻڻ شروع ڪندا آهن ۽ ماڻهو اُن کي هڻڻ سان روڪيندا آهن، ناني جا عزيز ڪجهه ميرپورخاص ٽنڊو سومرو ۽ ڪجهه ڳوٺ کان ٻاهر هئڻ ڪري هوءَ ڪانگ جي ڪانتو ۽ لنئڻ تي اُنهن مان ڪنهن جي اچڻ سبب چوندي هئي ته اڄ مهمان ايندو، اُن لاءِ نسيم بيگم جو ڳايل گانو ’آج ميري منڊيري پي ڪاڳا بولي ڪاهه، ڪان آئيگا ميرا پرديسي‘ فلم شباب ۾ شميم آرا تي فلمايل گاني ۾ ڪانگ جي ٻولڻ ۽ مهمان (پرديسي) اچڻ جو ذڪر آهي اُن ڪري ناني جي لوڪ ڏاهپ به درست هئي

انساني زندگي به هڪ فلم جيان ٽن ڪلاڪن جو شو آهي اُن ۾ پهريون ڪلاڪ ٻارائپ زندگي ٻيو ڪلاڪ جواني وارو ۽ ٽيون ۽ آخري ڪلاڪ پوڙهائپ وارو هوندو آهي اُن لاءِ مڪيش جو ڳايل گانو ۽ راجڪپور تي فلمايل فلم ’تيسري قسم‘ جو گانو ’سجن ري جهوٽ مت بولو لڙڪ پن کهيل مين کهويا، جواني نيند ڀر سويا، بڙهاپا ديک ڪر رويا‘ بهرحال اِها سچي ۽ اڻ مٽ زندگي آهي ته آخرڪار هڪ نه هڪ ڏينهن پوڙهائپ اچڻي آهي جيڪا هر انسان کان وٺي هر جاندار تي لازمي آهي ٻارائپ عمر کان وٺي جواني ۽ پوءِ پوڙهو ٿيڻ قدرت جا ٽي مرحلا آهن، اُنهن ٽن ڏاڪن تي هر ڪنهن کي چڙهڻو آهي اُن کانپوءِ ڪجهه ڪونهي سڀ فنا آهي انهن زندگيءَ جي ڏاڪن لاءِ فلم ميرا نام جوڪر لاءِ ڳايل مڪيش جو گانو ۽ راجڪپور تي فلمايل ’اي ڀائي ذرا ديک ڪي چلو، يه زندگي هي شو تين گهنٽي ڪا، پهلا گهنٽا بچپن ڪا، دوسرا گهنٽا جواني ڪا اور تيسرا گهنٽا بڙهاپا، اس ڪي بعد ڪڇ نهين‘ انسان چاهي ڪيڏو مالدار ۽ طاقتور ڇو نه هجي پر هن کي پنهنجي آخري منزل پوڙهائپ تي ضرور پهچڻو آهي جتي انسان جي جسماني طاقت جواب ڏئي ويندي آهي اکين جي ڏسڻ واري نظر گهٽ ۽ ڪنن جي ٻڌڻ واري صلاحيت ڪمزور ٿي ويندي آهي جنهن ڪري گهمڻ ڦرڻ ۽ هلڻ محال ٿي ويندو آهي انسان جيڪو ٻارائپ عمر ۾ ڊوڙندو هو جواني ۾ وٽ ڪونه ڏيندو هو پر پوڙهو ٿيڻ بعد اهو سڀ ڪجهه هليو ويندو آهي اڳ جيڪي ڪم سولائيءَ سان ۽ آسانيءَ سان ٿيندا هئا، سي ناممڪن ٿي ويندا آهن ۽ انسان ٻئي جو محتاج تصور ڪندي پاڻ کي ٻين مٿان بار سمجهندو آهي اهڙي حالت ۾ صبر ۽ حوصلو هجي سٺ سالن کانپوءِ انسان زنده ته رهي ٿو پر هو هڪ فيوز ٿيل بلب وانگر زندگي گذاري ٿو جڏهن اهو روشن هوندي ٻرندو ۽ روشني ڪندو هو ته اُن جي سڀني کي ضرورت هوندي هئي پر فيوز ٿيڻ ۽ سڙڻ کانپوءِ اُن جي ڪا به اهميت گهر ۾ نه رهندي آهي ائين پوڙهي ٿيڻ بعد گهر ۽ دنيا وارن کي اُن جي ضرورت نه هوندي آهي جڏهن هُو ڪجهه ڳالهائيندو آهي ته ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار نه هوندو آهي هر انسان لاءِ جيتري ڊگهي عمر ايترو اُن لاءِ آزار بڻجي ويندي آهي البته اِها ٻي ڳالهه آهي ته عمر جي وڌڻ سان ڊگهي عمر جو رڪارڊ ته ٺهندو آهي پر آخرڪار 90 سال يا 100 سال اُن انسان جي ڪهڙي ڪم جا جيڪو ٻين جي ڪم نه اچي ۽ ٻين تي بوجهه هجي

هاڻ جڏهن ڊگهي عمر 90 ۽ 100 سال جو ذڪر نڪتو آهي ته هن مهيني جي 17 جولاءِ تي ڪرڪيٽ جي دنيا جو عظيم رانديگر سر گيري سوبر وفات ڪري ويو، سندس عمر 89 سال هئي جيڪڏهن هو اڄ کانپوءِ صرف هڪ هفتو (ست ڏينهن) 28 جولاءِ تائين زنده هجي ها ته پنهنجي 90 سالن جي سالگره ملهائي ها هي ويسٽ انڊيز جي جزيري (ٻيٽ) بار بروز جي شهر برج جي علائقي سينٽ مائيڪل ۾ 28 جولاءِ 1936ع تي ڄائو ۽ اُن ئي گهر ۾ گذاري ويو، سر گيري سوبر ليجنڊ سان گڏ ليگسي به هو، ڏٺو وڃي ته هو رڳو امپيڪٽ ئي نه پر هيٽنگ هو، برليئنٽ ۽ ايڪسٽرا آرڊنري به هو، جسماني لچڪ ۽ بهترين ٽائيمنگ سبب ميدان جي چئني طرف ڌڪ هڻڻ جو ماهر هو، هن 20 سالن ۾ 93 ٽيسٽ ميچن ۾ 36 سينچريون ۽ 30 اڌ سنچريون ڪيون هي هڪ بهترين آل رائونڊر ۽ سٺو بالر به هو، هن شاندار بلنگ ڪندي 73 رنسن عيوض 6 رانديگر آئوٽ ڪيا، ميڊيم فاسٽ بالر ڪائڙ آرٿوڊوڪس بالر ۽ چائنا مين بلنگ به ڪندو هو، هن پنهنجي راند جي شروعات 1954ع کان ڪئي هن پهرين ٽيسٽ 30 مارچ تي نيوزيلينڊ خلاف کيڏي جڏهن ته راقم جي پيدائش 18 ڏينهن پوءِ 18 اپريل 1954ع تي ٿي هئي ۽ گيري سوبر جي راند 1954ع کان هلي 1974ع ۾ ختم ٿي اُن زماني ۾ اڄڪلهه واري ٻارائي ڪرڪيٽ ميچ ٽي-20 واري ته ڪنهن جي خواب ۽ خيال ۾ نه هئي ته ون ڊي کان به هر ڪو اڻ واقف هو ۽ اُن ڪري راند ۾ ڇڪي هڻڻ جو به ڪو رواج نه هو، پر 31 آگسٽ 1968ع تي سر گيري سوبر لنڊن ۾ پنهنجي ڪرڪيٽ ڪائونٽي برمنگهم پاران کيڏندي گل مورن خلاف ڇهن بالن تي هر هڪ بال تي ڇڪو هڻي رڪارڊ قائم ڪيو ۽ آئنده جي ڪرڪيٽرن لاءِ هڪ رستو ڊيڪلير ڪيو، جنهن تي اڄڪلهه وارا ڪرڪيٽر ٽي-20 ۽ ون ڊي ۾ ڇڪن هڻڻ تي فخر ڪن ٿا جيتوڻيڪ اُن زماني ۾ صرف ٽيسٽ ڪرڪيٽ راند هئي پر ٽيسٽ ميچ تمام گهٽ کيڏيا ويندا هئا اڄڪلهه وانگر ٽيمن جا دورا ۽ ميچ نه ٿيندا هئا، سوبر جو رڪارڊ اسڪور پاڪستان خلاف 365 رنسون ناٽ آئوٽ 1958ع آهي جي اُن وقت ڪرڪيٽ جي تاريخ جو وڏو اسڪور هو جڏهن پاڪستان جي محمد حنيف به 337 رنسون ويسٽ انڊيز خلاف ٺاهي رڪارڊ قائم ڪيو، البته گيري سوبر فيبروري ۾ 365 رنسون 614 منٽن ۾ ڪيون ۽ اهو رڪارڊ 36 سالن کانپوءِ ويسٽ انڊيز جي برائن لارا ٽوڙيو

ياد رهي ته فيبروري 1958ع ۾ جڏهن سوبر پاڪستان خلاف 365 ۽ رنسون ناهيون ته اُن ٽيم ۾ پاڪستان جي پوري ٽيم پهرين واري ۾ 328 رنسون ڪيون ته ٻي اننگ ۾ 288 ٽوٽل ڪري آئوٽ ٿي وئي ۽ ميچ هارجي وئي جڏهن مون سرگيري سوبر کي کيڏندي ڏٺو اوهان سوچيندا هوندا ته اهو ڪيئن ممڪن ٿيو جو راقم سوبر کي راند ڪندي ڏٺو

دراصل 1973ع ۾ سنڌ ۾ ٻوڏ آئي هئي ۽ اُن وقت وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو قائدِ عوام طور سنڌ جي ٻوڏ ستاين جي گهرن ۽ ڪئمپن ۾ پاڻ هلي ويو هو ۽ انهن ٻوڏ ستاين جي امداد واسطي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو ٻاهران ڪرڪيٽ جي مختلف ملڪن جا شهري ۽ ڪرڪيٽر بطور علمي مهمان ڪرڪيٽ ٽيم پاڪستان گهرائي پاڪستان جي ڪرڪيٽ ٽيم سان چار ڏينهن وارا لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ غيرسرڪاري ميچ ڪرايا هئا ۽ انهن جي آمدني ٻوڏ متاثرين کي ڏني هئي ان علمي ڪرڪيٽ ٽيم ۾ سر گيري سوبر پاڪستان آيو هو جنهن کي راقم الحروف کيڏندي اکين سان ڏٺو هو ۽ ان علمي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان به سوبر جي ملڪ ويسٽ انڊيز جو روهن ڪنهائي هو ان زماني ۾ ٻوڏ متاثرين لاءِ امداد گڏ ڪرڻ لاءِ حيدر چوڪ تي ڪئمپ لڳائي وئي هئي جنهن ۾ عبدالسبحان ميمڻ ۽ راقم سان ٻيا شامل هئا ۽ مانجهند ۾ غفار ميمڻ ته پنهنجي قميص به لاهي ٻوڏ متاثرين کي عطيو ڪري ڏني هئي ان ٽيم جي اڳواڻي مشهور صحافي سائين محمود يوسفاڻي ڪري رهيو هو البته اردو چوڻيءَ موجب ته ”تجهه ڪو ياد هو يا نه هو مجهي ياد هي ذرا ذرا“ بهرحال ٻوڏ جي ڳالهه تان ياد آيو ته ٻه ٽي ڏينهن اڳ ماتليءَ ۾ سائين نور احمد خاصخيليءَ سان ملاقات ٿي هن ٻڌايو ته 25 جولاءِ ڇنڇر جي شام کان برسات جو هڪ طاقتور سسٽم سنڌ ۾ (گجرات کان) داخل ٿيندو، جيڪو 31 جولاءِ جمع تائين (پورو هفتو) رهندو ۽ زبردست برسات وسندي، خاص ڪري اوڀرڏڻ طرف کان 300 ملي ميٽر ته حيدرآباد ۾ 200 ملي ميٽرن جو اندازو آهي نور احمد خاصخيليءَ جي موسم تي گهري نظر هوندي آهي ۽ سندس اڳڪٿي وڏي سوچ سبب صحيح ثابت ٿيندي آهي اڄڪلهه سرڪار مائي باپ به اڳڪٿي جيان تيل جا اگهه روزانو جي بنياد تي مقرر ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته اهو قوم جي مفاد وٽان آهي حالانڪ ماضيءَ ۾ سال ۾ هڪ دفعو بجيٽ ۾ اگهه مقرر ٿيندو هو سو به قوم جي مفاد وٽان هو ان کان پوءِ هر مهيني تيل جي اگهن ۾ ردوبدل جي ٽلي ۾ ردوبدل بدران اگهه چاڙهيو ويندو هو، سو قوم جي مفاد وٽان چوندا هئا، جنهن کان پوءِ هر ڏهه ڏينهن کان پوءِ اگهن ۾ قيرڦار چئي اگهه وڌائڻ قومي مفاد وٽان هو ۽ هاڻ روزانو کانپوءِ هر ڪلاڪ ۾ اگهن ۾ تبديلي ڪرڻ کي به عوام جي مفاد وٽان چيو ويندو، بس ناني جي ڪانگ جي ڪيانتو ٻڌڻ سان مهمان اچڻ جو چوندي هئي، سو ناني جون خبرون ئي پنهنجيون

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

سنڌ جي ترقياتي اسڪيم جا پورا 3 ارب رپيا خرچ نه ٿيا!

سنڌ جي ترقياتي بجيٽ هميشه عوام جي اميدن جو مرڪز رهي آهي پر مالي سال ختم ٿيڻ تائين بجيٽ استعمال نه ٿي سگهندي آهي سنڌ جهڙي صوبي ۾، جتي ڪيترائي علائقا تعليم، صحت، پاڻي ۽ روڊن جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن اتي ترقياتي بجيٽ جو مڪمل استعمال انتهائي اهم آهي هر بچيل رپيو ڪنهن نه ڪنهن ضرورت مند شهري جي حقن سان لاڳاپيل آهي حڪومت لاءِ ضروري آهي ته هو صرف بجيٽ رکڻ بدران ان جي استعمال لاءِ واضح حڪمت عملي تيار ڪري، منصوبن جي اڳواٽ تياري، عملدارن جي جوابدهي، شفاف نگراني ۽ وقت سر فيصلا ڪرڻ سان ترقياتي بجيٽ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو سنڌ جي ترقي لاءِ ضروري آهي ته ترقياتي ڪمن کي سياسي اعلانن بدران عملي نتيجن سان پرکيو وڃي عوام کي روڊن، اسپتالن، اسڪولن ۽ روزگار جي صورت ۾ ترقي نظر اچڻ گهرجي پورا 3 ارب رپيا خرچ نه ٿيڻ جو سوال اصل ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته سرڪاري نظام کي وڌيڪ موثر، تيز ۽ جوابده بڻائڻ جي ضرورت آهي ترقياتي بجيٽ جو صحيح استعمال ئي سنڌ جي حقيقي ترقي جو بنياد بڻجي سگهي ٿو

محمد اسماعيل لاڪام

آڊٽ رپورٽ: ڳڻتيءَ جوڳو لمحو!

ڪنور دلشاد

آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ عام چونڊون هاڻي رڳو هڪ هفتي جي وٿي تي وڃي پهتيون آهن پر جمهوريت جو مطلب صرف چونڊون ڪرائڻ نه هوندو آهي حقيقي جمهوريت تڏهن مضبوط ٿيندي آهي جڏهن هر شهريءَ کي آزاديءَ سان ووٽ ڏيڻ ۽ چونڊن ۾ حصو وٺڻ جو حق ملي، سڀني سياسي ڌرين کي هڪجهڙا موقعا ڏنا وڃن ۽ ماڻهن کي چونڊ عمل تي ڀروسو هجي ان حوالي سان آزاد ڪشمير جي ماڻهن کي ڪيترائي خدشا آهن ڪيترن جو چوڻ آهي ته موجوده چونڊ سرشتو نه ايماندار آهي ۽ نه ئي سڀني سياسي ڌرين کي هڪجهڙا موقعا ڏئي ٿو اهڙي حالت ۾ اهو ڊپ پيدا ٿئي ٿو ته چونڊن کانپوءِ ٺهندڙ قانونساز اسيمبليءَ تي ماڻهن جو ڀروسو گهٽجي سگهي ٿو ۽ نئين وزيراعظم جي عوامي حمايت بابت به سوال اڀري سگهن ٿا آزاد ڪشمير ۾ سياسي رٿابندي وسيلي جن ماڻهن کي اڳتي آندو پيو وڃي، تن کي عوام ۾ گهڻي مڃتا حاصل ناهي جڏهن ته سندن ماضيءَ بابت به ڪيترائي سوال اٿاريا وڃن ٿا اهڙي صورتحال چونڊن جي ساک ۽ اعتبار کي سخت نقصان پهچائي سگهي ٿي آزاد ڪشمير کي رڳو حڪم هلائڻ يا زور زبردستيءَ سان نٿو هلائي سگهجي ڪشميري عوام جي سياسي سجاڳي، سندن تاريخي احساسن ۽ گڏيل خودداريءَ جو احترام ڪرڻ کانسواءِ علائقي ۾ ڊگهي مدي وارو امن، استحڪام ۽ سياسي سڪون قائم ڪرڻ ممڪن نه ٿيندو هاڻي اچون ٿا پاڪستان جي آڊيٽر جنرل جي مالي سال 25-2024ع جي ان رپورٽ ڏانهن جنهن ۾ اهو پڌرو ڪيو ويو آهي ته ”نيلم جهلم هائيڊرو پاور منصوبي کي هن مالي سال دوران 1 سئو 28 ارب رپين کان وڌيڪ جو نقصان برداشت ڪرڻو پيو“ اهو نقصان ڪنهن هڪ حادثي يا هڪڙي فيصلي جو نتيجو ناهي پر ڪيترن ئي سالن کان هلندڙ انتظامي لاپرواهي، فني ڪمزورين ۽ اثرائتي نگرانيءَ جي کوٽ جو گڏيل نتيجو آهي جنهن جا خراب اثر هاڻي ملڪ جي معيشت تي به ظاهر ٿي رهيا آهن آڊٽ رپورٽ جي تفصيلن موجب منصوبي کي 29 ارب 41 ڪروڙ رپين جو سڌو مالي خسارو ٿيو، جڏهن ته هيڊريس سرنگ (پاڻي آڻيندڙ سرنگهه) ڊهڻ سبب بجلي گهر بند ٿيڻ ڪري 99 ارب 18 ڪروڙ رپين جو واپاري نقصان ٿيو پهرين مئي 2024ع کان بجلي گهر بند پيل آهي رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته منصوبو مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اڄ تائين ڪنهن به سال پنهنجي ساليانو 5 هزار 1 سئو 50 گيگاواٽ ڪلاڪ بجلي پيدا ڪرڻ واري مقرر ڪيل هدف تائين پهچي نه سگهيو آهي جولاءِ 2022ع ۾ ٽيل ريس سرنگ ڊهي پئي هئي، جڏهن ته مئي 2024ع ۾ هيڊريس سرنگ به ڊهي وئي ان کانپوءِ صورتحال وڌيڪ ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي انهيءَ سبب نه رڳو بجلي پيداوار متاثر ٿي پر منصوبي جي مجموعي ڪارڪردگي، مالي مضبوطي ۽ مستقبل ۾ ان کي هلائڻ جي صلاحيت بابت به سنجيده سوال اٿڻ لڳا آهن آڊٽ رپورٽ ۾ هڪ ٻيو اهم انڪشاف اهو به ڪيو ويو آهي ته نيپرا اڃا تائين منصوبي جو مستقل بجلي اگهه (ريفرنس ٽيرف) منظور نه ڪري سگهي آهي نتيجي طور منصوبو عارضي ۽ گهٽ اگهه تي هلندو رهيو، جنهن سبب اندازي موجب 77 ارب 35 ڪروڙ رپين جي امڪاني آمدنيءَ کان محروم رهيو اها صورتحال چٽي تصوير ڏيکاري ٿي ته جڏهن وڏن قومي منصوبن بابت ضابطي وارا فيصلا وقت تي نه ٿين ۽ لاڳاپيل ادارن ۾ سهڪار نه هجي ته ان جو نتيجو وڏي مالي نقصان جي صورت ۾ نڪري ٿو

آڊٽ رپورٽ موجب 30 جون 2025ع تائين منصوبي جا موجوده قرض ان جي موجوده ملڪيت کان 3 سئو 7 ارب 89 ڪروڙ رپيا وڌيڪ ٿي چڪا هئا قرضن جي وقت سر ادائيگي نه ٿيڻ سبب ڊگهي مدي وارن قرضن کي به موجوده قرضن ۾ شامل ڪرڻو پيو، ان سان گڏ منصوبي جي هلندڙ آمدني ٽيڪس کان اڳ ۽ ٽيڪس کان پوءِ وارو منافعو به سڀ منفي ٿي ويو آهي اهي مالي انگ اکر واضح ڪن ٿا ته منصوبو هن وقت نه رڳو سخت مالي بحران ۾ ڦاٿل آهي پر ان جي ڊگهي مدي واري اقتصادي سگهه به وڏي خطري ۾ آهي ايتري وڏي قومي نقصان باوجود اڃا تائين ذميوارن جو تعين نه ٿيڻ رياستي نگرانيءَ واري نظام تي وڏو سوال اٿاري ٿو قومي اهميت وارن منصوبن ۾ پيش ايندڙ حادثن جي ٻي ڌري، بروقت ۽ مڪمل جاچ رڳو ذميوارن کي سامهون آڻڻ لاءِ ضروري نه هوندي آهي پر مستقبل ۾ اهڙن وڏن نقصانن کان بچڻ لاءِ به انتهائي اهم حيثيت رکي ٿي انتظامي لاپرواهيءَ جو اهو معاملو رڳو نيلم جهلم هائيڊرو پاور منصوبي تائين محدود ناهي آڊيٽر جنرل جي جاري ڪيل رپورٽ ۾ ديامر ۽ ڀاشا ڊيم سميت ٻين وڏن آبي منصوبن بابت پڻ رٿابنديءَ جي خامين، لاڳت ۾ غيرمعمولي واڌ، تعميراتي دير ۽ انتظامي ڪمزورين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي اهي مشاهدا واضح ڪن ٿا ته جيڪڏهن وڏن قومي منصوبن جي نگراني، رٿابندي ۽ عملدرآمد واري سرشتي ۾ بنيادي سڌارا نه آندا ويا ته اهڙا مسئلا وري وري سامهون ايندا رهندا ديامر ڀاشا ڊيم ملڪ جو انتهائي اهم منصوبو آهي جنهن مان 4 هزار 5 سئو ميگاواٽ بجلي پيدا ٿيڻ، 8 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ، زراعت لاءِ آبپاشيءَ جون سهولتون وڌڻ، ٻوڏ کان بچاءُ ۽ ملڪ جي پاڻيءَ واري سلامتيءَ کي وڌيڪ مضبوط ٿيڻ جون اميدون آهن پر نيلم-جهلم منصوبي جي تجربي اهو چٽيءَ ريت ثابت ڪيو آهي ته جيڪڏهن صاف ۽ ايماندار نگراني، وقت سر فيصلا، اعليٰ درجي جو بنيادي معيار، مضبوط مالي انتظام ۽ اثرائتو احتساب يقيني نه بڻايو ويو ته رڳو اهو منصوبو پر اهڙا ٻيا قومي منصوبا به وڏن خطرن کي منهن ڏئي سگهن ٿا انهيءَ ڪري ضروري آهي ته نيلم جهلم منصوبي ۾ ٿيل خامين مان سبق حاصل ڪجي ۽ ايندڙ سڀني قومي منصوبن ۾ انهن غلطين جي ورجاءُ کان بچڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن، جيئن اربين رپين جي قومي سيڙپڪاريءَ کي محفوظ بڻائي سگهجي ايتري وڏي قومي نقصان کان پوءِ اها اميد ڪئي پئي وڃي ته پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي، قومي اسيمبليءَ جون لاڳاپيل اسٽينڊنگ ڪميٽيون، پاڻي وسيلن واري وزارت، توانائي واري وزارت، واپڊا ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا هن رپورٽ جو تفصيلي جائزو وٺندا، ذميوارن جو تعين ڪندا ۽ جتي به لاپرواهي، بدانتظامي يا ٻين بيقاعدگين جا ثبوت موجود هوندا، اتي مناسب انتظامي، مالي يا قانوني ڪارروائيءَ جون سفارشون ڪندا ان سان گڏ اهو به لازمي آهي ته انهن سفارشن تي عملدرآمد جي رفتار ۽ اڳڀرائيءَ بابت سموري جاچ ڪيل نموني عوام ۽ پارليامينٽ آڏو پيش ڪئي وڃي، جيئن احتساب جو عمل رڳو رپورٽن تائين محدود نه رهي پر ان جا عملي نتيجا به سامهون اچن نيلم-جهلم هائيڊرو پاور منصوبو رڳو هڪ تعميراتي منصوبو نه پر پاڪستان جي عوام جي اربين رپين جي قومي سيڙپڪاري آهي منصوبي جي ناڪامي، لڳاتار مالي نقصان، انتظامي ڪمزورين ۽ اڃا تائين حل نه ٿيل فني مسئلن اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته قومي وسيلن جي حفاظت صرف منصوبا ٺاهڻ سان نه ٿيندي پر ان لاءِ شفاف حڪمراني، وقت سر نگراني، ادارن جي پاڻ ۾ هم آهنگي، مضبوط انتظام، اعليٰ درجي جي انجنيئرنگ ۽ بنا ڪنهن فرق جي احتساب لازمي آهي وڏن قومي منصوبن جي ڪاميابي صرف انهن جي تعمير تي دارومدار نٿي رکي پر انهن جي مستقل نگراني، وقتائتي مرمت، صاف ۽ سٺي مالي انتظام ۽ جوابدهيءَ جي مضبوط نظام تي به ٻڌل ٿي جڏهن اهي سڀئي پاسا ڪمزور ٿي وڃن، تڏهن بهترين منصوبا به پنهنجا گهربل نتيجا ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي وڃن ٿا تنهنڪري وقت ضروري آهي ته منصوبي جي فني ۽ انتظامي خامين جو هر پاسي کان جائزو ورتو وڃي ۽ هڪ اهڙو عمل جوڳو ۽ ڊگهي مدي واري رٿا يا منصوبو تيار ڪيو وڃي جنهن جي بنياد تي ايندڙ فيصلا عارضي بندوبستن بدران قومي مفاد ۽ مستقبل جي ضرورتن جي نظر ۾ رکي ڪيا وڃن

اڄوڪو ڏينهن ..... 21 جولاءِ

ڪشنچند جيٽلي

ڪشنچند جيٽلي سنڌي ٻوليءَ ۽ گرامر جو ماهر هو، کيس سنسڪرت ٻوليءَ تي به عبور حاصل هو، سندس پيءُ جو نالو ٽوپڻ داس جيٽلي هو ۽ پاڻ 21 جولاءِ 1910ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو هن سنسڪرت جا ابتدائي سبق پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيا ۽ وڌيڪ تعليم ديوان گدومل سنسڪرت پٺشالا حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي ان بعد ڪلڪتي ۽ الهه آباد جي يونيورسٽين ۾ پڙهيو هن سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب، ثقافت ۽ رسم الخط بابت 100 کان به مٿي مقالا لکيا 1947ع ۾ ورهاڱي کان پوءِ پوني ۾ رهائش اختيار ڪيائين هن سنڌي ۽ هندي ٻولين ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾ ’سنڌي ڀاشا ڪا سنڪيت‘ (سنڌي ٻوليءَ جو مختصر تعارف، هندي)، ’شرنگار لهر‘ (سنسڪرت مان سنڌيءَ ۾ ترجمو)، ’ميگهه دوت‘ (سنسڪرت مان ترجمو)، ’سنڌي هٽ – واڻڪن اکرن جي تاريخ‘، ’موهن جو دڙو ۽ هڙاپا سنسڪرتي انهيءَ وقت جي مهرن جي لپي ۽ ڀاشا‘، ’سنڌي نالن ۾ سنڌيت جي سڳنڌ‘، ’سنڌي ويا ڪرڻ پرچايا‘، سنڌيجوي (مرهٽي ٻوليءَ ۾ لکيل مقالا)، ’سنڌ اپنشد‘ (سنسڪرت مان ترجمو)، ’سنڌي زيور‘ ۽ ’سنڌي شبد مهراڻ‘ (ڊڪشنري) شامل آهن هن 18 جنوري 1995ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

افروز صديقي

اڄ مشهور تعليمي ماهر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار افروز صديقيءَ جي جنم جو ڏهاڙو آهي هوءَ 21 جولاءِ 1944ع تي حيدرآباد ۾ ڄائي سندس وڏا شڪارپور جا رهواسي هئا هن اديب عالم فاضل سنڌي، ايم اي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ان کان علاوه هوميوپيٿيءَ ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ به حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات 1960ع ۾ پرائمري ٽيچر طور ڪئي ۽ 2003ع ۾ پرنسپال طور رٽائر ڪيائين هن دادوءَ جي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر طور پڻ ڪم ڪيو نوڪريءَ دوران هوءَ آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن ۽ سيڪنڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن جي نائب صدر رهي ان کان علاوه ايجوڪيشن ڪائونسل سنڌ ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ميمبر طور پڻ ڪم ڪيائين استاد هجڻ سان گڏوگڏ هوءَ هڪ بهترين ليکڪا پڻ هئي هن جي پهرين ڪهاڻي ماهوار ٻلبل ۾ 1966ع ڌاري شايع ٿي هن ريڊيو لاءِ به ڪيترائي ڊراما ۽ اسڪرپٽ لکيا سنڌي فلمن ’ٻيلي‘ ۽ ’ڪرتي دل وارن جي‘ جو اسڪرين پلي پڻ لکيائين مشهور رسالي ’نئون نياپو‘ جي عورتن واري صفحي جي انچارج طور به ڪم ڪيائين رٽائر ٿيڻ بعد ’زيني پبلڪ هاءِ اسڪول‘ جي سرپرست طور ڪم ڪندي رهي

پروانو سيوهاڻي

اڄ مشهور ليکڪ پرواني سيوهاڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي سنڌ جي جن اديبن ٻارائتي ادب تي قلم کنيو آهي، تن ۾ پرواني سيوهاڻيءَ جو نالو نمايان نظر ايندو هن 21 جولاءِ 1958ع تي سيوهڻ ۾ اکيون کوليون سندس اصل نالو منظور ولد گل محمد سومرو آهي ابتدائي تعليم سيوهڻ مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ جو امتحان آراضيءَ مان ۽ انٽر جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سيوهڻ مان پاس ڪيائين 2004ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽر ڊگري حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول استاد طور 1993ع ۾ ڪيائين هن 1976ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي هن سرهاڻ پبليڪيشن جو بنياد وجهي ٻارائتي ادب تي 100 کان وڌيڪ ڪتاب ڇپرايا، جن ۾ ڏهاڪو کن سندس پنهنجا لکيل ڪتاب به شامل آهن انهيءَ پبليڪيشن پاران هن ٻارن جو رسالو ’سرهاڻ‘ پڻ جاري ڪيو جنهن جو پاڻ ئي ايڊيٽر رهيو سندس فن ۽ شخصيت تي مير حاجن مير هڪ ڪتاب ’پروانو سيوهاڻي (فن ۽ شخصيت)‘ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي هن پنهنجي آتم ڪٿا ’منهنجون يادون منهنجو تڏيڻ‘ جي نالي سان لکي آهي

عبدالله اداسي ڪوسو

دادو ضلعي جي هن ٽليواري سگهڙ جو جنم 21 جولاءِ 1958ع تي جوهي تعلقي جي ڳوٺ لعل بخش ڪوسي ۾ ٿيو هو فقط پنج درجا پڙهيو هو هڪ ٽليوارو سگهڙ ۽ شاعر آهي خاص طور تي هن جا ڏور بيت گهڻو مشهور آهن پاڻ سگهڙ يونين ضلعي دادوءَ جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو

ڊاڪٽر رحمان گل پالاري

اڄ مشهور ليکڪ، لوڪ ادب جي ماهر ۽ پلاڙي پٽ ڏٿيءَ جي پارکوءَ ڊاڪٽر رحمان گل پالاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن ناميارِي اديب 21 جولاءِ 1961ع تي رضا محمد پالاريءَ جي گهر ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن بي اي، ايم اي (سنڌي) ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون ڪراچي يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيون عملي زندگيءَ جي شروعات 1999ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ڪو آپريٽو ٽيچر طور ڪيائين 2003ع ۾ ساڳئي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو اڳتي هلي ترقي ڪري سنڌي شعبي جو پروفيسر ۽ چيئرمين مقرر ٿيو هن کي سنڌ جي لوڪ ادب ۽ شاهه جي شاعريءَ تي عبور حاصل آهي هن جا لکيل تحقيقي مضمون ۽ مقالا سنڌ جي ساک وارن رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا آهن هن مرحوم گل محمد ڪلمتيءَ سان گڏجي ’سسئيءَ جي واٽ‘ نالي ڪتاب لکيو آهي هو بحريه ٽائون جي ناجائز قبضي خلاف هلندڙ جدوجهد ۽ ڪراچيءَ جي اصلوڪن رهواسين جي حقن جي تحفظ لاءِ هميشه زوردار آواز اٿاريندو رهيو آهي هو سنڌ انڊيجينئس رائيٽس الائنس جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو آهي

الهڏنو ٽوناري

الهڏنو ٽوناري سنڌ جو مشهور ڳائڻو هو هن جو جنم 1885ع ڌاري سکر ۾ ٿيو اڃا ڏهن سالن جو مس هو جو سندس والد وفات ڪئي غربت ۽ يتيميءَ سبب تعليم جهڙي اهلم وٽ کان وانجهيل رهيو اڳتي هلي پنهنجي ڪٽنب سان گڏ حيدرآباد ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪيائين حيدرآباد ۾ استاد امير خان ۽ استاد مراد علي خان جهڙن ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي ماهرن کان راڳ جي سکيا حاصل ڪيائين کيس ڪافيون ڳائڻ تي خاص مهارت حاصل هئي، جنهن ڪري کيس 20هين صديءَ جو ڪافيءَ جو بهترين راڳي مڃيو وڃي ٿو هن 21 جولاءِ 1951ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

مختيار انڙ

مير الهه بخش ٽالپر

مير الهه بخش ٽالپر جو تعلق جهول ۾ رهندڙ ٽالپر گهراڻي سان هو هو پنهنجي وقت جو وڏو سماج سڌارڪ ۽ فريڊم فائٽر هو سندس جنم 1899ع ڌاري ٿيو اڃا ٻن سالن جو معصوم ٻار هو جو سندس والد مير فضل محمد خان وفات ڪئي هن ابتدائي تعليم ٽنڊي جان محمد ۽ پٿوري مان حاصل ڪئي ۽ 1918ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو اڳتي هلي جهوناڳڙهه ڪاليج ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ پڙهيو 1920ع ۾ جڏهن خلافت تحريڪ شروع ٿي ته هو پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي انهيءَ تحريڪ جو حصو بڻجي ويو ۽ ٿرپارڪر ضلعي جي خلافت تحريڪ جي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين اڳتي هلي ٿرپارڪر ضلعي جي زميندار ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري مقرر ٿيو هن خاڪسار تحريڪ ۾ به سرگرميءَ سان حصو ورتو هن ’خاڪسار سپاهي‘ نالي هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو انهيءَ تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب 1945ع ۾ کيس جيل به وڃڻو پيو هن جو تعلق ان زماني سان هو جڏهن انگريزن خلاف حر تحريڪ زورن تي هئي انگريز عملدار حرن جي ڳوٺن ۾ داخل ٿي ماڻهن سان زيادتيون ڪندا هئا اهڙي دور ۾ مير الهه بخش حرن جي قانوني مدد ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو پاڻ چار سال ’الوحيد اخبار‘ جو ايڊيٽر به رهيو هن جهول شهر ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا، جن ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جهول ۽ رورل هيلٿ سينٽر جو قيام شامل آهي سندس نالي سان جهول ۾ هڪ شاندار پبلڪ لائبريري قائم ڪئي وئي آهي هن 21 جولاءِ 1953ع تي هڪ روڊ حادثي ۾ وفات ڪئي ڪجهه حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 21 جولاءِ بجاءِ ساڳئي سال جي 22 جولاءِ پڻ لکي وئي آهي

محمد صالح عاجز

هن نامور صحافيءَ ۽ ليکڪ جو جنم 1918ع ڌاري ڳوٺ نورمحمد شجراهه ضلعي شڪارپور ۾ ملا محمد فقير جي گهر ۾ ٿيو ان وقت جي دستور مطابق فارسي عربي ۽ ديني تعليم حاصل ڪيائين مشهور ديني عالم ۽ فريڊم فائيٽر مولانا محمد صادق کڏي وارو سندس استاد هو هن کي سنڌ جي تاريخ تي عبور حاصل هو سنڌ جا تاريخي واقعا ۽ سنڌ جي مشاهيرن جا ڪارناما کيس برزبان ياد هوندا هئا عمر جو آخري حصو نوابشاهه ۾ گذاريائين صحافت جي دنيا ۾ هن گرانقدر خدمتون سرانجام ڏنيون پهريائين ’ستاره سنڌ‘ نالي هڪ هفتيوار اخبار جاري ڪيائين اها اخبار بند ٿيڻ کان پوءِ ’صبح صادق‘ نالي هفتيوار اخبار جاري ڪيائين ۽ عمر جي آخري گهڙين تائين اها اخبار هلائيندو رهيو هن 21 جولاءِ 1982ع تي هيءُ جهان ڇڏيو

معصوم هالائي

هن قادرالڪلام شاعر جو پورو نالو قاضي محمد عالم ولد قربان علي قريشي هو سندس جنم 8 مارچ 1935ع تي هالا پراڻا ۾ ٿيو سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري نواب شاهه ميونسپل ڪميٽيءَ ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو انهيءَ نوڪريءَ دوران علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ به حصو وٺڻ شروع ڪيائين پاڻ نوابشاهه مان نڪرندڙ هڪ ماهوار رسالي جي ايڊيٽر طور صحافتي سفر جي شروعات ڪيائين 1959ع ۾ هن سانگهڙ ضلعي جي شهر جهول ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو ۽ مرحوم الهه بخش ٽالپر جي نالي سان هڪ لائبريري قائم ڪئي 1970ع ۾ وطن پبليڪيشن قائم ڪري ’حسرتاڪ خندگي‘ نالي سان هڪ ڪتاب شايع ڪرايائين هو هڪ چڱو شاعر به هو سندس شاعريءَ جو هڪ نمونو مخدوم طالب المولى جي ترتيب ڏنل ڪتاب ’ياد رفتگان‘ ۾ موجود آهي هن 21 جولاءِ 1991ع تي وفات ڪئي

خديجه خانم دائودپوٽو

خديجه خانم شمس العلماءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جي گهر واري هئي هن جو جنم حيدرآباد ۾ 14 جنوري 1918ع تي ڊاڪٽر شمس الدين شيخ جي گهر ۾ ٿيو هن جو ڏاڏو شيخ عبدالرحيم امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو ويجهو ساٿي ۽ ريشمي رومال تحريڪ جو هڪ اهم ڪردار هو هوءَ عورتن جي مشهور رسالي ’اديون‘ جي سرپرست ۽ ايڊيٽر رهي هن ڊاڪٽر دائود پوٽي جي سوانح عمري ’منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي‘ ترتيب ڏئي ڇپرائي ان کان علاوه ’شاعرن جو سرتاج‘ ۽ ’مضمون ۽ مقالا - علامه عمر بن محمد دائودپوٽو‘ ترتيب ڏئي ڇپائي پڌرا ڪيائين هوءَ 1968ع کان 1972ع تائين سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر پڻ رهي هن 21 جولاءِ 2001ع تي اسلام آباد ۾ دم ڏنو ۽ ڌرتيءَ حوالي ڪيو ويو سندس نالي کي مڃتا ڏيندي ٻوڙي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي اسڪول کي ’خديجه خانم هاءِ اسڪول ٻوڙي‘ نالو ڏنو ويو آهي

وزير علي سومرو



هن نامور ليکڪ پهرين ڊسمبر 1941ع تي شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ سون ميانيءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو سندس والد جو نالو محمد اسماعيل سومرو هو هن سنڌي فائنل جو امتحان چڪ شهر مان پاس ڪيو ان بعد بي اي، بي ايڊ، ايم اي ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين هن پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگي شروع ڪئي ۽ هاءِ اسڪول جي استاد طور رٽائر ٿيو هن 1960ع ڌاري لکڻ جي شروعات ڪئي هو هڪ بهترين نثر نويس ۽ سنڌيڪار هو سندس لکيل مضمون، ڪهاڻيون ۽ ترجما سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ’تاريخ جو حل طلب سوال‘، ’ٽه عظيم شهادتون‘، ’تابوت‘، ’انارڪلي‘، ’تاريخ سومرا سنڌ‘ (ٻه ڀاڱا) ۽ ’چچ نامه‘ شامل آهن وزير علي سومرو 21 جولاءِ 2011ع تي وفات ڪئي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات اقرا .. پلينٽف.بخلاف. اعجاز ابڙو ولد نياز ابڙو رهاڪو ڳوٺ ٻاگي بندي تعلقو ڏرڪري ضلعو لاڙڪاڻو سيل نمبر 03433824309 ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات مريم.. پلينٽف.بخلاف. علي اصغر ولد ڏتي چانڊيو ذات چانڊيو رهاڪو ڳوٺ محمد حيات رند وسايو پوٺو پي او نوڪوٽ تعلقو مٺي ضلعو ٿرپارڪر ايٽ مٺي ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
ايگزيڪيوشن درخواست نمبر 12 سال 2026
فيملي سوٽ نمبر19 سال 2026

مسمات جميلا اوٺو. پلينٽف.بخلاف. اسدالله ولد شير محمد ذات اوٺو رهاڪو مير علي صدر سيوهڻ ضلعو ڄامشورو سيل نمبر 03133407271 ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ثمينه Gudaro .. پلينٽف.بخلاف.. علي اڪبر Gudaroولد محمد اسماعيل Gudaroرهاڪو ڳوٺ دردو خان گوپانگ پي او قمبر علي خان ضلعو قمبر شهدادڪوٽ سيل نمبر 03367277110 ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ پاسٽ فيوچر مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات شهزادي کوسو. پلينٽف.بخلاف. قربان علي ولد الهي بخش رهاڪو شڪيل پيٽرول پمپ تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج IX حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 543 سال 2026

مسمات نبيلا ڌيءِ پرويز خان يوسفزئي رهاڪو جيل ڪالوني ڪوارٽر نمبر 25 سينٽر جيل حيدرآباد .. پلينٽف.بخلاف. زبير حسين ولد غلام حسين لاشاري رهاڪو ڳوٺ تيگو خان لاشاري سٽيزن ڪالوني قاسم آباد حيدرآباد ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج IX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم اڊگهڙي
فيملي سوٽ نمبر 16 سال 2026

مسمات مزو بنت بخش ذات چانڊيو رهاڪو ڳوٺ يوسف چانڊيو تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف.بخلاف. ڏلدار ولد ميهار ذات چانڊيو رهاڪو ڳوٺ محمد يوسف چانڊيو تعلقو جهڏو ضلعو ميرپورخاص ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم اڊگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج اينڊ جي ايم اڊگهڙي
فيملي سوٽ نمبر 26 سال 2026

مسمات نوريانو بنت مرحوم طيب ذات خاصخيلي رهاڪو ديهه 144تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف.بخلاف. صداقت ولد محمد اسلم ذات خاصخيلي رهاڪو نزد پوليس چوڪي وليج حيات خاصخيلي تعلقو ٽنڊو باگو ضلعو بدين ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم اڊگهڙي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج چمبڙ
(روبروجناب شاهنواز)
فيملي سوٽ نمبر 10 سال 2026

شريمتي سيتا زال چيتن ڌيءِ چندر هندو بالغ رهاڪو ڳوٺ نصير خان لغاري تعلقو چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار (2) پرڪاش ولد چيتن (ماتن) .. پلينٽف.بخلاف. چيتن ولد راڄر ذات ڪولهي رهاڪو بند موري ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن مينٽيننس رڪوري ڊوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج چمبڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هالا
سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2026

مسمات Matul بيواهه سهڻو رهاڪو ڳوٺ تاره باروچو يا ع تعلقو هالا ضلعو مٽياري .. ايپليڪنٽ.بخلاف. (1) عالم خاتون ڌيءِ سهڻو عمر 07 سال (2) دعا ڌيءِ سهڻو عمر 05 سال ٻئي مائنر معرفت گارڊين مسمات Matul (3) مينيجر موبيلڪ مائڪرو فنانس بينڪ برانچ هالا (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ......اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي سهڻو شناختي ڪارڊ نمبر 4180206719475 وفات جي تاريخ 24-09-2023 پراپرٽي جا تفصيل سونا زيور ڪل وزن 100-13 گرام صافي وزن 00-06 گرام تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ هالا

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿوڪجي ته آئون نالي محمد سلطان ولد رفيق شناختي ڪارڊ نمبر 4130403602535 حال رهاڪو گهر نمبر 523 بلاڪ سي 1 يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد جيئن ته آئون نالي مسمات فرزانه قريشي بيواهه لالا سدهير (مرحوم) کان بذريعه رجسٽرڊ نمبر 1057 ۽ 1056 گهر نمبر 517 بلاڪ B ايراضي 250 مربع گز ڪيٽگري اي واقع يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد ۽ گهر نمبر (1)517 بلاڪ B ايراضي 250 مربع گز ڪيٽگري اي واقع يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد ٽوٽل ايراضي 500 مربع گز خريد ڪري رهيو آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر هيٺ ڏنل ايڊريس تي جمع ڪرائي بي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو.

محمد سلطان ولد رفيق شناختي ڪارڊ نمبر 4130403602535 حال رهاڪو گهر نمبر 523 بلاڪ سي 1 يونٽ نمبر 08 لطيف آباد حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي عليواز ولد رمضان جوڻيجو درخواست ڏني آهي ته نالي (1) الهڏنو ولد عثمان جوڻيجو (2) هاشم ولد الهڏنو جوڻيجو (3) رمضان ولد الهڏنو جوڻيجو (4) مسمات حوري ڌي الهڏنو جوڻيجو (5) مسمات آمي ڌي الهڏنو جوڻيجو (6) مسمات حوا ڌي الهڏنو جوڻيجو فوتي جيڪي فوت ٿي ويل آهن فوتين کي ديهه جنگلي تپو بخشا تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 30" پيا مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ حاجي اسماعيل جوڻيجو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتين جا جائز وارث هيٺيان آهن (1) تفصيل نالي فوتي الهڏنو ولد عثمان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 هاشم پٽ فوتي جو 2 رمضان پٽ فوتي جو 3 عثمان پٽ فوتي جو 4 جمع جوڻيجو پٽ فوتي جو 5 فقير محمد پٽ فوتي جو 6 حوري ڌي فوتي جي 7 آمي ڌي فوتي جي 8 حوا ڌي فوتي جي (2) تفصيل نالي فوتي هاشم ولد الهڏنو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 لکاڏنو پٽ فوتي جو 2 عبدالجبار پٽ فوتي جو 3 پدمان ڌيءِ فوتي جي 4 زليخان ڌيءِ فوتي جي 5 فاطمه ڌي فوتي جي 6 مسمات رحيمان زال فوتي جي (3) تفصيل نالي فوتي رمضان ولد الهڏنو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 سليمان جوڻيجو پٽ فوتي جو 2 شاهد علي پٽ فوتي جو 3 عليواز پٽ فوتي جو 4 بختاور ڌي فوتي جي 5 مسمات حميده زال فوتي جي (4) تفصيل نالي فوتڻ مسمات حوري ڌي الهڏنو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 عبدالشڪور پٽ فوتڻ جو 2 عبدالغفور پٽ فوتڻ جو 3 محمد حنيف پٽ فوتڻ جو 4 ممتاز علي پٽ فوتڻ جو 5 ڪاشف علي پٽ فوتڻ جو 6 نورجهان ڌيءِ فوتڻ جي 7 حلو بائي ڌيءِ فوتڻ جي (5) تفصيل نالي فوتڻ مسمات آمي ڌي الهڏنو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 نسيمان ڌي فوتڻ جي 2 عثمان ڀاءُ فوتڻ جو 3 جمع ڀاءُ فوتڻ جو 4 نور محمد ڀاءُ فوتڻ جو (6) تفصيل نالي فوتڻ مسمات حوا ڌي الهڏنو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 غلام حسين پٽ فوتڻ جو 2 نيامت ڌي فوتڻ جي 3 عزيزان ڌي فوتڻ جي تنهڪري هر عام وخاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته يو سي 143 TMCقاسم آبادحيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن آفيس ۾ پاڻني خان ولد ڳوٺ يار محمد ڪلهوڙو سنڌس ڀاءُ مرحوم جمع خان ولد لونگ خان ڪلهوڙو جو نادرا CRMS فوتي سرٽيفڪيٽ حاصل لاءِ درخواست فارم هن آفيس ۾ جمع ڪرايو آهي. اگر ڪنهن به شخص کي مٿي ڄاڻايل فوتي سرٽيفڪيٽ جي حوالي سان اعتراض آهي ته يوسي 143 ٽي ايم سي قاسم آباد جي آفيس ۾ هن اشتهار بعد هڪ هفتي اندر روبرو رابطو ڪري بي صورت ۾ سرٽيفڪيٽ جائز قرار ڏئي جاري ڪيو ويندو

سيڪريٽري يوسي 143ٽي ايم سي قاسم آباد حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن

لاتعلقي جو اظهار

هر عام ۽ خاص ماڻهن ۽ سرڪاري توڙي نجي ادارن کي هي اطلاع ڏيون ٿا ته اسانجو ننڍو ڀاءُ ساجد علي ولد محمد حسن نشي جو عادي ٿيڻ ڪري مختلف ماڻهن کان ڪاروبار بهاني ڪيش رقم ۽ مختلف فراڊ ڪري رهيو آهي جنهن جي ڪارڻ اسان پنهنجي ڀاءُ ساجد علي ولد محمد حسن سان لاتعلقي جو اعلان ڪري رهيا آهيون ساجد علي ولد محمد حسن جي ڏيتي ليتي يا ڪنهن به قسم جي فراڊ سان اسانجو ڪو واسطو ناهي جيڪو به ماڻهو يا ڪو ادارو ساجد علي سان ڪيش رقم يا بي ڪنهن به قسم جي ڪا ڏيتي ليتي ڪندا اهي پنهنجا ذميوار پاڻ هوندا اسانجي هن بيان کي ريڪارڊ ۾ رکيو وڃي ته جيئن وقت مهل قانوني ادارن آڏو پيش ڪجي

سجاد علي ولد محمد حسن ۽ ماجد علي ولد محمد حسن رهائش قلندر بستي مراد ميمڻ ڳوٺ ڪراچي

لاتعلقي جو اظهار

هر عام ۽ خاص ماڻهن ۽ سرڪاري توڙي نجي ادارن کي هي اطلاع ڏيون ٿا ته منهنجا پٽ هر هڪ نالي (1) نذير ولد جهنور مل (2)سڪندر ولد جهنور مل جيڪي بري صحبت ۾ اچي خراب ٿي ويا آهن جنهن سبب آئون انهن سان اظهار لاتعلقي ڪيان ٿو اگر ڪير انهن سان ڏيتي ليتي ڪندو يا ڦٽو فساد ڪندو ته منهنجو انهن سان ڪو به واسطو نه هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي .

جهنور مل ولد گلاب مل اوڏ ويڙل ڳوٺ ڪاٺر تعلقو سڪرنڊ ضلع شهيد بينظير آباد

گمشده پاليسي بابت اطلاع

هن عام اطلاع ذريعي آگاهه ڪري ٿي ته پاليسي نمبر 607106730-9 جيڪا نالي هوتو ولد ڏرمون جنهن جي اوريجنل پاليسي جو فائل گم ٿي ويو آهي جنهن جي ڊپلي اطلاع پاليسي هولڊر آفيس ۾ پڻ ڏنو آهي هن متعلق ڪنهن کي ڪو اعتراض وغيره هجي ته 30 ڏينهن اندر داخل ڪري بي صورت ۾ آفيس جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

مينيجرPHS اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪارپوريشن آف پاڪستان ميرپورخاص زون

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته قادر بخش ٻبر ولد جعفر ٻبر سروي نمبر 42.47.44.45.46.268.269.270.271.272 ايراضي 06-16 ايڪڙ ديهه رامديهه رعيتي تپو رامديهه تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو ٽري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن بي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر IIٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته قادر بخش ٻبر ولد جعفر ٻبر سروي نمبر 42.43.44.45.46.268.269.270.271.272 ايراضي 27-20 ايڪڙ ديهه رامديهه رعيتي تپو رامديهه تعلقو ميرپورساڪرو ضلعو ٺٽو ٽري ڪنسٽرڪشن رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ اعتراض داخل ڪن بي صورت ۾ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي.

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر IIٺٽو

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار اعجاز علي ولد الهه بخش رهاڪو ڳوٺ ابراهيم منگرانو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات آمنت ولد محمد صديق زال الهه بخش تاريخ 07-05-2025تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 131/A/B, 135.136 ايراضي حصي موجب ديهه ٺلهائي رعيتي تپو ٽنڊو قيصر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي جائز وارث (1)اعجاز علي (پٽ) (2) عبدالغفار (پٽ) (3) محمد ابراهيم (پٽ) (4) مسمات غزل (ڌي) (5) مسمات [illegible] (ڌي) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪاسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالٽڪ مير پورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار حاڪم ولد مير محمد رهاڪو ڳوٺ قائم ٻبر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي الهه بچايو ولد مير محمد تاريخ 23-03-2025تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 2/22 مان ايراضي حصي موجب ديهه مولان تپو مولان تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي جائز وارث (1) حاڪم (ڀاءُ) (2) مسمات نورجهان (ماءُ) (3) مسمات ميرزادي (ڀيڻ) (4) مسمات سلم (ڀيڻ) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪاسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالٽڪ مير پورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 167 سال 2026

مسمات نرگس ڌيءِ غلام مصطفيٰ رهاڪو سمير ڪالوني نوابشاهه .. پلينٽف.بخلاف. محمد يامين ولد قاسم شاهه رهاڪو ڳوٺ ڪوٽ غلام شاهه تعلقو ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاهه
ايف سي سوٽ نمبر 206 سال 2023

مسمات غلام ڪلثوم زال منظور علي .. پلينٽف.بخلاف. مسمات ليليٰ بنت محمد يامين اينڊ بيا رهاڪو حسيني روڊ نوابشاهه......اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار اسپيسفڪ پرفارمنس اينڊ انجڪشن زير قلم VII رول 01 سي پي سي ۽ درخواست زير قلم 39 رول 1 ۽2 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IIسڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

مسمات آمنه بيواهه برڪت علي جلباڻي رهاڪو ڳوٺ مرزو عاشق حسين پي او نواز ڏاهري تعلقو سڪرنڊ .. ايپليڪينٽ.بخلاف. جنرل پبلڪ ايٽ لارج......اپوننٽس

.نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي اهي صغيرن نالي (1) روزينا (2) رضوانه (3) اقرا (4) خالد جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم IIسڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر ڪوسو)
فيملي سوٽ نمبر 45 سال 2026

مسمات سائره ڌيءِ ممتاز زال اياز ذات سولنگي رهاڪو ڳوٺ حاجي غلام رانجهو تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص .. پلينٽف.بخلاف. اياز ولد نور عرف نورو ذات سولنگي رهاڪو ڳوٺ گل محمد هاليپوٽو يو سي مير الله بخش تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ مينٽيننس، رڪوري ڊاور اماؤنٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا
فيملي سوٽ نمبر 14 سال 2026

مسمات نغم ناز ڌيءِ غلام شبير مگنهار رهاڪو شيخ محلا ٻٽ شاهه ضلعو مٽياري .. پلينٽف.بخلاف. جاويد علي ولد محمد حنيف ذات مگنهار رهاڪو ڳوٺ روزو پنجابي پٽي نزد موري تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد 03032468264 ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ اينڊ رڪوري ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي ججIV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 749 سال 2026

مسمات سويرا ڌيءِ نويد مير جت رهاڪو هوٽ ميرجت برهام پي او ڏيتا تعلقو ضلعو حيدرآباد .. پلينٽف.بخلاف. شمشير ولد سومر ميرجت رهاڪو جهنڊو تاريجو جڪرا ڦاٽڪ حيدرآباد 03702447407......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي ججIV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي ججIX حيدرآباد
(روبرو حميرا اونو)
فيملي سوٽ نمبر 791 سال 2026

مسمات انمول ڌيءِ عنايت علي شيخ رهاڪو گهمن آباد صائمه پلازه حيدرآباد .. پلينٽف.بخلاف. شڪيل احمد ولد حاجي غلام رهاڪو نور شاهه درگاهه لالر لاشاري ضلعو ٽنڊو الهيار ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي ججIX حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي ججII ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي سارا ڌيءِ مرچو زال صاحب ذات سوچي هندو بالغ رهاڪو مستوئي ڪالوني ٽنڊو الهيار سيل نمبر 03073678538 .. پلينٽف.بخلاف. صاحب ولد ميرخان ذات سوچي هندو بالغ رهاڪو خالق زمان ڪالوني ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي ججII ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار
ايف سي سوٽ نمبر 79 سال 2026

مسمات شڪيلا ڌيءِ شمون غلطي سبب لکجي ويو پنهل ذات لغاري رهاڪو محلا بخاري تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار .. پلينٽف.بخلاف. (1) اسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (2) ڊي جي نادرا اسلام آباد (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ......ڊفينڊنٽس

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪليريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊوالهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

سائين بخش ولد غلام رسول ذات ڪيريو رهاڪو ڳوٺ منصوره ڏيپر تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري .. ايپليڪنٽ ..بخلاف (1) مسمات زاهده زال سومر ڪيريو (2) محمد بخش (3) شاهده (4) صدا حسين(5) عاشي (6) عروس (7) نظام (8) شيلا (9) حسين بخش سڀ پٽ ڌيئرون غلام رسول (10) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ......اپوننٽس (1) امام بخش عمر15 سال (2) حاجاڻي عمر 13 سال... مائنر

.نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7.10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-08-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار منصور علي ولد منظور علي رهاڪو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي منظور علي ولد غلام حسين تاريخ 31-12-2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 335 مان ايراضي 01 411/1089 گهنٽه ديهه ججا ڏيٺا تپو ٽنڊو حيدر تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جا فوتي ڪاتي تبديل ڪري ڏنا وڃن فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي جائز (1) منصور علي (پٽ) (2) مصباح (ڌي) (3) سحر (ڌي) (4) صبا (ڌي) (5) يمن (ڌي) (6) عطيه (ڌي) (7) لائبه (ڌي) (8) مديحه (ڌي) (9) جويريه (ڌي) (10) عتيقه (ڌي) (11) سلمي منظور (بيواهه) جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪاسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪرالٽڪ مير پورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

ايڊيشنل سيشن جج MCTC-II/IV حيدرآباد
سيشن ڪيس نمبر 1048 سال 2021
سرڪار.. خلاف. الطاف احمد نظاماڻي ڪرائم نمبر 86/2021 زير قلم 302 پي پي سي (پي ايس هوسڙي)

.جنرل پبلڪ / تمام لاڳاپيل ڏانهن:

جيئن ته اڪيوزڊ نالي الطاف احمد ولد محمد بچل نظاماڻي رهاڪو ٽنڊو قيصر تعلقو ضلعو حيدرآباد کي چالان ڪيو ويو لاڳاپيل پوليس پارٽي پاران مٿي ڄاڻايل ڏوهه ۾ جنهن ڪيس ۾ اڪيوزڊ ٽرائل کي فيس ڪري رهيو آهي هن ڪورٽ سڳوڙي ۾ خون جي ڪيس ۾ فوتي محمد زمان ولد ڪوڙو عرف پورو رهاڪو گل محمد ٻهراڻي پي او تلهار ضلعو بدين شناختي ڪارڊ نمبر 4110517087355 جڏهن ته اڪيوزڊ فوتي جي وارثن هر هڪ نالي (1) ڪوڙو عرف پورو (پيءُ) (2) مسمات ملڪان (ماءُ) (3) مسمات فاطمه (بيواهه) (4) الطاف (پٽ) (5) مسمات شريفان (بيواهه) (6 ڪلثوم (ڌي) سان زير قلم (6)345 سي آر پي سي تحت صلح ڪرڻ چاهن ٿا تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 25-07-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج MCTC-II/IV حيدرآباد

بقايا 1 "روزاني عبرت"

رهائش گاهه تي بدين پريس ڪلب جي صدر شوڪت ميمڻ جي قيادت ۾ آيل وفد سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري پارٽي آهي جارحيت سنڌ ۾ پاڻي مسئلي ايران امريڪا ڪشيدگي ڪشمير بلوچستان جي مسئلن تي متوازن موقف رکيو آهي ۽ وفاق ۽ صوبن ۾ موثر ڪردار ادا ڪيو آهي سنڌس مدبرانه قيادت ۽ سياسي حڪمت عملي جي ڪري گلگت بلتستان ۾ نمايان ڪاميابيون مليون آهن ۽ ڪشمير جي چونڊن ۾ به پي پي لاءِ عوام ۾ پذيرائي ڪاميابي جي نويد ثابت ٿي رهي آهي هن چيو ته ٺٽو سجاول ۽ بدين جا مسئلا هڪ ٻي سان ڳنڍيل آهن هي ساموندي علائقن تي مشتمل آهن ۽ ڪوٽڙي بئراج جي ٽيل تي آهن ۽ هروقت پاڻي ڪوٽ جو شڪار رهن ٿا جنهن جي ڪري ماهيگيري ۽ مقامي زرعي معيشت کي نقصان پهچي رهيو آهي لکين ماڻهو روزگار لاءِ پريشان آهن هن چيو ته ڄاڻايل ضلعن ۾ گهٽڪا ماوا ۽ ٻي منشيات جي وڪري ۾ اضافو سنگين مسئلن کي جنم ڏيئي رهيو آهي ۽ نوجوان نسل ڪينسر ۽ بين بيمارين سبب متاثر ٿي رهيو آهي هن چيو ته آءِ جي سنڌ سميت پوليس جي اختيارين کي ان سلسلي ۾ نوٽيس وٺڻ گهرجي هن چيو ته وزيراعظم ۽ گورنر سنڌ سان ملاقاتون مسئلن جي حل ۽ ذاتي تعلقات بابت آهن جنهن کي سياسي رنگ ڏيڻ مناسب نه آهي هن موقعي تي پريس ڪلب جا سينئر صحافي تنوير احمد آرائين اشرف عبدالله ميمڻ عمران عباس خواجه حميد سومرو دودو پنهور عطا چانڊيو نور حسن سولنگي صمد کوسو ملڪ دانش اشفاق ميمڻ مير شڪيل عطا سنڌيارسارنگ جوڻيجو اسحاق شيخ ۽ بيا صحافي به موجود هئا

بقايا 2 "روزاني عبرت"

مذڪوره ترائي تي سدائين لاءِ شهر واسي جن ۾ خاص طور تي سوٿهڙ ڪميونٽي ،راجپوت، برهمڻ سميت بيون هندو برادري جون مختلف ذاتيون اتي سوين سالن کان سخي ڏاتار جوجهارسنگهه جي پاڙيٽي تي هلندڙ رسم ادا ڪندي خيرات ڪئي ويندي آهن جنهن ۾ اتي موجود آسپاس جي رهندڙ هندو توڙي مسلمان پائرن کي گڏ ڪري برسات پوڻ لاءِ گڏجي دعائون گهريون وينديون آهن . اڄ پڻ چيلهار جي ترائي تي سوين ماڻهن پاران دعائون گهريون ويون،دعائون گهرندڙن ۾ عورتون توڙي ننڍا وڏا ٻارڙا پڻ شامل هئا . ان موقعي تي اتي موجود سوڍو راساڻي،راڄمل راساڻي،صحافي رجب رحمي،پرت راساڻي،ڪانجي سوٿهڙ اسراڻي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته هتي چيلهار ۾ ڪوبه اهڙوخير خيرات جو ڪم ٿيندو آهي ته هندو توڙي مسلم سڀ گڏجي حصو وٺندا آهيون هن وقت ٿر جي اهڙي صورتحال آهي جو بدائيندي لڳ ٿا ڪانئارجن،اسين ٿر جا سارو ماڻهو آهيون اسانجي گذر سفر جو ذريعو چوپايو مال آهي جيڪو اڃا تائين برساتون نه وسڻ جي ڪري بکن ۾ پاهه ٿي رهيو آهي ۽ بک جي ڪري مختلف بيمارين ۾ ورڪڙجي سري رهيو آهي اسين هن ترائي ۾ اڄ پاڻي نه ڏسي اسان کي روئڻ ٿو اچي ،هتي ٻوهه به هزار روپيا مڻ ڏائين ملي رهي آهي اسين ٿريا موجوده وقت ۾ اينڊي مهانگائي ۾ اٽو وٺڻ کان تي لاچار آهيون سي سال کي چارو خريد ڪري ڪيئن ٿا چاري سگهون ،سڀني گڏجي پالڻهار کان دعا گهري ٿا ته اي مولا جلد خير جا مينهن وسائي اسان سمورن جا ڏکڙا دور ڪر . ان موقعي تي روپي پونائي، سريش عيراڻي،ٻيير ڏيسڙسنگهه ، نارائڻ سنگهه پاڻي،پرت ارجها،سڪيلڊو حجام، قاسم ڪنبرءِ بيا ڪيترائي معززين موجود هئا

بقايا 3 "روزاني عبرت"

بين پاران پاران مبينا طور پندرهن کان وڌيڪ هٿياربند ساڻ ڪري ڳوٺ لنڊي شيخ تي ڪاهه ڪئي ڳوٺاڻن موجب هٿياربندن ڳوٺ ۾ پهچي فائرنگ ڪئي ۽ خادم شيخ نيڪ محمد شيخ شهزادو شيخ ۽ ملوڪ شيخ جي گهرن کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ گهرن ۾ پيل سامان سڙي رک ٿي ويو ۽ لکين روپين جو نقصان ٿيو واقعي دوران متاثر خاندان پنهنجون جانيون بچائڻ لاءِ گهر ڇڏي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ٿي ويا، جڏهن ته سڄي علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل رهيو جڏهن ته اڃا پوليس سموري واقعي کان بي خبر رهي

بقايا 4 "روزاني عبرت"

ايسوسيئيشن جي صدر نظير احمد چانڊيو ۽ ٻين چيو ته 2018 کان وٺي 2026 تائين جيڪي سينيٽري ورڪن جي پگهارن جو اعلان حڪومت پاران وڌائڻ جو اعلان ڪيو ويو هو اهو اسان کي نه پيو ڏنو وڃي سنڌ جي ٻين شهرن ۾ سينيٽري ورڪرن کي الائونس ملن پيا ۽ انهن جي پگهارن ۾ پوريون ڏنيون وڃن ٿيون ۽ اسان جي هر مهيني 45 هزار روپين جي پگهار مان 5 هزار کان 10هزار تائين ناجائز ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي جيڪا اسان سان سراسر نا انصافي آهي اسين شهر جي روڊن رستن ۽ گهٽين جي نالن ۽ گٽرن جو گند ڪچرو کڻي گندو پورهيو ڪري شهر کي صفائي ڪندا آهيون ان باوجود به اسان غريبن جي پگهارن مان ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي جنهن جي ڪري اسان جي زندگي جو گذر سفر تمام ڏکيو ٿئي پيو ٽائون آفيسر کي بار بار شڪايتون ڪيون آهن پر هو مسلسل نظر انداز ڪري رهيو آهي احتجاج ڪندڙن سينيٽري ورڪرن چتاءُ ڏيندي چيو ته جيڪڏهن اسان جا جائز مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ته اسين پاڻ کي پريس ڪلب آڳيان باهه ڏئي ساڙينداسين پوءِ ان جا ذميوار ٽائون آفيسر ۽ ٽائون انتظاميا هوندي

بقايا 5 "روزاني عبرت"

آيل قسط جي رقم 2 کان 3 هزار روپيا ناجائز ڪٽوتي ڪرڻ خلاف سوين عورتن ۽ مردن شريمتي ڏاڻي ، شريمتي جمنان شريمتي ڪاجل شريمتي سپائي ، ، گنگا سپائي حليمان زيب النساء سهٽي سنڌي وارث مرون ، هرڪيو ، سيتل ، درشن رامون ، رب رکيو ، وارث گل حسن جان محمد، احسان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جهول شهدادپور روڊ بند ڪري 3 ڪلاڪ احتجاجي مظاهرو ڪري ڊرائيسز هولڊرن خلاف سخت نعريبازي ڪئي جنهن سان روڊ جي ٻنهي طرفن کان ڪيترين گاڏين بيهجي ويون ٽريفڪ معطل ٿي وئي ، انهي موقعي تي متين متاثرن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مختلف ڊرائيسز هولڊر گذريل 8 ڏينهن کان ڪين سڏائي سگهنا آسرا ڏئي ٽنگ ڪري رهيا آهن هو روزانو سنڌي مردن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ اچي قطارن ۾ بيهن ٿيون پر ڪين پيسا نه پيا ملن جن جن عورتن کي پيسا ڏين ٿا انهن جي آيل قسط مان 2 کان 3 هزار روپيا ڪٽوتي ڪري رهيا آهن هو نهئڻ اس ۾ ڊرائيسز هولڊرن جي دڪانن وٽ سڄو ڏينهن ويهي بڪ سري سج لهڻ بعد واپس هليون وڃن ٿيون سنڌن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مرڪزي چيئرپرسن، وزير اعلي سنڌ ۽ اعلي اختيارين کي گذارش آهي ته انصاف ڪيو وڃي ڊرائيسز هولڊرن کي گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪيا وڃن انهي موقعي جهول پوليس احتجاج واري پهچي متاثرن کي انصاف ڏيارڻ واري واعدي بعد روڊ ڪولرائي ٽريفڪ بحال ڪرائي

بقايا 6 "روزاني عبرت"

پنج مهينا اڳ مبينا طور اغوا ڄاڻايل ڏهين ڪلاس جي شاگردياڻي آصفه مغل جي ڪيس ۾ اهم اڳيرائي سامهون آئي آهي وارثن پاران پنج مهينن تائين لڳاتار احتجاج، ريليون پريس ڪانفرنسون ۽ ٻيرلو ڊرڻي ۾ شرڪت ڪانپوءِ پوليس دعوي ڪئي آهي ته ناري صوبي خيبر پختونخوا جي شهر نوشهرا مان هٿ اچي وئي آهي سيٺارجا پوليس موجب نوشهرا جي مقامي پوليس آصفه مغل کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو آهي جڏهن ته ڊي ايس پي ٽري ميرواهه موجب سپاهي سيٺارجا پوليس ۽ نوشهرا پوليس گڏيل طور ناري کي لاڳاپيل عدالت ۾ پيش ڪنديون جتي سندس بيان قلمبند ٿيڻ ڪانپوءِ وڌيڪ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي پوليس جو چوڻ آهي ته ابتدائي جاچ موجب آصفه مغل پنهنجي مرضي سان پسند جي شادي ڪئي آهي پر ان دعوي جي قانوني حيثيت جو حتمي تعين عدالت آڏو ناري جي آزادانه بيان ڪانپوءِ ٿيندو واضح رهي ته آصفه مغل جي گمشدگي ڪانپوءِ سندس وارثن بار بار الزام هنيو هو ته پوليس وقت سر اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام رهي، جنهن سبب ڪيس پنج مهينا التوا ۾ رهيو ان دوران سيٺارجا سميت مختلف شهرن ۾ احتجاج ريليون ۽ ڌرڻا پڻ هنيا ويا، جڏهن ته سوشل ميڊيا ۽ صحافتي حلقن ۾ به ڪيس وڏي بحث جو موضوع بڻيل رهيو

بقايا 7 "روزاني عبرت"

ڊائون ٽريڪ کي 24 ڪلاڪ گذرڻ بعد جزوي بحال ڪيو ويو آهي گذريل ڏينهن ڪراچي کان پنجاب ڪوئلو کڻي ويندڙ مال بردار ريل گاڏي جا 14 کان 17 ڳاڏا وهاب شاهه ريلوي اسٽيشن پرسان پٽڙي تان لهي وڃڻ ڪري اپ ۽ ڊائون ٽريڪ سخت متاثر ٿيا هئا جن مان ڊائون ٽريڪ کي جزوي بحال ڪيو ويو جنهن تان مسافر گاڏين کي روانو ڪيو ويو آهي جنهن ۾ پنجاب کان ڪراچي ويندڙ فريد ايڪسپريس ۽ ملتان ڪراچي ويندڙ ذڪريا ايڪسپريس شامل آهن جڏهن ته مختلف مسافر ٽرينن کي ڊائون ٽريڪ تان آهستي آهستي گذاريو پيو وڃي ٻئي طرف ريلوي انتظاميا جو چوڻ آهي ته اپ ٽريڪ جي بحالي جو ڪم هن وقت جاري جنهن جي بحالي لاءِ ڪجهه ڏينهن لڳي سگهن ٿا ڪوشش آهي ته جلد کان جلد ريلوي ٽريڪ کي مڪمل بحال ڪيو وڃي.

بقايا 8 "روزاني عبرت"

موقعي تي فنڪارن ڏانهيون ته IBAٽيسٽ پاس 319 ميوزڪ ٽيچرس کي فوري طور جوائينگ ڏني وڃي هنن چيو ته IBAٽيسٽ پاس 319 ميوزڪ ٽيچرس کي گذريل 4 سالن جوائينگ نه ملڻ سبب سنڌن خاندان فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور ٿي ويا آهيون ، هنن چيو ته IBAٽيسٽ پاس 319 ميوزڪ ٽيچرس کي جوائينگ نه ڏني وئي ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهه اڳيان دهولن شرنائين سان سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 9 "روزاني عبرت"

22 اي تحت درخواست داخل ڪرائي ڇڏي عدالت پاران زخمي ڳوٺاڻي جي ميڊيڪل چڪاس ڪرائي رپورٽ 27 جولائي تي پيش ڪرڻ جو حڪم گذريل ڏينهن ڪينجهر ڊنڍ تي سياحت ڪاتي جي انتظام هيٺ هلندڙ ايس ٽي ڊي سي جي انتظاميه پاران مقامي ملازمن ۽ ڪوين کي ملازمت تان برطرف ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻن ۽ ملازمن جي احتجاج ڪانپوءِ سياحت کاتي جي انتظاميه 8 نامزد ڳوٺاڻن ۽ ملازمن سميت 60 ڄڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو هو جنهن ۾ پوليس ڇاپا هڻي ٻن نامزد ڳوٺاڻن حبيب الله ڪاتيار ۽ شاڻ ڪاتيار کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايف آءِ آر ۾ نامزد 6 ڄڻن جي ايڊيشنل سيشن جج ۽ ماڊل ڪورٽ ٺٽو جي عدالت گرفتاري کان اڳ جي ضمانت منظور ڪري ورتي پنهنجي وڪيل اعجاز جماڻي معرفت معاشر ڪينجهر جي ڳوٺاڻن مشتاق ڪاتيار نظير ڪاتيار اسد ڪاتيار سرور ڪاتيار منور ۽ رحيم ڪاتيار عدالت ۾ پيش ٿي گرفتاري کان اڳ جي ضمانت لاءِ درخواست ڏني جنهن تي عدالت سنڌن گرفتاري کان اڳ جي ضمانت منظور ڪري ورتي ٻئي طرف ڪينجهر جي رهواسي ڳوٺاڻي سلمان ڪاتيار طرفان سنڌن وڪيل سينيئر قانوندان ايڊوڪيٽ اعجاز جماڻي قلمر 22 اي تحت سيشن جج ۽ ماڊل ڪورٽ ٺٽو جي عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو ويو ته سياحت کاتي جي ايس ٽي ڊي سي جي ايم ڊي فياض شاهه سياحت کاتي ڪينجهر جي انچارج مخدوم گلزار ۽ ٻين ملازمن هڪ ٻڍي ويل عورت جو لاش گولا بعد ڪيڻ ڪانپوءِ پنهنجي مزدوري ڳوٺاڻي تي مٿن حملو ڪري ڪيس زخمي ڪيو آهي جنهن جو ڪيس مٿن داخل ڪيو وڃي عدالت 22 اي تحت درخواست تي ٻڌڻي منظور ڪندي سول اسپتال ٺٽو جي ڊاڪٽرن کي حڪم ڏنو آهي ته زخمي فريادي سلمان ڪاتيار جو طبي معائنو ڪري سنڌس ميڊيڪل رپورٽ اينڊ شنوائي 27 جولائي تي پيش ڪئي وڃي

بقايا 10 "روزاني عبرت"

پهچي نوجوان لاش واهه مان ڪيدرائي ڊي ايچ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ڪوٽڙي پوليس موجب نوجوان جي لاش جي سڃاڻپ ٿي نه سگهي آهي . نوجوان جي هٿ تي شيراز سومرو لکيل آهي

بقايا 11 "روزاني عبرت"

مظاهرو ڪيو.احتجاج ڪندڙ خميسو پيپل هوٿي شنڪر لڇمي زال خميسو ڦولان زال هوٿي پرڪاش ٽرسنگ، مورو ۽ ٻين الزام لڳايو ته سنڌن سروي ٿيل زمين تي ناجائز قبضو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪين پنهنجي ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ کان پڻ روڪيو پيو وڃي، جنهن سبب هو سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيا آهن سروي زمين تان مبينا قبضا ختم ڪرايا وڃن ۽ ڪين بنا ڪنهن رڪاوٽ جي ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ جي اجازت ڏني وڃي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن هو ٻئي ڪنهن ڳوٺ پاڻي لاءِ وڃن ٿا ته اتي به لڱين ڪهاڙين سان پهچي وڃن ٿا، بااثر هڪ رٽائرڊ پوليس اهلڪار رامجي ۽ هڪ استاد ڪيول آهي جن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، هنن اسسٽنٽ ڪمشنر اسلام ڪوٽ، مختيارڪار اسلام ڪوٽ، ايس ايڇ او اسلام ڪوٽ کان معاملي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائڻ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ ۽ ڪين فوري انصاف فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪئي

بقايا 12 "روزاني عبرت"

پيارو رڪڻ پوليس چورن خلاف ڪوبه تحرڪ نه ورتو ٻي ايس رڪڻ جي حد ۾ پيارو اسٽيشن ۾ ڏينهن ڏٺي جو اڻڄاتل چور پيارو اسٽيشن ۾ قائم گرلس پرائمري اسڪول جون گرلون، دروبن سريا ۽ بجلي جي تارون چوري ڪري فرار ٿي ويا، ان موقعي جي پيپلي جي صابر سمون ۽ سوشل ورڪر منير احمد سمون ٻڌايو ته هي اسڪول ۾ ڀهريون پيرو چوري ناهي ٿي پر ڪيترائي ڀيرا چوري ٿي وئي آهي ۾ پيارو ۽ رڪڻ پوليس چورن خلاف ڪوبه تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار ناهي،هنن وڌيڪ چيو ته اسان محنت ڪري اسڪول کي سواريون ٿا ته جيئن اسانجا معصوم ٻچا سٺي ماحول ۾ تعليم پرائن پر قانون لاڳو ڪندڙ ادارا اسڪول جو تحفظ نه ٿا ڪن ۽ چوراسڪولن مان چوري ڪري تباهي ڪري رهيا آهن هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ، آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته ايس ايچ او رڪڻ کان سخت پڇاڻو ڪري اسڪول مان چوري ٿيل سامان واپس چورن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 13 "روزاني عبرت"

ڪئي هلڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي

بقايا 14 "روزاني عبرت"

منشيات فروش عورت خلاف ڪوٽڙي ٿاڻي تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ..

بقايا 15 "روزاني عبرت"

احتجاج ڪندڙن غلام عباس چانڊيو عباس چانڊيو شڪيل چانڊيو ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهينديالزام لڳائيندي چيو ته سائيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او طارق چنا بنا ڪنهن ڏوهه جي گهرن ۾ رات جو 3 بجي داخل ٿي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو ۽ بنا جواز ڪارروائي ڪري گهر اندر معصوم ٻارڙن توڙي عورتن ۾ خوف ۽ هراس پکيڙيو ۽ نوجوان خالق چانڊيو کي ڪنهي پاڻ سان گڏ وٺي گم ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سبب وارث سخت پريشان آهن ۽ سنڌس امڙ روئي روئي بي حال ٿي وئي آهي هنن چيو ته بنا جواز پوليس جي ڪارروائي ۾ عورتن کي ڌڪ به لڳا آهن . مظاهرين ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته نوجوان خالق چانڊيو کي فوري طور بازياب ڪرائي وارثن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي، بي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو

بقايا 16 "روزاني عبرت"

گذريل رات ٽنڊو محمد خان مان پراسرار طور گم ٿي ويو هو گم ٿي ويل اعجاز ميمڻ جي لاش کي ماتلي جي ڦليلي واهه جي پل پرسان هٿ ڪرڻ جي بعد ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال ايمبولينس ذريعي پهچايو ويو اعجاز ميمڻ جي 65 سال عمر ٻڌائي وئي آهي سنڌس شادي ٿيل نه هئي.

بقايا 17 "روزاني عبرت"

ٽنڊوآدم ون جي حد ڳوٺ غلام حسين جوڻيجو ۾ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ سبب ڳوٺاڻا سخت پريشان راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور احتجاج

بقايا 18 "روزاني عبرت"

ڪلاڪن جا ڪلاڪ سخت گرمي ۾ بيهڻو پيو جڏهن ته بيهڻ جي صاف پاڻي ويهڻ جي مناسب انتظام ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي به کوٽ رهي هنن الزام هنيو ته انتظاميه اميدوارن جي انگ جو صحيح اندازو لڳائڻ ۾ ناڪام رهي جنهن سبب انٽرويو لاءِ آيل نوجوانن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو صحافين سان ڳالهائيندي اميدوارن چيو ته پٽيوالي چوڪيداري ۽ ٻين چوٿين درجي جي نوڪرين لاءِ انٽرويو وٺڻ جو جواز سمجهه کان ٻاهر آهي هنن وڌيڪ خدشو ظاهر ڪيو ته ڀرتين جي عمل ۾ ميرٽ کي نظرانداز ڪرڻ جا امڪان موجود آهن تنهن ڪري سمورو عمل مڪمل شفاف بڻايو وڃي ته جيئن ڪنهن به اميدوار سان ناانصافي نه ٿئي

بقايا 19 "روزاني عبرت"

۾ شهري شرڪت ڪري منشيات خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا آهن

بقايا 20 "روزاني عبرت"

جي عملدارن کپرو-عمرڪوٽ روڊ تي ٿر مان ايندڙ هڪ جيپ تي ڇاپو هڻي ۽ زنده هرڻ هٿ ڪري ورتا. ڪارروائي دوران هرڻن جي غيرقانوني منتقلي ۾ ملوث غلام رسول پيو ۽ الطاف ملاح کي گرفتار ڪري مٿن وائيلڊ لائيف ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

بقايا 21 "روزاني عبرت"

گوپانگ، شادي خان قمبراڻي،ظهير انڙ،حاجي نظر محمد بروهي ڪاشف خان قمبراڻي ۽ ٻين چيو ته نم شاخ ۾ پاڻي جي سنگين کوٽ ٿي وئي آهي ساريالو بيجارو سڙي رهيو آهي آبپاشي عملدار ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي نوٽيس وٺي نم شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ ختم ڪري آبادگارن جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 22 "روزاني عبرت"

برداري تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن دوران منشيات جي خاتمي ۽ صحافين جي حقن لاءِ عملي قدمن جو اعلان ڪيو ويو.تفصيل موجب ريجنل يونين آف جرنلسٽس پاڪستان (رجسٽرڊ) پاران محراب پور ۾ صحافين جو ڪنوينشن ۽ نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري جي تقريب منعقد ڪئي وئي

بقايا 23 "روزاني عبرت"

تي ڪوٽڙي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيم پهچي نوجوان لاش واهه مان ڪيدرائي ڊي ايچ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي منتقل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ڪوٽڙي پوليس موجب نوجوان جي لاش جي سڃاڻپ ٿي نه سگهي آهي

بقايا 24 "روزاني عبرت"

سان ڳالهائيندي ڪيوهن وڌيڪ چيو ته سنڌس هر ممڪن ڪوشش آهي ته ترقياتي ڪمن وسيلي شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ عوام کي درپيش مسئلن جو ازالو ڪيو وڃي.سنڌس چوڻ هو ته محمدي چوڪ شهر جو مرڪز ۽ اهم چوڪ آهي جنهن جي خوبصورتي نه رڳو شهر جي سونهن ۾ اضافو ڪندي، پر هتي رهندڙ ماڻهن جي ذوق ۽ سجاڳي جو به عڪس پيش ڪندي.مير ذوالفقار علي خان ٽالپر وڌيڪ چيو ته هو بنا ڪنهن امتياز جي شهر ۾ ترقياتي ڪمن جو سلسلو جاري رکندا ۽ عوام جي خدمت کي پنهنجي اولين ترجيح بڻائيندا.

بقايا 25 "روزاني عبرت"

اهل اميدوارن کي نوڪرين جا آرڊر جاري ڪيا وڃن هنن الزام هنيو ته عدالتي فيصلي کي 6 مهينا گذرڻ باوجود سنڌ حڪومت اڃا تائين فوتي ڪوٽا جا آرڊر جاري نه ڪيا آهن

بقايا 26 "روزاني عبرت"

منگهيجو عبدالنبي شر واجد علي عباسي عبدالجبار پٽو ۽ زبير پٽو ڪري رهيا هئا اميدوارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ حڪومت سال 2021ع ۾ مختلف 47 سرڪاري کاتن ۾ لڳ ڀڳ 90 هزار خالي جاين تي ڀرتين لاءِ اشتهار جاري ڪيو هو

بقايا 27 "روزاني عبرت"

جي مختلف شهرن ۾ ڌرڻا هڻڻ ۽ اهم شاهراهون بند ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 28 "روزاني عبرت"

حسيني ساس جي شڪيل پارس ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ امام بارگاهه نهر فرات کان چوهڙ جمالي پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي نعريبازي ڪئي وئي

بقايا 29 "روزاني عبرت"

جي وارثن جي چوڻ موجب رضيه خدڪشي ڪئي آهي جڏهن ته حد جي پوليس جو چوڻ آهي ته اسان کي شڪ آهي مقتولا خدڪشي نه ڪئي آهي پر ان کي قتل ڪيو ويو آهي پوليس موجب واقعي جا مختلف پهلو جاچي رهيا آهيون ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 30 "روزاني عبرت"

اسرار نموني گم ٿي ويل جي نوجوان ارشد علي سيال جي وارثن صحافين کي ٻڌايو ته ارشد علي سيال ڪراچي جي ڇمڙا چورنگي، ضياءَ ڪالوني واري علائقي مان گم ٿيو جنهن کان پوءِ هن وقت تائين سنڌس ڪو به پتو نه پئجي سگهيو آهي هنن ٻڌايو ته نوجوان ارشد سيال جي ڪافي ڳولها ڪئي پر ڪوبه پتو نه پئجي سگهيو آهي هنن چيو ته فوري طور تي نوجوان کي بازياب ڪرايو وڃي بي صورت ۾ سريم ٽوب چوڪ تي بک هڙتال ڪئي ويندي

بقايا 31 "روزاني عبرت"

ته نامعلوم هٿياربندن روڪي هٿيارن جي زور تي سي ڊي ماڊل 2026 موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا عدنان ممتاز ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان لاڙڪاڻو کان ٻيرلو ڊرڻي ۾ وڃي رهيو هوس لکي غلام شاهه ڦاٽڪ وٽ ۽ ڪو جي وڃ وٽان نامعلوم هٿياربندن موٽر سائيڪل ماڊل 2026 ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا پوليس غائب آهي

بقايا 32 "روزاني عبرت"

عبدالصمد رئيساڻي مولانا صبغت الله بازڙي، مولوي انور علي بليدي، جهانگير خان سينيئر صحافي زخمي غلام حسين ۽ ٻين جي قيادت ۾ رهواسين پيادل مارچ ڪري ڊي سي ڄامشورو جي آفيس جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهري ڪري ڌرڻو هنيو

CORRIGENDUM

With reference to the advertisement titled **"Job Opportunities – Principal"** published on **19 July 2026**, please note that the bank account number was inadvertently printed incorrectly.

CORRECT BANK DETAILS:
Askari Bank, Pano Aqil Cantt
A/C No.: 04241650000798

Candidates are requested to deposit the fee only into the above account.

Cadet College Khairpur
Phone: 071-5680291,
0303-5618525

نيشنل بينڪ آف پاڪستان

روايتي بينڪنگ برانچ جي اسلامڪ بينڪنگ برانچ ۾ تبديلي

توهان کي اهي ٻڌائي خوشي ٿيندي ته الله جي ڪرم ۽ توهان جي مسلسل اعتماد جي بدولت اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان (SBP) مان اصولي منظوري حاصل ٿيڻ کان پوءِ هيٺ ڏنل روايتي برانچن کي اعتمادي اسلامڪ بينڪنگ برانچن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ چونڊيو ويو آهي.

نيشنل بينڪ آف پاڪستان، اعتماد اسلامڪ بينڪنگ پنهنجي صارفين کي ممتاز شرعي عالمن کان منظور ٿيل شريعت جي اصولن موجب بهترين بينڪنگ خدمتون ۽ پراڊڪٽس فراهم ڪرڻ لاءِ مسلسل ڪوشان آهي. اسان کي يقين آهي ته اسان جون جديد اسلامي بينڪنگ پراڊڪٽس ۽ خدمتون نه صرف توهان سان اسان جي تعلق کي وڌيڪ مضبوط ڪنديون بلڪ توهان جي روزاني زندگيءَ ۾ به سهولت ۽ آساني فراهم ڪنديون.

اطلاعي خط سان گڏ رضامنديءَ جو خط توهان جي ڏنل پتي تي موڪليو ويو آهي. مهرباني ڪري ذڪر ڪيل خط ۾ ڏنل هدايتن تي عمل ڪندي پنهنجي موجوده روايتي نيشنل بينڪ اڪائونٽ کي اسلامڪ بينڪنگ اڪائونٽ ۾ تبديل ڪرڻ جو عمل مڪمل ڪريو.

ڪرنٽ اڪائونٽس، قرض جي بنياد تي کوليا ويندا. جڏهن ته سيونگ اڪائونٽس، مضاربه جي بنياد تي کوليا ويندا. جنهن ۾ صارف رب المال ۽ بينڪ مضارب هوندو. ۽ مضارب جا سمورا شرط ۽ ضابطا لاڳو ٿيندا. منافعي جو تعين ۽ ان جي ورڇ اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان (SBP) جي هدايتن موجب پهرين کان مقرر ڏينهن جي بنياد تي ڪئي ويندي. اسلامڪ بينڪنگ پراڊڪٽس جا اهم معلوماتي گوشوارا (Key Fact Statements) ۽ اسلامي بينڪنگ اڪائونٽس بابت شرط ۽ ضابطا اسان جي ويب سائيٽ www.nbp.com.pk/islamic تي ڏسي سگهجن ٿا.

وڌيڪ معلومات يا رهنمائيءَ لاءِ مهرباني ڪري پنهنجي لاڳاپيل برانچ مئنيجر سان رابطو ڪريو.

نمبر شمار	اسلامڪ بينڪنگ ۾ تبديلي لاءِ چونڊيل برانچون	متبادل برانچ	تبديليءَ جي تاريخ
1	سنڌ يونيورسٽي رهائشي ڪالوني حيدرآباد (0226) سنڌ يونيورسٽي رهائشي ڪالوني، ڄامشورو، حيدرآباد	ايل ايم سي برانچ، ڄامشورو (0131) لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز، ڄامشورو	28سيپٽمبر2026
2	چراله برانچ، آزاد ڪشمير (1593) ڪيوٽ نمبر 151، کتوني نمبر 378، خسره نمبر896، چراله بازار، تحصيل ميرپور، ضلعو باغ، آزاد ڪشمير	ڏيرڪوٽ برانچ (0887) ڏيرڪوٽ برانچ، آزاد ڪشمير	28سيپٽمبر2026
3	چنداله برانچ، پونچ آزاد ڪشمير (1673) ڪيوٽ نمبر243 ، کتوني نمبر732 ، خسره نمبر 1476 ، گرائونڊ فلور ۽ پهرين منزل، مين چنداله بازار، مين باغ، راولپنڊي روڊ، پنيول، ضلعو پونچ، آزاد جمون ڪشمير	مين برانچ راول ڪوٽ (0393) راول ڪوٽ، پونچ، آزاد جمون ڪشمير	28سيپٽمبر2026
4	کائي گلا برانچ، پونچ، آزاد ڪشمير (1426) ڪيوٽ نمبر32/29 ، کتوني نمبر127,128 ، خسره نمبر 1476، مين بازار، کائي گلا، پونچ آزاد ڪشمير	مين برانچ راولڪوٽ (0393) راولڪوٽ، پونچ، آزاد ڪشمير	28سيپٽمبر2026
5	سوسٽ برانچ، هنزه (1705) مين بازار، قراقرم هاءِ وي، روڊ سوسٽ، تحصيل گوجال، ضلعو هنزه، گلگت بلتستان	ڪريم آباد برانچ، گلگت (0873) ڪريم آباد، زيرو پوائنٽ، تحصيل علي آباد (هنزه)، ڊسٽرڪٽ گلگت	28سيپٽمبر2026
6	علي آباد برانچ، هنزه(2226) خسره نمبر5187 ، گلزار هنزه مارڪيٽ، تحصيل علي آباد، ضلعو هنزه، گلگت بلتستان	ڪريم آباد برانچ، گلگت (0873) ڪريم آباد، زيرو پوائنٽ، تحصيل علي آباد (هنزه)، ڊسٽرڪٽ گلگت	28سيپٽمبر2026
7	ياسين برانچ، غزار، هنزه (2172) خسره نمبر9، گوهر امان مارڪيٽ، مين بازار ياسين، ضلعو غزار، هنزه گلگت بلتستان	گوهاس برانچ (0886) مين بازار، شندور روڊ، گوهاٿوس، ڊسٽرڪٽ غزار	28سيپٽمبر2026
8	چنگي شاموزئي برانچ، سوات (1362) پلاٽ نمبر1 ، خسره نمبر (392)، کتوني نمبر 43 ، کيوٽ 36، شاموزئي، تحصيل بري ڪوٽ، ضلعو سوات	بري ڪوٽ برانچ (1970) بري ڪوٽ برانچ، ڊسٽرڪٽ سوات	28سيپٽمبر2026
9	شاهه ڏيري برانچ، سوات (1367) دڪان نمبر1 ، خسره نمبر4431 ، کتوني128/0 ، ڳوٺ اوريپي اوشاه ڏيري، تحصيل ڪبل، ڊسٽرڪٽ سوات	ڪبل بازار برانچ (2009) ڪبل بازار، ڊسٽرڪٽ سوات	28سيپٽمبر2026
10	لورالائي ڪينٽ برانچ، لورالائي (2187) خسره نمبر78 ، تحصيل روڊ، جناح مارڪيٽ، ڪينٽ ايريا، لورالائي	مين برانچ، لورالائي (0026) تحصيل روڊ، لورالائي	28سيپٽمبر2026
11	گلمت برانچ، هنزه (1713) خسره نمبر4167 ، شاهراهه ريشم گلمت،، تحصيل گوجال، ضلعو هنزه، گلگت بلتستان	ڪريم آباد برانچ (873) ڪريم آباد، زيرو پوائنٽ، تحصيل علي آباد (هنزه)، ڊسٽرڪٽ گلگت	28سيپٽمبر2026

PID (K) 212/26

NBP National Bank of Pakistan
نيشنل بينڪ آف پاڪستان

نيشنل بينڪ
اور پاڪستان

چيئرمين بلاول ڀٽو جو موقف ملڪي توڙي بين الاقوامي طور سياسي بصيرت جو مظهر آهي: اياز شاهه شيرازي

ٺٽو، سجاول ۽ بدين جا مسئلا هڪ ٻي سان ڳنڍيل آهن هي سامونڊي علائقن تي مشتمل آهن

گهٽڪا ماوا ۽ ٻي منشيات جي وڪري ۾ اضافو سنگين مسئلن کي جنم ڏيئي رهيو آهي

وزيراعظم ۽ گورنر سنڌ سان ملاقاتون مسئلن جي حل ۽ ذاتي تعلقاتن بابت آهن، سياسي رنگ نہ ڏنو وڃي

بدين (ڊ ر) پي پي پي جي قومي اسيمبلي ميمبر اياز شاهه شيرازي چيو آهي تہ موجوده ملڪي حالتن ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو موقف ملڪي توڙي بين القوامي طور سياسي بصيرت جو مظهر آهي پنهنجي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: تڪرار تان ٻاٿرن پاران گهرن کي هنيل باهه جو ڏيک

جهول بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي رقم مان ڪٽوتي خلاف عورتن جو ڌرڻو روڊ بلاڪ

عورتن جهول شهدادپور روڊ بند ڪري 3 ڪلاڪ احتجاجي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

مختلف ڊوائيسز هولڊر گذريل 8 ڏينهن کان ڪين سڏائي سڪڻا آسرا ڏيئي تنگ ڪري رهيا آهن: مظاهرين

اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺي ڊوائيسز هولڊرن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري اسان انصاف ڪن

جهول (ن ع) رڪن برڙا لڳ جهول ٿاڻو جي حد ۾ عورتن ۽ مردن پاران بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊوائيسز هولڊرن پاران هڪ هفتي کان مختلف بهانن سان عورتن کي رلائڻ دڪان بند ڪري گم ٿي وڃڻ ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: واهه مان هٿ آيل نوجوان جو لاش پيل آهي

ڪوٽڙي ويجهو ڪراچي واهه مان نوجوان لاش مليو، هٿ تي شيراز سومرو لکيل، وارثن جي ڳولا شروع

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ويجهو ڳوٺ ڏتي بخش خاصخيلي وٽان ڪراچي واهه کي بيفيڊر مان نوجوان جو لاش هٿ آيو اطلاع تي ڪوٽڙي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيم

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سينارجا: پنج مهينا اڳ گم ٿيل آصفہ مغل نوشهرا مان هٿ

نوشهرا جي مقامي پوليس آصفہ مغل کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو آهي: پوليس

اڄ ناري کي عدالت ۾ پيش ڪري بيان قلمبند ٿيڻ بعد وڌيڪ ڪارروائي ڪئي ويندي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سينارجا (ن ع) پنج مهينا اڳ اغوا ٿيل آصفہ مغل نوشهرا مان هٿ، عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو اعلان وارثن جي احتجاجن ريلين ۽ هيرلو ڌرڻي ڪاٿيو ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي تفصيلي خبر موجب سينارجا مان

اوڏيرولال پرسان متاثر ڊائون ريلوي ٽريڪ 24 ڪلاڪن بعد جزوي بحال

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال اسٽيشن پرسان وهاب شاهه ريلوي اسٽيشن وٽ متاثر ٿيل

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ڳوٺاڻن جو ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ کان روڪڻ خلاف احتجاج

اسلام ڪوٽ (ن ع) يوسي ڪاريو غلام شاهه جي ڳوٺ سوکو پيپل جي رهواسين پنهنجي سروي ٿيل زمين تي مبينا قبضي ۽ ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ کان روڪڻ خلاف پريس ڪلب اسلام ڪوٽ آڏو احتجاجي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ IBA ٽيسٽ پاس 319 ميوزڪ ٽيچرن جو انوکو احتجاج

مظاهرين دهلن ۽ شرنائين سان پيادل مارچ ڪري پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو

جوائننگ نہ ملڻ سبب اسان جا خاندان فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن: مظاهرين

دادو (ڊ ر) آءِ بي اي ٽيسٽ پاس 319 اميدوارن کي 4 سالن کان جوائننگ نہ ملڻ خلاف دادو ۾ آل سنڌ ميوزڪ ٽيچرس لالا رفيق ڏنو، تابش بخاري، سجاد يوسف سومرو، جاويد عباسي، علي گل ميراڻي، خليل عارف سومرو، سيد حسنين شاهه، غلام مصطفيٰ بروهي، خان حيدري ۽ ٻين دادو علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريري کان پيادل مارچ ڪري هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي دهولن شرنائين سان دادو پريس ڪلب آڏو انوکو احتجاج مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ان

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪينجهر ڊنڊ ملازمن جي برطرفي وارو تڪرار، پوليس ٻن ڳوٺاڻن کي گرفتار ڪري ورتو

سياحت کاتي جي ڪيس ۾ نامزد 6 ڳوٺاڻن جي گرفتاري کان اڳ ضمانت منظور

زخمي ڳوٺاڻي پاران ايم ڊي سياحت کاتي ۽ ٻين عملدارن خلاف 22 اي تحت درخواست داخل

ٺٽو (ڊ ر) ڪينجهر ڊنڊ جي مقامي ملازمن کي سياحت کاتي پاران برطرف ڪرڻ واري معاملي تان ملازمن ۽ مقامي ڳوٺاڻن ۾ پيدا ٿيل ڇڪتاڻ وارو معاملو سياحت کاتي داخل ڪرايل ايف آءِ آر ۾ نامزد ٻن ڳوٺاڻن کي ڪينجهر پوليس گرفتار ڪري ورتو 6 ڳوٺاڻن جي ٺٽي جي ماڊل ڪورٽ جي عدالت گرفتاري کان اڳ جي ضمانت منظور ڪري ورتي زخمي ڳوٺاڻي پاران وڪيل اعجاز جماڻي سياحت کاتي جي ايم ڊي ۽ ٻين عملدارن تي ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

پيارو اسٽيشن چور اسڪول جون گرلون، دريون ۽ بجلي جو سامان کڻي ويا

پيارو اسٽيشن (ن ع) پيارو اسٽيشن ۾ چورن درسگاهن کي بہ بخش نہ ڪيو پرائمري اسڪول ۾ لڳل گرلون دريون ۽ بجلي جون تارون چوري ڪري فرار ٿي ويا

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پيارو اسٽيشن: چورن جو شڪار ٿيل اسڪول

ڪوٽڙي ۾ پوليس پاران نوجوان کي مبينا طور ڪنهن گم ڪرڻ خلاف وارثن جو مظاهرو هيڊ اوور پل تي ڌرڻو

مسلم ٽائون جي رهواسي چانڊيا برادري جي ماڻهن سائيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او طارق چنا خلاف احتجاج ڪيو

ڌرڻي سبب روڊ ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿيڻ ڪري مسافرن کي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو

پوليس گهر اندر گهڙي ٻارڙن ۽ عورتن ۾ خوف ۽ هراس پکيڙي نوجوان خالق چانڊيو کي ڪنهي گم ڪيو آهي: مظاهرين

ڪوٽڙي / سائيٽ (نمائندن وٽان) ڪوٽڙي سائيٽ جي مسلم ڪالوني جي رهواسي چانڊيا برادري جي ماڻهن پوليس جي مبينا ڪارروائي خلاف هيڊ اوور پل تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب روڊ مڪمل طور بلاڪ ٿي ويو ۽ ٻنهي پاسن کان ٽريفڪ معطل ٿيڻ ڪري مسافرن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان جو پراپرٽي ڊيلر اعجاز ميمڻ جو لاش ڦليلي واهه مان هٿ

65 ورهين جي اعجاز ميمڻ جو لاش ماتلي پرسان ڦليلي واهه جي پل وٽان مليو

پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو، وڌيڪ جاچ جاري

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ پراپرٽي ڊيلر اعجاز ميمڻ مبينا طور آپگهات ڪرڻ ڪاٿيو ماتلي جي ڦليلي واهه مان لاش هٿ اعجاز ميمڻ

ٽنڊوآدم پرسان غيراعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاج

ٽنڊوآدم (ن ع) حيسڪو سب ڊويزن

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سجاول ۾ 1 کان 4 گريڊ جي نوڪرين لاءِ انٽرويو دوران بدنظمي، اميدوارن جو احتجاج

ويهڻ، پيئڻ جي پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ اميدوار مظاهرو ڪيو

مظاهرين جو اعليٰ اختيارين کان ڀرتين جي ڪي مڪمل ميرٽ تحت مڪمل ڪرڻ جو مطالبو

سجاول (ڊ ر) سجاول ضلعي جي مختلف سرڪاري کاتن ۾ گريڊ هڪ کان چار گريڊ تائين خالي جاين تي نوڪرين لاءِ اميدوارن کان انٽرويو وٺڻ جو سلسلو گورنمينٽ هاءِ اسڪول سجاول ۾ شروع ڪيو ويو جتي هزارين اميدوارن جي شرڪت سبب انتظامن جي کوٽ تي اميدوارن سخت احتجاج ڪندي سهولتن جي اڻهوند ۽ ميرٽ بابت خدشا ظاهر ڪري ڇڏيا آهن اميدوارن موجب وڏي انگ ۾ ايندڙ نوجوانن جي ويهڻ لاءِ رڳو محدود ڪرسيون رکڻ سبب ڪين

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪوهه مري: مال روڊ تي ڊاٺل دڪانون

محرابپور ۾ صحافين جو ڪنوينشن، منشيات خاتمي ۽ صحافين جي حقن لاءِ جدوجهد جو اعلان

صحافين جو ڪنوينشن ۽ نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري جي تقريب منعقد ڪئي وئي

پريس ڪلبن لاءِ فنڊ، شهيد صحافين جي وارثن جي مالي سهائتا ۽ صحافين لاءِ خاص فنڊ قائم ڪرڻ جا مطالبا

خيرپور کان منشيات خلاف آگاهي مهم شروع ڪرڻ جو اعلان، ناسور جي خاتمي لاءِ حڪومت کان فوري قدم کڻڻ جي اپيل

خيرپور (ڊ ر) ريجنل يونين آف جرنلسٽس پاڪستان (رجسٽرڊ) جي اهتمام هيٺ محراب پور ۾ صحافي ڪنوينشن ۽ حلف

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ويجهو ڪراچي واهه مان نوجوان لاش مليو، هٿ تي شيراز سومرو لکيل، وارثن جي ڳولا شروع

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ويجهو ڳوٺ ڏتي بخش خاصخيلي وٽان ڪراچي واهه کي بيفيڊر مان نوجوان جو لاش هٿ آيو اطلاع

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

گمبٽ جي ڪچي واري علائقي ۾ بجلي جون لڳيل رهيل جون تارون چوري

ڳوٺ سائينداد دربان مان فيڊر چار جي ٿنڀن تان لکين رپين جون تارون لاٿيون ويون

رهواسين جو سرڪاري اثاثن جي حفاظت ۽ واقعي جو نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

گمبٽ (ت ر) سڳيون جي ڪچي واري علائقي کيٽي ڪنوري ٿاڻي جي حد ڳوٺ سائينداد دربان مان چور فيڊر چار جي ٿنڀن مان بجلي جون لڳل لکين روپين جون تارون لاهي ويا، کيٽي ڪنوري ٿاڻي جي حد ڳوٺ سائيندا دربان مان چور بجلي جون تارون لاهي کڻي ويا جڏهن تہ هڪ رات اڳ سرڪاري ڪيبل جون تارون بہ چور لاهي ويا هئا علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ سرڪاري اثاثن جي ڪا بہ مالڪي نہ ٿي ڪئي وڃي ۽ علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ معملي جو نوٽيس ورتو وڃي.

خيرپور ۾ فوتي ڪوٽا تحت نوڪرين جا آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاج

واپڊا اسڪارپ ملازمن ۽ متاثر اميدوارن حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي

عدالتي فيصلي کي 6 مهينا گذرڻ باوجود فوتي ڪوٽا جا آرڊر جاري ناهن ڪيا: مظاهرين

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ واپڊا اسڪارپ جي ملازمن ۽ فوتي ڪوٽا جي متاثر اميدوارن پاران فوتي ڪوٽا تحت نوڪرين جا آرڊر نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي شهباز ڦليوٽو جام وقار ميمڻ فياض سومرو شهباز ملاح بدرالدين منگنهار ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ فوتي ڪوٽا بابت داخل پٽيشن تي فيصلو ڏئي چڪيون آهن جنهن ۾ هدايت ڪئي وئي آهي تہ 2024 ع تائين جمع ٿيل فوتي ڪوٽا جي ڪيسن تي عمل ڪندي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ 5 کان 15 اسڪيل جي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو احتجاجي مظاهرو

حڪومت مختلف 47 سرڪاري کاتن ۾ لڳ ڀڳ 90 هزار خالي جاين جو اشتهار جاري ڪيو هو

سرٽيفڪيٽن جو مدو بہ ختم ٿي وڃڻ ۾ اچا ڏينهن ڪين مقرري جا آرڊر جاري نہ ڪيا ويا آهن: مظاهرين

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوارن جو پريس ڪلب اڳيان احتجاج مقرري جا آرڊر جاري ڪرڻ جو مطالبو تفصيل موجب آءِ بي اي (IBA) جي مختلف مرحلن ۾ ٽيسٽ پاس ڪندڙ 5 کان 15 اسڪيل اميدوارن پاران پريس ڪلب خيرپور اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ڪندڙ نوجوانن سنڌ حڪومت کان ٽيسٽ پاس اميدوارن کي جلد مقرري جا آرڊر جاري ڪرڻ جو مطالبو ڪيو احتجاج جي اڳواڻي زاهد علي عباسي صبغت الله

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

چيلهار: ڳوٺاڻا ۽ ٻارڙا مينهن نہ پوڻ ڪري دعا گهري رهيا آهن

ٿر ۾ مينهن نہ پوڻ سبب مارواڙن جون مشڪلاتون وڌي ويون، برسات لاءِ دعائون

چيلهار جي راڻاسر ترائي تي سوين ماڻهن پاران خيرات ۽ اجتماعي دعائون گهريون ويون

اسانجي گذر سفر جو ذريعو چوپايو مال آهي جيڪو بکن ۾ پاهه تي رهيو آهي: رهواسي

چيلهار (ن ع) ٿر ۾ اڃا تائين برساتون نہ پوڻ جي ڪري ٿر جا مارو ماڻهو مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيا آهن ۽ سندس چهرن تي مايوسي ڇانئيل آهي ۽ ٿر جي اڪثر علائقن ۾ برساتون وسڻ لاءِ دعاءِ خير گهرڻ سان گڏ مختلف هنڌن تي خيراتون وغيره پڻ ڪيون پيون وڃن . ان سلسلي ۾ ٿر خطي جي مشهور ترائي راڻاسر جي برساتون وسڻ ڪانپوءِ سموري ملڪ سميت دنيا جي ملڪن مان گهمڻ لاءِ ايندڙ ماڻهون ايندا آهن ۽ هتي اچي لطف اندوز ٿيندا آهن . هن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راضيديرو سگاوتي تڪرار تان هٿياربندن جي ڪاهه، گهرن کي باهيون

ڳوٺ لنڊي شيخ ۾ هٿياربندن ڪاهه ڪري چئن ڳوٺاڻن جي گهرن کي باهه ڏئي ڇڏي

متاثر خاندان پنهنجون جانيون بچائڻ لاءِ گهر ڇڏي محفوظ هنڌن ڏانهن منتقل ٿي ويا

باهه ڏيڻ سبب لکين رپين جو نقصان، اڳرا پوليس واقعي کان بي خبر

راضيديرو (ن ع) راضيديرو پرسان اڳرا ٿاڻي جي ڳوٺ لنڊي شيخ ۾ سگاوتي مسئلي تان هٿياربندن جي ڪاهه فائرنگ گهرن کي باهيون، لکين رپين جو نقصان، علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل، پوليس واقعي کان بي خبر، تفصيل موجب، اڳرا ٿاڻي جي حد ڳوٺ لنڊي شيخ جي رهواسي رضوان ولد عبدالرشيد شيخ مبينا طور لاڙڪاڻي مان پنهنجي برادريءَ جي هڪ ڇوڪري کي پيار پرڻي لاءِ ساڻ وٺي آيو جنهن ڪانپوءِ ڇوڪريءَ جي وارثن احسان علي شيخ ۽

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٺلهي اسٽيشن ۾ سينيٽري ورڪرن جي پگهارن مان ڪٽوتي خلاف احتجاج، ڪم ڇڏ هڙتال

پريس ڪلب کان حيدر چوڪ تائين ريلي ڪڍي ٽائون انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪئي

45 هزار روپين جي پگهار مان 5 هزار کان 10 هزار تائين ناجائز ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي: مظاهرين

ٽائون آفيسر کي بار بار شڪايتون ڪيون آهن پر هو نظر انداز ڪري رهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

ٺلهي اسٽيشن (ن ع) ڪاميٽي جي سينيٽري ورڪرن جو پگهارن ۾ ڪٽوتي ڪرڻ خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ڪم بند هڙتال ڪري ٽائون انتظاميا خلاف پريس ڪلب کان حيدر چوڪ تائين احتجاجي مظاهرو ڪري حيدر چوڪ تي سخت نعريبازي ڪري ڌرڻو هڻيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن سينيٽري ورڪر ممتاز شيخ، وحيد شيخ، نديم شيخ زاهد شيخ شاهد شيخ، جاويد شيخ ۽ سماجي اڳواڻ ڪامريڊ خالد حسين ڪوسو دڪاندار

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن جي اميدوار نديم عمر جو ٽيم سان ورلڊ گروپ فوٽو

ڪراچي ڪرڪيٽ جي بهتري لاءِ ڪرڪيٽ ڪئلينڊر جاري ڪيو ويندو: نديم عمر

چونڊجي آيل نوجوان عهديدارن سان وڏيون اميدون آهن، ڪراچي ڪرڪيٽ وڌيڪ بهتر ٿيندي: صدارتي اميدوار

مخالف ڌر کي بہ ساڻ کڻي هلڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي افواهن تي ڌيان نہ ڏيو متحد رهو

ڪراچي (اسپورٽس رپورٽر) ريجنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن ڪراچي جي صدارتي اميدوار نديم عمر چيو آهي تہ ڪراچي ڪرڪيٽ لاءِ باقاعده ڪرڪيٽ ڪيلينڊر جاري ڪيو ويندو جيئن سمورن زونن ۾ ڪلب ڪرڪيٽ کي وڌيڪ منظم فعال ۽ بهتر بڻائي سگهجي هن چيو تہ سڀ گڏجي ڪراچي ڪرڪيٽ جي ترقي ۽ بهتري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين جڏهن تہ چونڊجي آيل نوجوان عهديدارن سان وڏيون اميدون وابستہ آهن ۽ مخالف ڌر کي بہ ساڻ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ پوليس جي ڪارروائي، منشيات فروش عورت گرفتار 3 ڪلو چرس هٿ

ايس ايڇ او جي اڳواڻي ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي عورت رضوانا ماڇي کي سرگهو ڪيو

جوابدار عورت جو ساٿي حيدار ڏيرو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو سنڌس ڳولا جاري

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي پوليس ايس ايڇ او ڪوٽڙي اصغر ٿنيو جي اڳواڻي ۾ منشيات خلاف ڪارروائي ڪندي مبينا منشيات فروش عورت رضوانا ماڇي کي 3 ڪلو چرس سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوائي ڪئي آهي پوليس موجب جوابدار عورت جو ساٿي حيدار ڏيرو فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جڏهن تہ گرفتار

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار عورت ۽ منشيات

اسلام ڪوٽ ۾ امڪاني شراب گٽڪي خلاف ٽئين ڏينهن بہ ڌرڻو جاري

آبادي ويجهو گٽڪو کولڻ خلاف شهرين احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري سخت نعريبازي ڪئي

منشيات سبب نوجوان نسل متاثر ٿيندي، پرامن ماحول خراب ٿيندو: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ جي باءِ پاس روڊ تي آبادي ويجهو امڪاني طور کلندڙ شراب جي گٽڪي خلاف شهرين جو احتجاج ٽئين ڏينهن بہ جاري رهيو، رهواسين گذريل ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين کان گٽڪي جي دڪان آڏو احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڌرڻو هنيو آهي جتي ڏينهن رات وڏي انگ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ وائيلڊ لائيف کاتي جي ڪارروائي، ۾ زنده هرڻ هٿ، ٻہ ڄڻا گرفتار

ٿر مان ڪپرو آڻيل هرڻ وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام، جوابدارن خلاف ڪيس داخل

شڪار کاتي هرڻ کي تحويل ۾ وٺي وڌيڪ ڪارروائي لاءِ سانگهڙ منتقل ڪيو ويو

علائقي واسين جو اڇڙي ٿر ۾ غيرقانوني شڪار خلاف عملي مفروي ۽ سخت قدمن جو مطالبو

ڪپرو (ت ر) ڪپرو ۾ وائيلڊ لائيف کاتي جي ڪارروائي دوران زنده هرڻ وڪرو ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي شڪار کاتي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڊڪڻ لڳ نم شاخ جي آبادگارن جو پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج

ڊڪڻ (ن ع) ڊڪڻ لڳ نم شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ خلاف آبادگارن نم شاخ وٽ احتجاج رڪارڊ ڪرايو جتي مظاهرين آبپاشي عملدارن خلاف زوردار نعريبازي ڪري رهيا هئا.ان موقعي تي مظاهرين عبدالله

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪپرو: پوليس پاران هٿ ڪيل وڪرو ٿيڻ واري هرڻ

ڏگهڙي جي محمدي چوڪ جي خوبصورتي لاءِ پيور بلاڪ لڳائڻ جو ڪم شروع

ٽائون چيئرمين مير ذوالفقار ٽالپر جو دورو، جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو

محمدي چوڪ تي ڪم واعدن ۾ شامل نہ هو، پر بهتري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن: چيئرمين

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين مير ذوالفقار علي خان ٽالپر مرڪزي محمدي چوڪ جي دوري دوران چيو تہ محمدي چوڪ تي ڪم ڪرائڻ منهنجي واعدن ۾ شامل نہ هو پر شهر جي بهتري ۽ خوبصورتي کي نظر ۾ رکندي هتي پيور بلاڪ لڳايا پيا وڃن هنن اهڙين خيالن جو اظهار ڏگهڙي شهر ۾ جاري ترقياتي ڪمن جي سلسلي ۾ مرڪزي محمدي چوڪ جي چوڌاري پيور بلاڪ لڳائڻ واري ڪم جو جائزو وٺڻ دوران چوڪ تي موجود شهرين

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: نور علي ٻبر جا وارث پوليس خلاف احتجاج ڪندي

پوليس ۽ انتظاميہ بار بار خاطريون ڪرائڻ باوجود اغوا ٿيل ٻارن جي بازيابي لاءِ ڪو بہ قدم نہ کنيو: ايڪشن ڪميٽي

واعدا پورا ڪرڻ بدران احتجاج ڪندڙن کي ڌمڪيون ڏنيون وڃن، جنهن سبب سخت مايوسي پکڙجي وئي آهي

سکر مان اغوا ٿيل خشي مهر جي وارثن کي گرفتار ڪيو ويو، ٽن ڏينهن دوران پوليس جو ڪو بہ آفيسر احتجاجي ڪيمپ تي نہ پهتو

ايڪشن ڪميٽي 23 جولاءِ تي شام 5 وڳي ٻيرلو ٻاءِ پاس سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڌرڻا ۽ اهم شاهراهون بند ڪندي

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد ڀنڀرو) ٻيريا ايڪشن ڪميٽي اغوا ۽ گم ٿيل ٻارڙن جي بازيابي لاءِ جاري احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جو اعلان ڪندي 23 جولاءِ تي شام 5 وڳي ٻيرلو ٻاءِ پاس سميت سنڌ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

دادو: واپاري اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

چوهڙ جمالي ۾ قومي ڪارڪنن جي گمشدگي خلاف جسقم جي احتجاجي ريلي

ماڻڪ لغاري سميت ڪارڪنن جي آزادي لاءِ پريس ڪلب اڳيان نعريبازي ڪئي وئي

ماڻڪ لغاري کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: مظاهرين

چوهڙ جمالي (ن ع) چوهڙ جمالي ۾ جسقم تعلقي شاهبندر پاران ماڻڪ لغاري سميت قومي ڪارڪنن جي گمشدگي خلاف ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو جيئي سنڌ قومي محاذ تعلقي شاهبندر پاران جسقم ضلع سجاول جي صدر نظير لغاري جي فرزند ماڻڪ لغاري ۽ ٻين قومي ڪارڪنن جي گمشدگي خلاف منير آڪاش جمالي، اياز آخوند، برڪت جمالي، پٽيل اسماعيل سولنگي، جيئي سنڌ محاذ جي سيد امجد شاهه اصغريہ آرگنائيزيشن جي علي حسن

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور جو نوجوان ڪراچي مان پراسرار نموني مان گم، وارث پريشان

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان ڳوٺ عبدالڪريم سيال جو رهواسي 5 ڏينهن اڳ ڪراچي مان پراسرار نموني گم ٿي ويو آهي نوجوان ارشد علي سيال جو ڪو بہ پتو نہ پئجي سگهيو جنهن سبب سندس گهر ۾ پريشاني وارو ماحول پيدا ٿيل آهي ۽

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

گمبٽ پرسان ناري پسٽل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ چنل ڪلهوڙو ۾ پرڻيل ناري رضيہ ڪلهوڙو پسٽل جو فائر ڪري زندگي جو انت آندو

رضيہ خودڪشي ڪئي آهي (وارث) شڪ آهي قتل ڪيو ويو آهي جاچ ڪيون پيا: پوليس

گمبٽ (ت ر) گمبٽ پرسان ڪنب ٿاڻي جي لڳ ڳوٺ چنل ڪلهوڙو ۾ 20 سالا نوجوان ناري شادي شده رضيہ ڪلهوڙو پنهنجي گهر ۾ پاڻ سان پسٽل جا فائر ڪري خدڪشي ڪري ڇڏي اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڪوٽڏيجي اسپتال منتقل ڪيو جتان قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن تہ مقتولا

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: خودڪشي ڪندڙ ناري جو لاش پيل آهي

ڳوٺ جيوڻ لغاري واسين جو پوليس زيادتين خلاف احتجاج

گلاب لغاري پوليس جمشيد کي ناحق گرفتار ڪري رشوت طلب ڪئي: مظاهرين

رشوت نہ ڏيڻ تي 6 ڳوٺاڻن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏي، اعليٰ اختياريون نوٽيس وٺن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ڳوٺ جيوڻ لغاري جي رهواسين پاران گلاب لغاري جي پوليس جي زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي ڳوٺاڻن ٻڌايو تہ پوليس ڳوٺاڻي جمشيد کي ناحق گرفتار ڪيو آهي جڏهن تہ گلاب لغاري پوليس ڳوٺاڻي کي آزاد ڪرڻ لاءِ مبينا طور رشوت گهري آهي جيڪا نہ ڏيڻ تي 6 ڳوٺاڻن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، هنن مطالبو ڪيو تہ ڊي آءِ جي حيدرآباد معاملي جي جاچ ڪري ڳوٺاڻي جمشيد کي آزاد ڪرايو وڃي

لڪي غلام شاهه پرسان سماجي اڳواڻ کان موٽر سائيڪل ڦر

لڪي غلام شاهه (ن ع) لڪي غلام شاهه ٿاڻڪ وڻ ۽ ٽو جي وچ تي سنڌ مشهور سوشل ورڪر سماجي اڳواڻ ممتاز عدنان لاڙڪاڻو کان هيرلو ڌرڻي تي وڃي رهيو هو

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ جو عوام پاڻي ڪوٽ خلاف رستن تي نڪري آيو، ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو

جمعيت علماءِ اسلام پاران مولانا عبدالصمد رئيساڻي، مولانا صبغت الله بازري ۽ ٻين جي قيادت ۾ احتجاج ڪيو ويو

رهواسين پيادل مارچ ڪري ڊي سي ڄامشورو آفيس جي مين گيٽ آڏو ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، نعريبازي

ڪيترن ئي عرصي کان پاڻي جي شديد کوٽ سبب رهواسي سخت پريشان آهن، پر انتظاميا سنجيده قدم نٿي کڻي: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جو عوام پاڻي جي کوٽ خلاف رستن تي نڪري آيو ڪوٽڙي سائيٽ جي مختلف علائقن ۾ پاڻي جي سخت کوٽ خلاف جمعيت علماءِ اسلام تعلقي ڪوٽڙي جي سڌ تي مولانا

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: نوجوان واهه ۾ وهنجي رهيا آهن

REDAMCO
RAILWAY ESTATE DEVELOPMENT
AND MARKETING COMPANY (PVT) LTD
MINISTRY OF RAILWAYS - STATE OWNED ENTERPRISE

INVITATION OF SEALED BIDS
GOLDEN BUSINESS OPPORTUNITY FOR PUBLIC PRIVATE PARTNERSHIP
PAKISTAN RAILWAYS PRIME LAND AVAILABLE ON LEASE MODEL

RAILWAY ESTATE DEVELOPMENT & MARKETING COMPANY (Pvt) LTD (REDAMCO), a subsidiary of the Ministry of Railways, invites Sealed Bids under a Single-Stage, Two-Envelope on Two Variables i.e. offered bid against the Benchmarks on One Time (non-refundable) Premium/ Commitment Fee and Annual Rental by the Bidders for grant of Lease Rights. Firms/ Companies, and Individual Bidders shall quote offers as per the following Terms and Conditions: -

Purpose	Mix-Use Commercial, Shopping Plaza/ Market, Corporate offices, IT Parks, Hotel, Hospital/Healthcare, 3-S Dealership, Retail Outlets and Food Outlets
Period of Lease	21 Years (Extendable for another 21 Years)
Annual Increase in Rent	08% Compound
Mobilization period	24 Months from the Date of Possession
Building Construction	As per Local Construction Bye Laws
Pre-Bid Meeting	28-07-2026 at 02:00 PM at REDAMCO Head Office or can be attended on Zoom
Submission of Bids	On or before 11-08-2026 at 02:00 PM at REDAMCO Head Office
Date of Technical Bid Opening	11-08-2026 at 02:30 PM at REDAMCO Head Office

S. No	Location	Area (Sft)	Coordinates	Bid Security PKR (In Million)	Benchmark Commitment Fee (Non-refundable) PKR in Million	Benchmark for Annual Rental PKR in Million
	Peshawar Division					
1.	Peshawar Station Yard (Near Dry Port)	36,000	34° 0'7.62"N, 71°33'7.77"E	05	100	10
2.	Attock City Station Yard (Plot-A)	40,800	33°46'40.07"N, 72°21'32.36"E	05	60	07
	Rawalpindi Division					
3.	Rawalpindi, Mareer Chowk, Kashmir Road	8,162	33°36'0.98"N, 73° 3'42.31"E	03	30	05
4.	Islamabad Sangjani (Plot-A)	68,592	33°42'2.53"N, 72°49'48.85"E	05	60	10
5.	Haripur Station Yard (Plot-B-1).	27,000	33°59'8.80"N, 72°55'43.11"E	03	20	06
	Lahore Division					
6.	Lahore, Industrial School on Railway Road	30,064	31°34'26.88"N, 4°20'13.53"E	05	100	12
7.	Rajbah Road Faisalabad A-1	35,338	31°24'51.01"N, 73° 4'40.29"E	05	87	10
8.	Rajbah Road Faisalabad A-2	21,752	31°24'50.50", 73°4'38.16"E	05	55	07
	Multan Division					
9.	Multan, Tariq Road (Plot B)	35,893	30°11'49.48"N, 71° 26'53.83"E	05	100	10
10.	Dera Ghazi Khan, Station Road Plot-A	32,330	30°3'2.87"N, 70° 37'26.82"E	05	50	07
11.	Khanewal, Station Road Plot 2-A	27,235	30°18'22.75"N,71° 55'53.61"E	03	40	05
	Sukkur Division					
12.	Rahim Yar Khan, Airport Road	40,295	28°24'33.85"N, 70°17'23.36"E	03	40	06
13.	Sukkur Bunder Road Plot A & D	65,209	27°41'29.85"N, 68°52'11.79"E	05	100	15
	Quetta Division					
14.	Quetta Plot Opposite Custom Office	24,000	30°11'32.82"N, 67° 0'6.23"E	03	25	06

- Bidding process shall be conducted in accordance with PPRA Rules 2004 (amended up to date).
- List of Sites & Google map available on www.redamco.com. The areas shall be subject to the actual measurement at the time of Possession.
- Bidders to offer their Bids on the Commitment Fee and Annual Rent against each of the site separately.
- Separate bid required along with Bid Security Fee for each site in favor of Railway Estate Development & Marketing Company (Pvt) Limited.
- Duly filled sealed Bid (site name marked on top right corner of the sealed envelope) should be submitted at the address given below up to 02:00 PM on 11-08-2026 and Technical Bids shall be opened on the same date at 02:30 PM in the presence of bidders or their authorized representatives.
- As per clause 33 of PPRA Rules 2004, REDAMCO reserves the right to reject all Bids at any time prior to the acceptance/approval of a bid, without thereby incurring any liability to the affected bidder(s) or any obligation to inform the affected bidder(s).
- For further queries/information, please contact on the numbers mentioned below

PID(I)595/26

URAAN PAKISTAN

MANAGER PROCUREMENT – (CELL 0313-6601616 & 0302-5269452)
Email: mp@redamco.com
RAILWAY ESTATE DEVELOPMENT & MARKETING COMPANY (PVT) LTD. (REDAMCO)
1st FLOOR, CORPORATE OFFICE, SERVICE ROAD (SOUTH), SECTOR I-11/1, ISLAMABAD, PAKISTAN
PHONE:051-9278717-20, www.redamco.com

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي، جاري ڪئي.